ڏرا سُرنگي ڍاٽ

(ٻنگل لهجي ۾ ڍاٽ پرڳڻي جو تاريخي ۽ تهذيبي احوال)

شڪتيڏان گَويا

امر رائيسنگهه راجپوت



ڏرا سرنگي ڍاٽ

(ڍنگل لهجي ۾ ڍاٽ پرڳڻي جو تاريخي ۽ تهذيبي احوال)

ليکڪ: شڪتيڏان ڪويا

مترجم: امر رائيسنگھ راجپوت



ڊجيٽل ايڊيشن:
2020ع

سنڌ سلامت ڪتاب گھر

BOOK NO: (256)

ڌرا سرنگي ڍاٽ
(تاريخ)
ليکڪ: شڪتيڏان ڪويا
مترجم: امر رائيسنگهه راجپوت
آڪٽوبر 2019ع
ڪمپوزنگ/ٽائيٽل:
ڪنول پبليڪيشن، قنبر
03337523132

ڊجيٽل ايڊيشن: 2020ع
سنڌ سلامت ڪتاب گهر
books.sindhsalamat.com

قيمت: 200 روپيه

DHARA SURANGE DHAT
(History)
Author: SHAKTI DAN KAVIA
Translater: Amar rai Singh Rajput
First Edition@ Oct: 2019

@ KANWAL, Publication Kamber

اسٽاڪسٽ

سمبارا ڪنول ڪتاب هائوس، سيد آرڪيڊ، قاضي محله ــــ حيدرآباد
پيتائي ڪتاب گهر، گاڏي کاتو حيدرآباد ـ ڪنگ پن بڪ شاپ، پريس ڪلب، حيدرآباد ـ
شير يزدان بڪ اسٽال، ڀٽ شاهه ـ ڪاٺياواڙا اسٽور اردو بازار ڪراچي ـ رابيل ڪتاب گهر، لاڙڪاڻو ـ
مهراڻ ڪتاب، ڪپرو ـ العزيز ڪتاب گهر، عمرڪوٽ ـ سليمان برادرس، نواب شاهه.
مدني بڪ اسٽور، دادو ـ سراج بڪ اسٽور، قنبر، ٿر ڪتاب گهر، مٺي ـ
ڪنگري بوڪ شاپ، اسٽيشن روڊ، ميرپورخاص ـ المهراڻ ڪتاب گهر، سانگهڙ ـ
عبدالرزاق بڪ اسٽال ميهڙ ـ مرچولال بوڪ ڊيپو، بدين ـ سوجهرو ڪتاب گهر، بدين ـ
سنڌيڪا ڪتاب گهر سکر ـ ڪنول ڪتاب گهر، مورو ـ

امراڻو امراوتي، ڏرا سرنگي ڍاٽ،
راجي سوڍا راجوي، پهه پرمارن پاٽ.

ارپڻ

سنڌ جي سوروير، سپوت ۽ سگڻ

سوڍن

جي نانءُ

جن جي لاءِ چيو ويو آهي:

سوڍا تو گر ساھ، نت راڻا گھڻا هن راڄ ۾.

---- امر رائيسنگھ راجپوت

سنڌ سلامت پاران:

سنڌ سلامت ڊجيٽل بوڪ ايڊيشن سلسلي جو نئون ڪتاب **”ڏرا سرنگي ڀاٽ“** اوهان اڳيان حاضر آهي. ڍنگل لهجي ۾ ڀاٽ پرڳٽي جي تاريخي ۽ تهذيبي اَحوال جو ليکڪ شڪتيڏان ڪويا آهي جڏهن تہ سنڌيءَ ۾ ترجميڪار امر رائيسنگھ راجپوت آهي.

هي ڀاٽ جي منظوم تاريخ آهي، جيڪا راجستان جي چارڻ ڪوي ڊاڪٽر شڪتيڏان ڪويا لکي لکي آهي، اها ڀاٽ جنهن جي اڇن ڏڙن واري ڌرتيءَ جي پنهنجي هڪڙي نرالي سونهن، ثقافت ۽ سڃاڻپ رهي آهي. ڀاٽ جي رجواڙن ۽ ريتن جا رکوالا صدين کان سوڍا رهيا آهن. سوڍا جيڪي سونهن، سورهيائي، ۽ عقل ۾ مڙني کان مٿيرا رهيا آهن. سوڍا جيڪي سنڌ جي سونهن آهن. سوڍا راجپوت اقوام شاهيءَ جي 36 ڪلن ۾ شامل پرمار ڪل سان تعلق رکن ٿا، جن جو ونس اگني ونس آهي. راجپوتن جي تابناڪ تاريخ نہ رڳو راجپوتانا جي ريتيلن ڏڙن ۾ روشن رهي آهي، پر سنڌ جي ڌرتيءَ تي بہ سورنهن آنا سونهي آهي. سنڌ جي مايا ناز شاعر شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ پنهنجي ست سورمين ۾ ٽن راجپوتاڻين کي ڳايو آهي.

هي ڪتاب ڪنول پبليڪيشن قنبر پاران 2019ع ۾ ڇپايو ويو. ٿورائتا آهيون امر رائيسنگھ راجپوت جا جنهن ڪتاب جي ڪمپوز ڪاپي موڪلي سنڌ سلامت ڪتاب گهر ۾ پيش ڪرڻ جي اجازت ڏني.



محمد سليمان وساڻ
مينيجنگ ايڊيٽر (اعزازي)
سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام
sulemanwassan@gmail.com
www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

سٽاءُ

مترجم پاران:

هي ڍاٽ جي منظوم تاريخ آهي، جيڪا راجستان جي چارڻ ڪوي ڊاڪٽر شڪتيڏان ڪويا لکي لکي آهي، اها ڍاٽ جنهن جي اڇن ڏڙن واري ڌرتيءَ جي پنهنجي هڪڙي نرالي سونهن، ثقافت ۽ سڃاڻپ رهي آهي. ڍاٽ جي رجواڙن ۽ ريتن جا رکوالا صدين کان سوڍا رهيا آهن. سوڍا جيڪي سونهن، سورهيائي، ۽ عقل ۾ مڙني کان مٿيرا رهيا آهن. سوڍا جيڪي سنڌ جي سونهن آهن. سوڍا راجپوت اقوام شاهيءَ جي 36 ڪلن ۾ شامل پرمار ڪل سان تعلق رکن ٿا، جن جو ونس اگني ونس آهي. راجپوتن جي تابناڪ تاريخ نہ رڳو راجپوتانا جي ريتيلن ڏڙن ۾ روشن رهي آهي، پر سنڌ جي ڌرتيءَ تي بہ سورنهن آنا سونهي آهي. سنڌ جي مايا ناز شاعر شاهہ عبدالطيف ڀٽائي پنهنجي ست سورمين ۾ ٽن راجپوتاڻين کي ڳايو آهي. ڀٽائيءَ جي ست سورمين ۾ ٽي نج راجپوت آهن. سر ليلان چنيسر ۾ ليلا، سر سورٺ راءِ ڏياچ ۾ ستي سورٺ، ۽ سر مومل راڻو ۾ مومل رانوڙ. ڀٽائيءَ جي ستن سورمين ۾ شامل مارئي پڻ راجپوتاڻي آهي، پر ان کي اڃا تائين تاريخ مڪمل طور راجپوتاڻي تسليم ناهي ڪيو ۽ تاريخ ۾ ڪٿي ڪٿي جزوي طور مارئي بہ راجپوت مڃيل آهي. جئين هڪ پراچين بيت ملي ٿو تہ.

قاضي امرڪوٽ جا تون توري ڪج تپاس،
مون ناناڻو مرڏر، ڏونگر ڪڇ ڏاڏاس،
ڦول سندي ڌيئڙي ۽ لاکي جي ڀيڻاس،
لکئي لوڙايو مون پالڻي پيءُ ڪياس،
ويهي پلنگ پاس آئون لوئي ڪيئن لڄايان.

ڪنهن ڪويءَ جي ڪٿيل هن قديم ڪٿٽيءَ مان اهو پتو پوي ٿو تہ مارئي ڪيرا ڪوٽ جي ڪڇي ڄام ڦول راو جي ڌيءُ ۽ ڀٽائيءَ جي شاعريءَ جي هڪڙي سورمي لاکي ڦلاڻيءَ جي ڀيڻ هئي. جنهن جو پالينڌڙ پيءُ پالڻي

سوٽهڙ هو. ڄام ڦول راو جي راڻي ميراڏي جي ڪک ۾ ليٽيل مارئي پنهنجي سج جهڙي سونهن ۽ حب الوطنيءَ جي ڪري ملڪان ملڪ مشهور رهي آهي.

پٽائيءَ جتي سورمين کي ساراهيو آهي، اتي سورمن کي به وڏ ڪان وڏ واکاڻيو آهي. مومل سان محبت ڪندڙ راڻي مينڌري کي پٽائي وڏي پيٽا ڏني آهي، سوڍو راڻو مينڌرو پڻ ان ڏاٽ جو راڻو هو جنهن جي هي تاريخ مون ترجمون ڪئي آهي. سوڍن نه رڳو محبت جي ميدان ۾ پاڻ مڃرايو آهي، پر ڌرتيءَ جي سڏ تي رڻ يوميءَ جي ميدان ۾ پڻ ساڻيهه تان سر گهوري سرها ٿيا آهن. هانسيسر جي هانسي کان وٺي امراڻي جي راڻي رتن سنگهه تائين بهادرن ۽ ديش ڀڳتن جي هڪڙي اهڙي مالها آهي جنهن جا موتي اڄ به افق تي آفتاب وانگي اوجيس ڪن ٿا. اهڙن سوڍن جي شاندار تاريخ کي لکندي جتي شڪتيڏان ڪويا انجس ڪيو آهي اتي ان کي ترجمون ڪندي آئون پڻ فخر محسوس ڪيان ٿو. پنهنجو پاڻ کي ڀاڳوندا سمجهان ٿو جو هي سوڀاڳيه منهنجي مقدر جو حصو بڻيو آهي!!.........

هن ڪتاب کي سنڌي ويس ۾ آڻڻ جو سهرو اول ۾ رائسنگهه سوڍي جي سر ڏانهن وڃي ٿو جنهن جي زرخيز ذهن ۾ اهڙي تخيل جو تصور اڀريو. ٿيو هيئن هڪ ڀيري سندس ڳوٺ ۾ ڪچهري ڪندي هن ڪتاب جو ذڪر نڪتو ۽ رائسنگهه سوڍي اهو ڪتاب منهنجي هٿ ۾ ڏيندي چيو ته ”امر هي ٽرانسليٽ ڪرين ته تمام ڀلي ڳالهه“

مون ڪتاب وٺندي اول ڪتاب جو سرورق پڙهيو. جيڪو لکيل هو”ڏرا سرنگي ڏاٽ“ ليکڪ:۔ ڊاڪٽر شڪتيڏان ڪويا. ڪتاب جو سرسري طور جائزو ورتم. ڪم جي ڳالهه لڳي، سو رائسنگهه کي هائوڪار ڪري ڪتاب ڪڻي شام جو واپس پنهنجي ڳوٺ آيس. ٻارنهن مهينا ڪتاب کي نڪتي کان وٺي زبر تائين پڙهندو رهيس. لکيل ته هنديءَ ۾ هو پر ٻولي مارواڙي هئي اها به ڍنگل لهجي ۾، معنيٰ گاهه گنديءَ کان گهٽو هو. پر ڪم ۾ هٿ وڌم سو ڪٿي ٿو هٿ ڪڍان. نيٺ ترجمي ۾ لڳي ويس، سانده ٻن مهينن تائين ترجمو ڪندو رهيس، هاڻي رهي تشريح سو ان تشريح ته ماڳهين ترا

ڪڍي ڇڏيا. ڇاڪاڻ ته ڍنگل لهجي ۾ هڪڙي شيءِ جا الئه ڪيترا اسم گرامي، مثال طور گهوڙي کي ”پمنگ“ به چون ته ”ورهاس“ به چون، ”ڏجراج“ به چون ته ”ڪيڪاڻ“ به چون، هاٿيءَ کي ”گجراج“ به چون ته ”ماتنگ“ به چون، مينهن کي ”مهکي“ چون، اهڙا الئه ڪيترا لفظ هئا جيڪي وڏي مشڪلات سان سمجهه ۾ آيا. هڪڙي دوهي جي معنيٰ ڏهه دوها پڙهڻ کان پوءِ اندازي سان صحيح ملي ٿي ويئي، ڇاڪاڻ ته ان دوهي جو تاريخي پسمنظر سمجهه ۾ آيو ٿي ۽ ٻي اهم ڳالهه ته ڍنگل لهجي جي شاعريءَ ۾ ڪافيئي جو ورجاءُ تمام گهڻو آهي ائين چئجي ته ڪٿي ڪٿي اجائي پرمار ڪئي ويئي آهي، مثال طور هي ڪافيا تمام گهڻا ڏنل آهن، راڻ، جاڻ، آڻ، پرماڻ، راج، ڪاج، ڏاج وغيره. بهرحال ڏکئي ڪم کي به انسان آسان ڪري سگهي ٿو اگر دل ۾ سچائيءَ ۽ ڪم سان عشق هجي ته، مون به سچائيءَ سان محنت ڪري هي قلمي پورهيو سنڌي ادب جي جهوليءَ ۾ وڌو آهي. جهڙو منهنجو حال آهي اوهان اڳيان آهي. وڌيڪ پڙهي پوءِ پنهنجي قيمتي راءِ کان آگاه ڪندا ته وڏا وڙ. . .

ترجمي طور هي منهنجو پهرين تجربو آهي، ان ڪري ان ۾ ڪميون ڪوتاهيون به ٿي سگهن ٿيون ان لئه اڳواٽ معذرت. آئون اول ۾ ٺوراٺتو رهندس وڪيل رائسنگهه سوڍو جو جنهن اهڙو انمول ڪتاب نه رڳو هٿ ڪري ڏنو پر ترجمي لاءِ همٿائڻ سان گڏ ڇپرائڻ تائين هڙان توڙي وڙان پنهنجي محبتن جا گلاب دل سان آڇيا.

. آئون شڪر گذار رهندس ڊاڪٽر شڪتيڏان ڪويا جو جنهن ڍاٽ جي تاريخ کي منظوم پيٽا ڏيندي ههڙو شاندار ڪتاب لکيو.

انهن سڀنيءَ جا لکين احسان جن سدائين منهنجي پورهئي سان پيار ڪيو آهي. مون کي همٿايو آهي.

_ امر رائيسنگهه راجپوت
Cell: 0346-3751610

مهاڳ

سوڍا راڄ ونس

ڀارت پرديش جي اولهہ ۾ واقع سنڌ پرڳڻي جو پنهنجو ڪو بہ آزاد اتهاس دستياب ناهي، ٻين ملڪن جي تاريخي ڪتابن ۾ موجود ٽڙپکڙ معلومات ۽ مختلف واقعن جي آڌار تي ئي هن خطي جي باري ۾ ٿوري گهڻي ڄاڻ ملي سگهي ٿي. اهو ئي اصلي سبب آهي جو امرڪوٽ جي راڄ گهراڻي سوڍن پرمارن جي تاريخ جي ڄاڻ گهڻي وقت کان نہ ملي سگهي آهي، صرف هتان هتان جي شڪ تي مبني، مبهم ۽ اڌوري معلومات ئي ملي سگهي آهي. اها ڳالهہ بہ ناهي تہ راجستان جي ڪجهہ شتريہ ونشن سان سوڍن راجپوتن جو پراڻو تعارف ۽ تعلق نہ رهيو هجي، مارواڙ جي لوڪ تهذيب "جگديو ڪنڪالي" "عمر مارئي" ۽ " مومل ميندرو" جون ڪهاڻيون تمام گهڻيون مشهور رهيون آهن. سيمينارن ۽ محفلن ۾ رتن راڻا ڪي ڳايو ويندڙ عام ڳالهہ آهي. پاٻوجي راٺوڙ جي جيون ڪٿا ۾ عمرڪوٽ (امرڪوٽ) جو ذڪر آهي، جتي جي راڄ ڪماري سان هن جي شادي ٿئي ٿي، شاديءَ جا ڦيرا پورا ٿيڻ کان اڳ ۾ ئي پاٻوجي کي چارڻيءَ جي ڏڳين کي چورن کان ڇڏائڻ لئہ ڊوڙڻو پوي ٿو پاٻوجي جي ڪٽار سان چوئنريءَ جا ڦيرا ۽ شاديءَ جي رسم پوري ڪري سوڍي راڄ ڪماري جڏهن پاٻوجي جي گهر پهچندي آهي، تڏهن پاٻوجي کي امر ٿيل ڏسي ٿي ۽ هوءَ ان سان گڏ ستي چڙهي ٿي. انهن ڪهاڻين جي لوڪ مقبوليت جي ڪري ئي ڪهاوت آهي تہ "پرٿيجي ساري پرٿوي گائيجي سوڍا" سوڍن راجپوتن جي شان ۾ چيل چارڻ ڪوين جا دوها هيٺ ڏجن ٿا.

ڪيرت وليان ڪاهيلا دت وليان دوڍا
پرٿيجي ساري پرٿمي گائيجي سوڍا

راڻا امرڪوٽ را گيا جمارو جيت
جيان را منگل ڏمل ۾ گوريجي جس گيت

سوڍا امرڪوٽ را سر ڪٽايا شمشير
واهي هٽيان ويرهر وانڪا ڀارت وير

ايڪ ايڪ سون آڳرا راڻا امرڪوٽ
پرگٽ هوئا پرمار وي ماٽينگر منموٽ

ان ۾ ڪو بہ شڪ ناهي تہ ڀاٽ ۽ ٿروٽ ۾ گهٽ اچ وڃ جي ڪري راجستان جي شتريہ سماج ۾ سوڍا راجپوتن جي باري ۾ معلومات جو ڏڪار رهيو آهي. هن جو مکيہ ڪارڻ شايد اهو آهي تہ، تاريخ جي ڪتابن ۾ سوڍن جو ذڪر نہ هئڻ جي برابر رهيو آهي هن بابت ڪجهہ ڳالهائڻ شايد وڏائہ نہ ٿيندو.

پرما راج ونس

ڀارت جي تاريخ ۾ راجپوت راج ونسي ڇٽيهہ ڪل مڃيل آهن. جيڪي هن ريت آهن.

دس روي سون دس ششي سون دئادس رشي پرماڻ
چار هتاسن تي ڀيو ونس ڇتيس وکاڻ

(ڏهہ سوريا ونش، ڏهہ چندر ونس، ٻارنهن يادو ونس ۽ چار اگني ونس، ٽوٽل **36** ڪل آهن)

چار اگن ونش ۾ هي شامل آهن **1**. چوهاڻ **2**. سولينڪي **3**. پڙهياڙ ۽ **4**. پرمار: پرمار جي معنيٰ آهي پر+ مار = ٻين کي مارينڌڙ. پرمارن جو اصلي مڪان آبو جبل مڃيو ويندو آهي، آهستي آهستي پرمارن پنهنجي طاقت جو استعمال ڪندي جلدي ئي ڀارت، اتر ۾ ڪشمير ۽ ٽهري گڊوال (هماليہ) ڪان ڏکڻ جي ڪرناٽڪ تائين ۽ اوڀر ۾ بنگال ڪان اولهہ ۾ رتناگر ساگر(سنڌ) تائين پنهنجي حڪومت ڄمائي ورتي. ان جي ڪري ئي پرٿوي پرماران ٽٽي پرٿوي ٽڻان پرمار" واري ڪهاوت مشهور آهي، ڇترين جي ڇٽيهہ ڪلن ۾

هڪڙي وقت لڳ ڀڳ سموري هندستان تي صرف پرمارن ئي راڄ ڪيو ۽ پرمارن پرٿوي پتي سڏايو. آبو جبل کان لهي پرمارن چندراوتي نگري وسائي، جتي سنڌوراڄ پرمار راڄ ڪيو. رڻ ڌوجي پرمار چندراوتيءَ کان ڪوچ ڪري اجين وسايو ۽ پنهنجي بادشاهيءَ جو بنياد رکيو. اجين ۾ ئي راجا وير وڪرمادتيہ پيدا ٿيو جنهن چڪرورتي سمراٽ سڏايو. ان جي نالي سان ئي وڪرمي ڪئلينڊر يعني، وڪرمي سنبت جي شروعات ٿي. پرمار ڪل ۾ ئي يشوي راجا ڀوڄ ٿيو. جنهن "ڌارا" نگري وسائي ۽ پنهنجي راڄڌاني قائم ڪئي. شاعر چيو آهي تہ:

"ايڪ اجين ڌار ڀيجو آبو ڀيسٽو"

پنجين ڇهين صديءَ ۾ ڪنهن وقت ڌار کان اچي پرمار راجا ڌرٽي براهہ چتور تي پنهنجو راڄ قائم ڪيو ۽ پوءِ راجستان جي الهندي حصي تي حڪومت حاصل ڪري ورتي. پرمارن هتي جو راڄ ناگ جاتيءَ کان ورتو هوندو جيئن تہ هن دوهي ۾ ڏيکاريل آهي:

پرماران روڌابيا ناگ گيا پاتا
همين وچارا آسيا ڪڻ ري جهونپي چال

منڊور جي ناگادري ندي، اتي جو ناگ ڪنڊ، ناگور (ناگوڌر)، پشڪر جو ناگ، سيڪر جي آس پاس واري سرزمين انت گوچر وغيره ناگ جاتيءَ جي راجستان ۾ بادشاهي ڪرڻ کي ظاهر ڪري ٿي. راجا ڌرٽي براهہ پنهنجي نو ڀائرن ۾ راڄ جي نوڪوٽن (قلعن) کي ورهايو. تنهنڪري مارواڙ کي نوڪوٽي مارواڙ چوندا آهن. ڪوٽ ورهائڻ بابت شعر هيٺ ڏجي ٿو:

منڊور سانونت هوئو اجمير سنڌ سو
گڊ پونگل گجمال هوئو لوڌروو ڀاڻ يو

آل پال اربڌ يوجراج جالنڌر
جوگراج ڌر ڍاٽ هوئو هانسو پارڪر

نوکوٽ ڪراڙو سنجگتا ٽر پنوار هر ٿاپيا
ڌرٽي براهه ڌر پايان ڪوٽ بانٺ جو جو ڪيا

ڌرٽي براهہ جو وڏو پٽ ديوراج ٿيو جنهن آبو تي راڄ ڪيو. ننڍو پٽ باهڙراءِ هو جنهن ٻاڙمير وسايو. راو باهڙ جو راو چاهڙ ٿيو. چاهڙجي جا ٻہ پٽ**1**. سوڍاجي **2**. سانکلاجي ۽ هڪ ڌيءَ ڪلياڻ ڪنور (سچيا ماتا) هئي.

سچيا ماتا جو مندر ڪراڙو جي کنڊرن وچ ۾ اڄ بہ موجود آهي ۽ ٻيو مندر اوسيان ۾ مشهور آهي. سچيا ٻائيءَ جي شادي جيسلمير جي ڀاٽي راجا سان ٿي هئي. سوڍاجي جي ڪل "سوڍا" سڏرايو ۽ سانکلاجي جي ڪل "سانکلا" سڏرايو. سوڍا لفظ سنسڪرت ٻوليءَ جي "سوڍ" مان نڪتل آهي جنهن جي معنيٰ آهي وير، بهادر، سمرٿ وغيره. سوڍن جون مکيہ ڇٽيهہ شاخون آهن، جن ۾ "سرتاڻ" اعليٰ شاخ آهي، جنهن امرڪوٽ تي "راڻا" پدويءَ سان راڄ ڪيو آهي. سوڍي سنڌ ۾ رتي مغل نالي ظالم بادشاهہ کي جنگ ۾ شڪست ڏيئي پنهنجي راڄڌاني رتي ڪوٽ ۾ قائم ڪئي ۽ "راڻا" جي لقب سان رتوڪوٽ گاديءَ تي راڄ ڪيو. سوڍاجي جي پيڙهيءَ ۾ راڻا رائيديوجي ٿيو جنهن عمرڪوٽ جو راڄ سومرن کان ڇني ورتو ۽ پنهنجي گادي جو هند عمرڪوٽ ٻڻايو.

امراٹو امراوتي ڌرا سرنگي ذات
راجي سوڍا راجوي پهه پرماران پاٽ

راڻا جسهڙجي ولد جئہ پرم امرڪوٽ تي وڪرمي سنبت **1282** ۾ پنهنجي حڪومت ڪئي ۽ ان حادثي ۾ سندس مددگار چارڻ جنف ڏيٺا کي ڪاروڙو جي جاگير "ڪروڙپساو" ۾ تحفي طور دان ڪئي. جتي اڄ بہ ان خاندان جا ماڻهو شري پيرڏان ۽ شري ڏيوي ڏان رهن پيا. ڪجهہ وقت ڪانپوءِ ايران کان ارغونن جو حملو ٿيو ۽ انهن هن علائقي کي پنهنجي قبضي ۾ ڪري ورتو. اهي ڪلهوڙن کان شڪست کائي ڀڄي ويا. ذات تي ڪجهہ عرصو دائود پوٽن جو بہ قبضو رهيو جيڪي پوءِ ٽالپرن (ميرن) کان شڪست کائي ڀڄي ويا. ٽالپرن ڪجهہ عرصو امرڪوٽ تي راڄ ڪيو بعد ۾ سڄي

سنڌ انگريزن جي قبضي هيٺ اچي ويئي. ٻاٽ جو راڄ هميشہ لاءِ سوڍن جي هٿ مان نڪري ويو. انگريزن ٻاٽ پرڳڻو جوڌپور صوبي کي ليز تي ڏيئي ڇڏيو. جوڌپور جي مهاراجا هن پرڳڻي کي پنهنجي صوبي ۾ شامل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، پر انگريزن کي ائين قبول نہ هو. انهن سمورو پرڳڻو ٿرپارڪر جي نالي سان پنهنجي وس ڪري ورتو. پرڏيهي حملن کان پهرين امرڪوٽ تي سوڍا راجائن جو راڄ رهيو پر هن عرصي ۾ جن راڻن راڄ ڪيو انهن جي باري ۾ معلومات ميسر ناهي صرف تي نالا عام ماڻهن جي ياد ۾ اچن ٿا.

1. **راڻا اوتار ديو:** هن جي شادي مارواڙ جي راو چونڊا جي ڌيءَ سان ٿي هئي.
2. **راڻا همير:** راڻا اوتار جي جان نشين جي باري ۾ ڪا بہ معلومات موجود ناهي. راڻا اوتار ڪانپوءِ راڻو ڏوڏو، راڻو چانپوءِ راڻو گانگو ٿيو.
3. **راڻا پرشاد:** راڻي گانگي ڪانپوءِ راڻو پتو عرف پرشاد عمرڪوٽ جي گاديءَ تي ويٺو. هو پنهنجي عرصي ۾ تمام مشهور رهيو. دهليءَ جي بادشاهہ همايون امرڪوٽ ۾ هن وٽ پناهہ ورتي هئي. راڻي هن جي جنگ ڪرڻ ۾ وڏي مدد ڪئي. همايون جي پناهہ وقت سندس بيگم حميده بانون سن **1542**ع ۾ مهان بادشاهہ اڪبر اعظم کي جنم ڏنو. راڻي پرشاد بيگم کي بادشاهي عزت ڏني، راڻي پرشاد ڪانپوءِ امرڪوٽ جي سوڍن جي تاريخ نہ ٿي ملي. سوڍن جو امرڪوٽ تي سن **1439**ع کان **1709**ع تائين راڄ قائم رهيو. انگريز شاهي ايسٽ انڊيا ڪمپني ٽالپرن کان هارائي ٻاٽ پرڳڻي تي پنهنجو قبضو قائم ڪري ورتو سوڍن بادشاهي "راڻا" پدويءَ سان گڏ پنهنجو راجائي رتبو ۽ رعب تہ قائم رکيو پر پرڳڻو هميشہ هٿن مان نڪري ويو. جنهن جي گادي امرڪوٽ تي رهي جتي ڪيئي نالي وارا راڻا ٿي گذريا. جيسلمير جي مهاراول پاران راڻي گانگي کان حڪومت ڇني جئہ سنگهہ کي گاديدار بڻايو ويو. ان ڪانپوءِ راڻا سرتاڻ سنگهہ (هن جو اولاد سرتاڻ سوڍا سڏائين ٿا) راڻا آسڪرڻ، راڻا سگرام، راڻا کيم سنگهہ، راڻا سگرام سنگهہ دوم، راڻا سورج سنگهہ، راڻا سبل سنگهہ، راڻا مهراج دوم، راڻا پيوت سنگهہ، راڻا صورت سنگهہ، راڻا پيرڏان سنگهہ، راڻا جسونت سنگهہ، راڻا ارجڻ سنگهہ ٿيا. موجودهہ وقت راڻو همير سنگهہ آهي جنهن پنهنجي بنا پرڳڻي راڻا پدوي قائم

رکي آهي. ۽ هن وقت پاڪستان پيپلز پارٽي ۾ سنڌ اسيمبلي جو ميمبر آهي. راڻا همير سنگهه جو والد صاحب راڻا چندر سنگهه ننڍي کنڊ جو وڏو نالو آهي. سن1930 ع ۾ جنم وٺندڙ راڻا چندرسنگهه سوڍا جاتي ۾ تمام اهم رهيو. هي ٿرپارڪر سنڌ مان ايم-اين-ايءِ ايم-پي-اي رهيو. اولهه پاڪستان لاهور ۾ اپ منسٽر رهيو ۽ ترت ئي پوءِ پاڪستان سرڪار ۾ نارڪو ٽيڪس جو وفاقي وزير ٿي رهيو. راڻا چندرسنگهه جي وڏن کي انگريز سرڪار پاران جاگير ۽ ساڙهي ٻنڌياڻ مليل هو. راڻا چندر سنگهه جي شادي راوتسر جي راوت تيج سنگهه ۽ پدم شري لڪشمي ديويءَ جي ڌيءَ سان ٿي. راڻا چندرسنگهه جا چار پٽ آهن.

1. شري جنگ وجئه سنگهه.
2. شري همير سنگهه.
3. شري پوپت سنگهه.
4. شري پرتيپال سنگهه.

راڻا چندرسنگهه جي فقط هڪڙي ڌيءَ آهي جنهن جي شادي شاهپور پيلواڙا جي ٺاڪر پرتاب سنگهه (آئي-اي-ايس) جي پٽ شري نرپت سنگهه سان ٿي آهي. راڻاچندر سنگهه جا ٻه ڀائر هئا. اندرسنگهه ۽ بلوبرسنگهه. جيڪي پهرين ئي فوت ٿي چڪا آهن. راڻا چندرسنگهه جو مرتيو پهرين آگسٽ 2009ع ۾ ٿيو.

انگريزن سان بغاوت:

ٽالپرن کي شڪست ڏئي انگريزن هي علائقو ته پنهنجي هٿ هيٺ ڪري ورتو پر پوري ٿرپارڪر ۾ غيريقيني واري صورتحال، بربادي، ظلم ۽ حملن جو زور وڌي ويو. سوڍا به پنهنجو دٻدٻو قائم رکڻ لاءِ ڪوششون ڪرڻ لڳا. انهن دعويٰ ڪئي ته اسان جي حڪم کي پوري ٿر ۾ مڃيو وڃي ۽ انهن کي راجائن وارا حق ڏنا وڃن. پاليٽيڪل ايجنٽ ڪرنل ٽائروٽ عرف تروٽ بغاوت کي ٿڏو ڪرڻ جي ڪوشش ۾ سوڍن جي ڪيئي گهرجن کي مڃڻ جو پڪو پهه ڪري ورتو هو پر هي جيڪو ڏيئي رهيو هو اهي سوڍا قبول نه ڪري رهيا هئا، ان ڪري تروٽ سوڍن جي انڪار ڪانپوءِ امرڪوٽ ڪان ڏهه ميل مفاصلي تي موجود ڳوٺ ڪيجڙيالي جي محمل علي شاهه سيد کي ڍاٽ ليز تي ڏيئي ڇڏيو. ڍاٽ جي عوام هن فيصلي جي خلاف ڀرپور بغاوت ڪئي محمد علي شاهه بغاوت کي ڪچلڻ جي ڪوشش ڪئي عوام تي پنهنجي من ماني هلائيندي، زوري وصوليون ڪرڻ لڳو. اهڙي ظلم خلاف عوام عمرڪوٽ جي راڻي وٽ فرياد ڪٺي وئي پر اتان ڪو به فائدو نه مليو. ان وقت ڍاٽ ۾ راڻي ڪانپوءِ هڪ سوڍي جوڌي رتن سنگهه پٽ اڻند سنگهه جو ئي رتبو عوام ۾ تمام گهڻو مقبول هو. محمد علي شاهه جي تمام گهڻي اتياچار جي ڪري عوام رتن سنگهه وٽ دانهن ڪٺي ويئي ته انصاف ڪيو وڃي، پر اهڙي شڪايت تي ڌيان نه ڏيندي تروٽ چيو ته، رتن سنگهه هن ليز واري معاملي ۾ مداخلت نه ڪري ۽ هن مسئلي کان پري رهي. هن کي ڪجهه زمين جي لالچ ڏني، پر هن قبول نه ڪئي. ڍاٽ جي جنتا جي دانهن ڪوڪن کي ڪنائيندي سوڍي رتن سنگهه محمد علي شاهه جي ظلم خلاف بغاوت جو اعلان ڪيو ۽ ڪيس گولي هڻي ماري ڇڏيو. عوام رتن سنگهه کي ڍاٽ جي راڻپ ڏيڻ جو اعلان ڪري ڇڏيو ۽ تروٽ کي ليز ختم ڪرڻ تي مجبور ڪيو ويو. راڻا رتن سنگهه کي انگريز سرڪار گرفتار ڪري مقدمو هلايو ۽ آخرڪار سزا موت ڏيڻ جو فيصلو ٻڌايو ويو. فيصلي جي خلاف بمبئي پريزيڊنسي کي گورنر ان ڪائونسل جي آڏو اپيل داخل ڪئي ويئي. اپيل منظور به ٿي، پر ڪن ماڻهن

جي دغا جي ڪري رڪجي ويئي ۽ انگريز سرڪار طرفان مليل معافي نامون تڏهن ڏيکاريو ويو جڏهن هزارين ماڻهن جي موجودگيءَ ۾ راڻي کي ڦاهي ڏني پئي ويئي. تڏهن راڻا رتن سنگهه چيو معافي سوڍا ناهن وٺندا، هو سوليءَ جو سينگار ٿي صحرائن ۾ سدا لئه سرخرو ٿي ويو. رتن سنگهه جا ٻه وڏا ڀائر اڳ ۾ ئي رتن سنگهه کي ڇڏي ٽالپرن سان گڏ ويا هليا. ڍاٽ جي عوام رتن سنگهه جي ٽن پٽن موهڙسنگهه، رڻ جيت سنگهه ۽ جيوراج سنگهه سان پنهنجي محبت جو اظهار ڪندي کين عزت ڏيڻ ۾ ڪا به ڪمي نه رکي آهي، رتن سنگهه کي ڍاٽ جو راڻو مڃيو ويو. رتن سنگهه جا ٽيئي پٽ ٻالڪپڻ ۾ هئا. رتن سنگهه جي ننڍي ڀاءُ امرسنگهه پنهنجي ننڍڙن ٻالڪ ڀائيٽين جو ساٿ نه ڏنو ۽ انهن کي پنهنجي قسمت جي سهاري ڇڏي ڏنو. ٽيئي نابالغ، جڳهه جڳهه تي ڀٽڪندي ڍاٽ ۾ پنهنجي عزت ۽ ڳالهه کي قائم ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا. هن ڪم ۾ انهن جي مدد ”ٿاني ڪا ٽلا“ جي سنگراسي سوڍن ڪئي. سنگراسي سوڍن جو وڏو ڀڳوجي سنگراسي محمد علي شاهه کي مارڻ ۾ رتن سنگهه سوڍي سان گڏ هو. هن کي ”ڪاري پاڻي“ واري سزا ملي ۽ انڊمان ڪوبار جي جهنگلن ۾ رهايو ويو. نابالغ هئڻ جي ڪري رتن سگهه جا پٽ راڻپ واري پدوي کان محروم ٿي رهجي ويا، پر حقيقت ۾ رتبو ۽ دٻدٻو انهن جوئي رهيو. موهڙسنگهه ۽ رڻجيت سنگه ته بنان اولاد جي ئي هي دنيا تياڳي ويا. جيوراج جا ٻه پٽ هئا. پيرجي ۽ سونجي، انهن جي جان نشينن ڍاٽ تي پنهنجو رتبو برقرار رکيو جيڪو سماجي ۽ راڄنيتي مسئلن جي ڪري پاڪستان ڇڏي، ڀارت ۾ جوڌپور (راجستان) اچڻ تائين ائين جو ائين قائم هو. ڀڳوجي جو ڪٽنب به جيسلمير هليو ويو. ڏيوي ڪوٽ ۾ سڪونت پذير ٿيو جتي ڀارت سرڪار طرفان **1971**ع جي جنگ ۾ مهاجرن جي روپ ۾ زمين ڏني ويئي. پيرجي ۽ سون جي جو اولاد جوڌپور ۽ جئه پور ۾ رهي پيو انهن ۾ ڪجهه واپار ڪن ٿا ته ڪجهه مختلف کاتن ۾ نوڪريون ڪن ٿا.

جيتمال سنگهه سوڍا

-141ڍاٽ ڏرا پولو دوتيه.
_آستا اسپتال پاوٽا جوڌپور **342006** (راج)

لوڪ گيت
”رتن راٺا“

مهارا رتن راٺا، ايڪر تو امراٽي گهڙلو پاڇو گهير
امراٽي ۾ ٻولي سووا مور، هو جي هو
مهارا رتن راٺا، امراٽي ۾ ٻولي سووا مور
باغان ۾ ٻولي ڪاڙي ڪويلڙي ري

(اي منهنجا رتن راٺا! هڪ دفعو امرڪوٽ گهوڙي ساڻ اچ. امرڪوٽ ۾ مٺا مٺا مور ٻولي رهيا آهن. باغن ۾ ڪاري ڪوئل ڪوڪي ٿي تولئہ. . هڪ ڀيرو اچ امرڪوٽ.)

مهاراساير سوڍا ايڪر سون امراٽي گهڙلو گهير
امراٽي ۾ مهوڙي را جهاڙ، هو جي هو
مهارا رتن راٺا، امراٽي ۾ مهوڙا را رونڪ
مهوڙا ماهين سون مڌ نيسري هو

(اي منهنجا سندر روپ سوڍا! هڪ ڀيرو امرڪوٽ گهوڙو وٺي اچ. امرڪوٽ ۾ مهوڙن جا وڻ آهن. مهوڙا جن مان شراب نڪري ٿو.)

مهارا رتن راٺا، ايڪر تو امراٽي پاڇو آو
امراٽي ۾ گهرٽ منڏاء هان ري
مهارا رتن راٺا، گهر گهريئي ۾ گهرٽ منڏاء هو جي هو
گينهوڙا پيسي جي هو جي، آٽئيو پيسي جي راٽي راو رو

(اي منهنجا رتن راڻا! هڪ ڀيرو امرڪوٽ واپس اچ. امرڪوٽ ۾ گهرٽين جي گهور آهي، گهر گهر ۾ جنڊ جوٽيل آهي. امرڪوٽ جون ڪماريون ڪٽڪ پيهي رهيون آهن. راڻا راو تولئہ تازو اٽو پيهي رهيون آهن.)

مهارا ساير سوڍا، ايڪر تو امراڻي گهڙلو ڦير

امراڻي ۾ گهڙي ري سونار

مهارا رتن راڻا، امراڻي ۾ گهڙي ري سونار هي پايلڙي

پايلڙي رم جهم باجي ري

(اي منهنجا سندر روپ سوڍا! هڪ ڀيرو امرڪوٽ گهوڙو وني اچ. امرڪوٽ ۾ سونارا زيور ٺاهين ٿا. امرڪوٽ ۾ سونارو ڇير گهڙي ٿو اها ڇير ڇم ڇم ڪري وڄي رهي آهي.)

مهارا رتن راڻا ايڪر سون امراڻي گهوڙو ڦير

پٽيئل اوڀي چاجليئي ري چانهه، هو جي هو

آنسوڙا ڍلڪاوي ڪاير مور جيون ري

(منهنجا رتن راڻا! گهوڙي ساڻ هڪ ڀيرو امرڪوٽ تان ڀيرو ڀڄي وڃ. تنهنجي ڏرم پٽني تولئہ اڀي پير بيٺي آهي، توتي پنهنجن چتن جي چانو ڪرڻ لئہ اتاولي آهي. هوءَ تنهنجي سار ۾ ساٿيءَ ۾ ويڳاڻي، ماندي دل سان ڊنل مور وانگي آنسو وهائي رهي آهي.)

مهارا رتن راڻا، ايڪر سون امراڻي گهڙلو گهير

امراڻي ۾، گهور انذار هان ري

مهارا سوڍا راڻا، امراڻي ۾ هي گهور انذار، هو جي هو

ولڪا ني لاڳي ري محل ماڙيان هو

مهارا رتن راڻا، ايڪر تو امراڻي پاچو آو.

(منهنجا رتن راڻا! گهوڙي ساڻ هڪ ڀيرو امرڪوٽ تان ڀيرو ڀيجي وڃ،
امرڪوٽ ۾ تو ڪانسواءِ گهور اونداهي آهي، تو بنا محل ماڙيون سڀئي اداس
لڳي رهيون آهن!)

لوڪ گيت

”مومل“

ڪاڙي ري ڪاڙي ڪاجليئي ري ريڪ جي
ڪوئي ڀوروڙان برجان ۾ چمڪي ويجڙي
ماڙيچي ري مومل هالو تو لي چالان امراڻي ري ديس

(ڪاري ڪاري ڪجل جي ڏارا ائين لڳي رهي آهي جئين ڀورن بادلن ۾ وڄ چمڪا ڪندي آهي. اي مارواڙ جي مومل هلين تہ توکي امرڪوٽ جي ديس ڏي وٺي هلان.)

سيس تو مومل رو سروپ ناريل جيون
ڪوئي چوٽي تو مومل ري واسينگ نانگ جيون
رنگ ڀيٽي اي مومل هالو تو لي چالون امراڻي ري ديس

(مومل جو مٿو تہ ناريل جئين خوبصورت آهي، چوٽي تہ جڻ واسينگ نانگ جو وراڪو هجي. اي رنگ برنگي مومل هلين تہ توکي امرڪوٽ جي ديس وٺي هلان.)

للوٽ تو مومل رو آنگڙئي چار جيون
ڪوئي ڀونئان تو مومل ري مرگهه لوچڻي
رنگ مينڻي اي مومل هالو تو لي چالون امراڻي ري ديس

(للاٽ تہ مومل جو چئن آڱرين جيترو آهي ۽ ڀيلهہ تہ هرڻ جهڙي آهي اي مٺي مومل! هلين تہ امرڪوٽ جي ديس وٺي هلان.)

ناڪ تو مومل ري سووٽئي ري چونچ جيون
ڪوئي آنکيان تو مومل ري رتن ناڙيان
راڻي اي مومل هالو تو لي چالون امراڻي ري ديس

نڪ مومل جو تہ طوطي جي چھنب جھڙو سنھڙو ۽ سندر آھي، اکيون تہ مومل جون الماس جھڙيون آھن اي راڻي مومل! ھلين تہ امرڪوٽ جي ديس ڏي وٺي ھلان.)

دانت تو مومل را ڏڙمئي را ٻيج جيون
ڪوئي ھونٺ تو مومل را ريشم را ڏورڙا
من ميٺي اي مومل ھالو تو لي چالون امراڻي ري ديس

(ڏند تہ مومل جا ڏاڙھون جي داڻن وانگي خوبصورت آھن، چپ تہ مومل جا ريشم جي داڳن وانگي سنھڙا آھن. اي من کي مٺي لڳندڙ مومل! ھلين تہ امرڪوٽ جي ديس ڏي وٺي ھلان)

ھاٿ تو مومل را چمپا ڪيري ڏاڙ جيون
ڪوئي ڪيسر جھرڻي مومل ري ڪڙايان.
راڻي ري اي مومل ھالو تو لي چالون امراڻي ري ديس.

(ھٿ تہ مومل جا چنبيلي جي ٽار جھڙا آھن، مومل جون ڪرايون بہ ڪيسر جھڙيون پيلون ۽ خوبصورت آھن. اي راڻي جي مومل! ھلين تہ امرڪوٽ جي ديس ڏي وٺي ھلان.)

پيٽ تو مومل رو پيپلئي پان جيون
ڪوئي ھينوڙو تو مومل رو ڪاچي ڏاو جيون
رنگ پيٽي اي مومل ھالو تو لي چالون امراڻي ريس ديس

(پيٽ تہ مومل جو پپر جي پن جيان آھي، من بہ مومل جو ميڻ جيان نرم آھي. اي رنگ ورني مومل! ھلين تہ امرڪوٽ وٺي ھلان.)

پائون تو مومل را چاندي ڪيري ڪانب جيون
ڪوئي ايڙيان ٿو مومل ري ھينگڙو ڏاريان
راڻي ري اي مومل ھالو تو لي چالون امراڻ ري ديس

(پير تہ مومل جا چاندي جي تند جيا چمڪندر آھن، کڙيون تہ مومل جون گلاب جي ٽارين جيان آھن اي راڻي جي مومل! ھلين تہ امرڪوٽ جي ديس ڏي وٺي ھلان.)

ٺاڪر جيوراج سنگهہ جو خاندان

ٺاڪر پيرجي ۽ سون جي وستت ڍاٽ تي راڄ ٺي ڪيو هو. انهن مڪمل ڪوشش سان 2000 ايڪڙ زمين پوکڻ لائق بنان ڪنهن ڍل ۽ لوازمي جي حاصل ڪئي ۽ وڏيلي(پڏيلي) ڳوٺ جو بنياد رکيو. ترت ئي پاليٽيڪل ايجنٽ تروٽ جيو راج سنگهہ کي ڍاٽ جو بينچ مئجسٽريٽ مقرر ڪيو. جيوراج سنگهہ جي ننڍي پٽ سون سنگهہ کي انگريز سرڪار پاران معزز پوليس پٽيل مقرر ڪيو ويو. سون سنگهہ 1927ع ۾ گذاري ويو. جيوراج سنگهہ جو وڏو پٽ ٺاڪر پيروسنگهہ هندي، سنڌيءَ ۽ گجراتي ٻولين تي مڪمل عبور رکندڙ هو. ان کي راجستان ۽ امرڪوٽ جي راجپوتن جي تاريخ جي باري ۾ وڏي معلومات هئي. ٺاڪر پيرجي گورنر جو درٻاري ۽ لوڪل بورڊ آف امرڪوٽ جو ميمبر هو. سوڍا سماج جو معزز هئڻ ڪري راڄنيتي طور سماج هن جي وڏي عزت ڪندو هو. سن 1959ع ۾ هي ڳٺوان سوڍو سرڳواس ٿي ويو. ان جو پائيٽو ٺاڪر سوائي سنگهہ سنڌي، هنديءَ ۽ گجراتي ٻولين جو ماهر هو. 1952ع ۾ هو سنڌ اسيمبلي جو ميمبر ٿيو ۽ "جسٽس آف پيس" بہ رهيو. هي سن 1961ع ۾ گذاري ويو. هن جا چار پٽ ۽ ٽي ڌيئر هيون. پٽ سروپ سنگهہ، هري سنگهہ، رگهوربير سنگهہ ۽ دليپ سنگهہ هئا. وڏو پٽ سروپ سنگهہ بہ پيرا ٿرپارڪر ضلع ڪائونسل جو ميمبر ٿيو. پاڪستان مان پارت اچڻ کانپوءِ هي چارئي پائر جوڌپور ۾ رهندا آهن. ٺاڪر پيرجي جي وڏي ڌيءَ جي شادي چٽلواٽا (سانچور) جي راو رڙمل سنگهہ سان ۽ ننڍي جي شادي جيسلمير جي مهاراول گرڌرسنگهہ سان ٿي. ٺاڪر سون سنگهہ جي ڌيءِ جي شادي ڪنور چمن سنگهہ داسپان (پينمال) سان ٿي. ٺاڪر پيرجي جو هڪ پٽ ۽ بہ ڌيئر هيون. وڏو پٽ ڪماڻ سنگهہ وڏو زميندار هو. ٺاڪر پيرجي جي حياتيءَ ۾ ئي هي 1949ع ۾ گذاري ويو. ڪماڻ جا بہ پٽ ٿيا. پرٿوي سنگهہ ۽ جيتمال سنگهہ. پرٿوي سنگهہ 1975ع ۾ گذاري ويو. پرٿوي سنگهہ جي شادي گڊسيسر (بيڪانير) جي ٺاڪر شودان سنگهہ جي ڌيءَ سان ٿي.

هن جا چار پٽ ٿيا. رٺوپرسنگهه، رامچند سنگهه، مهاوير سنگهه ۽ دليپ سنگهه، رٺوپرسنگهه چارٽرڊ اڪائونٽنٽ آهي، دليپ سنگهه مائينگ انجنيئر آهي ۽ برلا وائيٽ سيمينٽ (ڪاريا) ضلع جوڌپور ۾ نوڪري ڪري ٿو آئون (ٺاڪر جيتمال سنگهه سوڍا جنم **1927**ع) ايم-اي (انگريزي ادب)، بي-ايس-سي، ايل-ايل-بي اولهه پاڪستان سپريم ڪورٽ (سنڌ ڪراچي) ۾ وڪالت ڪرڻ سان گڏ امرڪوٽ تعلقه ۽ ٿاڻا ڪائونسل ڪاروڙو جو چيئرمين ۽ فيڊرل ايڊوائيزري ڪائونسل آف منارٽي افيئرس گورنمينٽ آف پاڪستان اسلام آباد ۾ رهيو آهيان. آئون سنڌ ايگريڪلچرل پاليسي ڪميٽي گورنمينٽ آف سنڌ ڪراچي جو ميمبر ۾ رهيو آهيان. آئون نان ٽريڊيشنل آئل سيڊس جو وشيشگيه ۾ آهيان منهنجي شادي راجستان شيشن ڪورٽ جي جج شري پڳوت سنگهه جي چماوت(هراڀاٽا) جي ڌيءَ سان ٿي. آئون ”ڀاٽ ڏرا“ انٽرپرائيز جي آستا اسپتال جو بنيادي چيئرمين آهيان ۽ سوڍا شوسل ويلفيئر جوڌپور جو ميمبر آهيان. پنهنجن ٽن پٽن مهيپال سنگهه، پرهلاد سنگهه ۽ ڊاڪٽر ڪيلاش سنگهه سان گڏ جوڌپور ۾ رهان ٿو. منهنجي ٽن ڌيئرن ۾ وڏي جي شادي مهاراجا چندر ويرسنگهه رانوڙ (رتلام ايم-پر)، وچيٽ جي شادي شري يادويندرسنگهه رانوڙ گهنتيل (بيڪانير) ۽ ننڍيءَ جي شادي مهاراجا شري ڪرڻ سنگهه جي جهالا ٻڙي سادڙي (ميواڙ) سان ٿي آهي. وڏو پٽ ڪونر مهيپال سنگهه آستا اسپتال جو مالڪ آهي وچئين پٽ ڪنور پرهلاد سنگهه ڪمپيوٽر سسٽم ۾ بي-اي-ڪئي آهي، هن وقت هي پنج محل اسٽيل لميٽيڊ ڪلول (ٻڙودا) ۾ اي-جي-ايم ڪمپوٽر سسٽم جي عهدي تي براجمان آهي. ڊاڪٽر ڪنور ڪيلاش سنگهه (عرف ڊاڪٽر ڪشورسنگهه سوڍا) لياقت ميڊيڪل ڪاليج حيدرآباد (پاڪستان) مان ايم-بي-بي ايس ڪيو آهي، هن وقت آستا اسپتال پاوٽا (جوڌپور) ۾ ايڊمنسٽريٽو ۽ مئنيجر آهي.

جيتمال سنگهه سوڍا

ليکڪ پاران

پرستاوَنہ

ڏرا سرنگي ڍاٽ جي من موهيندڙ مواد جي شروعات ڪيان ٿو جوڌپور جي مهاراجا مانسگهہ (حڪمراني جو وقت سن **1860**ع کان **1900**ع) جي هن خوبصورت دوهي سان جيڪو هن ريت آهي تہ:

مهيلان سروهر ماروي مردان مارو ويس
راگان مارو راڳٽي ديسان مارو ديس

مذڪوره دوهي جي معنيٰ هي آهي تہ عورتن ۾ سيني کان سرس ۽ سندر ماروي آهي، مردن ۾ مارواڙ جا مرد مڙني کان مٿي آهن. راڳن ۾ مارو راڳڻي سيني کان وڌيڪ روح کي ريجهائيندڙ آهي ۽ ملڪن ۾ مارواڙ جو ڪو مٽ ئي ناهي، مارو ديش پراڻي زماني ۾ مرو منڊل، مرو ديش ۽ نوڪوٽي مارواڙ جي نالي سان سڏيو ويندو هو. بادشاهت جي نوڪوٽن جي ايراضي تمام وسيع هئي پر پرمارن يا پڙهيارن جي بادشاهي وقت سهوليت مطابق گادي وارو هند بدلجندو رهيو هو. ڪڏهن آبو (اربد)، ڪڏهن منڊور (منڊپور) تہ ڪڏهن ڪراڙو (ڪراٽ ڪوپ) تخت گاهہ رهيا. نوڪوٽي مارواڙ جي راج شاهيءَ جي مرڪز جا نالا هيٺ ڏنل دوهي ۾ نمايان آهن.

ڍاٽ ڪراڙو پارڪر لوڏروو جالور
آبو پونگل ناگور سون نوڪوٽان منڊور

جئين تہ مٿي ڏنل دوهي ۾ پهرين نالو ڍاٽ (عمرڪوٽ) سرزمين جو آيو آهي. ڍارت جي ڪوٽ وارن شهرن ۾ تمام پراڻو بہ عمرڪوٽ عرف (امرڪوٽ) ئي آهي. سنڌو سڀيتا جي شاندار ۽ سرس ثقافت جي ارتقائي سرزمين بہ اها ئي آهي. سناتن تهذيب جي ترقي سيني کان پهرين ڍاٽ جي ڍولڻ ڏرتي کان ٿيندي مانڊ–ڏرا (جيسلمير سرزمين) ۾ پهتي، جتي مانڊ (ماڙ) راڳ جي پيدائش ٿي، انهي سرزمين جي پراڻي شهر لدروا (لودرپور) ۾ مومل جي ميڙي ۽

ان جي پير ۾ ٿي پراڻي ڪاڪ نديءَ جا وڏن وڏن پٿرن سان ٻڌل گهاٽ اڄ بہ ڏسي سگهجن ٿا. لوڪ تهذيب جي لاڪيٽي لهر ڍاٽ کان مانڊ ويندي ٿڙوات (مروسٿل) جي دڙن ۾ پهچندي، روپونتين (رجڪڻن) ۾ اهڙي رل مل ٿي جو انن جي اعليٰ نسل کي بہ ”ٿڙوات هوئاڪن ڍاٽ تٽي ٿڙي “ٻنگل چندن ۾ هڪ جهڙوئي واکاڻيو ويو. ٿڙي (ٿڙوٽ) جي لاءِ ”ري ڏوڙان آڙا ديس جگا“ حقيقت ۾ سجاڳيءَ جو سڏ آهي، تہ ڍاٽ جي دڙن جي مٺي منوهار بہ گهڻ اهميت واري ناهي. مشهور لوڪ گيت نانگور (ناگودر) ۾ آيل هي دوهو ڪيڏو نہ من موهيندڙ آهي.

آئو ناگودر سومرا ڍاٽ تٽي ڏوري
رهو اجوڻي راتڙي سيڻان ري ٿوري

راجستاني لوڪ گيت ”پوم پرکو هي نران، ڪهان پرکو بند“ يا ”نران سوائي ناريان“ جهڙين لوڪ ڪهاوتن ۾ بہ صورتمند ۽ سيرت مند راجپوتياڻين جي لاءِ ڍاٽ ۽ ٿڙوٽ ٻئي سرزمينون برابر مشهور رهيون آهن.

ار چوڙي ڪر پاتلي جيڪاري ري ٻاڻ
جي سک چاهو جيو رو تو ڏڻ ڍاٽيچڻ آڻ

(وڏيءَ ۽ ويڪري ڇاتيءَ ۽ سنهي چيلهہ سان سدائين جيءَ جيءَ ڪري سڏ ڏيندڙ سوڍيون ئي آهن جي زندگيءَ ۾ سک ڏسڻ چاهين ٿو تہ زال ڍٽ ڏجاڻي وٺي اچ.)

يا

گوپيان هوتي ڪرشڻ ري ڪرتي رنگ رليان
ڪرشڻ سڌايا دوارڪا وي ٿاڪ رهي ٿڙيان

جيڪڏهن ڪرشن جون گوپيون هجن ها تہ ان سان رنگ رليون ملهائين ها، پر ڪرشن رهيو دوارڪا ۽ اهي سندريون ڍاٽيچيون ٿر جي ٿاڪن ۾ رهجي ويون. ڍاٽ ۽ پارڪر ٻنهي جي سڃاڻپ سوڍن جي ديس واري آهي، جتي سوڍن شترين جي آدي پرش سوڍا پرمار پنهنجي راڄڌاني ڪراڙو (ٻاڙمير)

کان دولت ۽ طاقت سميت پڌاريو. شوواڙي ۾ وينل سچيا ديويءَ جي حڪم سان ڍاٽ جي رتو ڪوٽ نگر تي حڪومت ڪئي. (سنبت **1181** وڪرمي. ماگھ سڌي تيرس جي ڏينهن) سوڍي جي پٽ چاچڪ ديو راڻا عمر سومري کان راڄ کسي عمر ڪوٽ تي پنهنجي فتح جو پرچم لهرايو. ان وقت سال بابت گمان هوندي بہ امراڻ ڏرتي تي سوڍن جي بادشاهي واري ڳالھ سيني جي مڃيل آهي. شو واڙي بادشاھ شو هئڻ جي ڪري ئي پتراچار ۾ شپ سماچار واقع آهي” سوڍا لکي مهاديو جي را پرتاب سون “ (بانڪيداس جي لکت مطابق ”مهيچا لکي مليناٿ جي را پرتاب سون“ ”ڀاٽي لکي لکميناٿ جي را پرتاب سون“ ”منگڙيا ميهاجي کي پوڄين“ ”هندا چامنڊا کي پوڄين“ ”ديوراج ناگڻيچيا کي پوڄين” “گوگاديو گوسائين کي پوڄين“ سوڍي کي سچيا ديوي کان مليل آشيرواد جو ذڪر ڪجھ هن ريت آهي:

شو واڙي سچياء سياء هوئي سر راڻي
سوڍا اوٺ ڪاگ سهاء ڍاٽ ڏيڊو ڏٽياڻي

دل ميلي بل لاک ڪاگ اوجڙا ڪنڪي
سوڍان نان سومران جهيڪ واجيو جهنڪي

ڪٽ وسي اوسر تونا ڪنگا هوران وڙي هلاويو
ڀاري سوورس ڀياسي سوڍا امرڪوٽ آويو

تڏهن کان وني اڄ تائين ڍاٽ ۽ پارڪر ۾ سوڍن جو ئي ذڪر رهيو آهي. سوڍن جي سورهيائيءَ ۽ سخاوت ملڪان ملڪ مشهور آهي. شادي جهڙي شپ موقعي تي سوڍن جي گڻن سان ڀريل لوڪ گيت ڳايا وڃن ٿا. هي ڪهاوت تہ سيني کي ياد هوندي تہ” پرڻيجي ساري پرٿوي گائيجي سوڍا“ (شاديون تہ سڄي دنيا ڪري ٿي پر ڳائجن صرف سوڍا ئي ٿا) راجستان جي مشهور چارڻ شاعرن ۾ درسا جي آڍا جو نالو تاريخ ۾ امر آهي. مهاراڻا پرتاب کي آزاديءَ جو عشق ڏيارينڊڙ ڊنگل جو شاعر ڪوي منيشي درسا آڍا جو چيل هڪ دوهو پراڻن هٿ اکرن ۾ مليو آهي، جنهن ۾ ٽن آڳاٽن راجائن جي رحم دليءَ ۽

عقلمنديءَ جو ذڪر ٿيل آهي. پر سوڍن جي پوري قوم ۾ ڪوين کي ”سانسڻ“ (سوساشن) جاگير خيرات طور ڏيڻ ۾ سيڻي ڪان پهرين سنڌ ڪيو آهي.

سوڍا ڏيڻ جم سانسڻ، جام ڏيڻ ورهاس
سنڌر ڏيئو رائسنگهه، رٽ ڏيٽو روهيتاس

جهڙي طرح سوڍا راٺا ڪوين کي ”سانسڻ“ ۾ جاگيرون ڏيڻ جي ڪري تمام گهڻا مشهور آهن، اهڙي طرح جام نگر (ڪاٺياواڙ) جو جام راول گهوڙا (ورهاس) ڏيڻ ۾ مشهور هو. بيڪانير جو مهاراجا هاٿين جي دان ۾ ۽ بلاڙا جو مشهور ديوان روهيتاس ڪوي چارڻن کي شاندار رٿ ڏيڻ ۾ مشهور آهن. سوڍن جو پهريون شاعراڻو اتهاس ” سوڍائڻ“ (مها ڪوي چمن جي جولڪيل) جيڪو منهنجي ئي ادارت هيٺ ”راجستان پراچيا وڌا پرتيشٺان“ جوڌپور (راجستان) ڪان سن **1966**ع ۾ گرنٿانڪ **84** (شاعر جي ٻين رچنائن سميت) ڇپجي چڪو آهي. پوڄيہ شري مني جن وجئہ جي پاران سوڍائڻ ۾ لکيل اهم ڳالهين ۾ ۽ منهنجي تفصيلي مهاڳ ۾ سوڍن جي تاريخي فخر جي گهڻن پاسن ۽ ان ڌرتيءَ جي شاندار ثقافت سميت سوڍن جي سورهيائيءَ ۽ هوشياريءَ کي اجاگر ڪرڻ جي ڀرپور ڪوشش ڪئي ويئي آهي. موجوده صفحن جي لڳ ڀڳ اڌ ۾ اکرن ۾ معنيٰ ۽ آخر ۾ نالا ڇند ڏيئي ٽوٽل **336** صفحن تي مشتمل ڪيل سوڍائڻ ۾ منهنجو **92** صفحن وارو مهاڳ بسنت پڇمي سنبت **2022** (سن **1966**ع) جي ڏينهن پورو ٿيو. ان ڏينهن سرڪاري سرٽيفڪيٽ موجب آئون **26** سالن جو نوجوان هئس. اهو بہ هڪڙو عجيب اتفاق آهي تہ مها ڪوي چمن جي ڪويا جي لکيل سوڍائڻ ڪتاب جي رچنا **1933** وڪرمي سنبت ۾ مڪمل ٿي ۽ ان جي نڪتتم (ويجهي) خاندان ۾ جنم وٺندڙ هنن لکڻين جي خالق ۽ مالڪ (شڪتي ڏان ڪويا) جي مذڪوره ڪتاب ” ڏرا سرنگي ڍاٽ“ جي ڇپائي نيڪ **133** سال بعد يعني سنبت **2066** وڪرمي ۾ ٿي رهي آهي. ” سوڍائڻ“ جو ڇپائيندڙ شري جالم سگهہ سوڍو هو تہ ”ڏرا سرنگي ڍاٽ“ جو ڇپائيندڙ جيتمال سنگهہ سوڍو آهي ” سوڍائڻ“ جو ڇپائيندڙ اسلامڪوٽ جو سوڍو هو تہ ”ڏرا سرنگي ڍاٽ“ جو

ڇپائيندڙ امرڪوٽ جو سوڍو آهي. جالم سنگھ ۽ جيتمال سنگھ ٻنهي جي راس هڪڙي آهي. اصل ڀومي بہ ٻنهي جي اسلامڪوٽ ۽ عمرڪوٽ آهي، ٻئي ڪوٽن وارا هڪ جهڙا نالا آهن. انگريزن جي حڪومت وقت رتن راٺو ئي رعيت جي رکشا ڪندڙ هو. ان جو ٽڪاڻو وڏيلي (امراڻو) هو جيڪو ٺاڪر جيتمال سنگھ جي جنم ڀومي هئي تہ سوڍائڻ جي ليکڪ جي خاندان ۾ جنم وٺندڙ شڪتيڏان ڪويا جي جنم ڀومي ڳوٺ جو نالو بہ ٻارائي آهي. عمرڪوٽ جا سوڍا سرتاڻ آهن تہ ٻارائي جا چارڻ ڪوياڻ آهن. سوڍا ٻئي ڏات جا آهن تہ چارڻ ٻئي ٽڙوٽ جا آهن. سوڍائڻ جي ليکڪ ڪوي چمن جي چارڻ ڏات جي اڪثر ڳوٺن ۾ پرمڻ ڪندي لڪشميءَ ۽ ڪيرتي حاصل ڪئي تہ ”ڏرا سرنگي ڏات“ جي ليکڪ (شڪتيڏان ڪويا) بہ ڏات جي گهڻن ڳوٺن ۾ پرمڻ ڪندي گرھ لڇمي ۽ ڪيرتا حاصل ڪئي. هي عجيب اتفاق تہ پورب جنم جي سٺن ڪمن جو ڦل ئي آهي نہ تہ هن طرح جا خوبصورت اتفاق تہ تمام ناياب هوندا آهن.

ڍاٽ سان واسطو ۽ يادون

روايت آهي تہ منهنجي جنم ڀومي ڳوٺ ٻرائي جوڌپور کان بہ اڳاتو آباد ٿي آهي ۽ چارڻن جي کويا شاخ جو مٿاسرو (اصل جاءِ) بہ آهي، جنهن طرح ڏيٿا چارڻن جو مٿاسرو (مٿل) کاروڙو ڳوٺ (ڍاٽ) ۾ آهي. کويا جي اسان جو وڏو هو جنهن جي پويان اسان جي کويا شاخ هلي، ۽ ڏيٿاجي جي پويان ڏيٿا شاخ جو وجود پيو. ”کوي منشي پرڀو سوينيو“ جي مطابق تہ کوي جي هڪ معنيٰ ايشور بہ هوندي آهي. جهڙي طرح ڍاٽ جي لوڪ پوڄيہ مها شڪتي چارڻي ديوي ڏيول ماتا جي پيءُ جو نالو پليپوجيءَ ڏاڏي جو نالو سوڍيو جي هو، اهڙي طرح کويا شاخ جو اصل وڏو کويو جي هو. جيڪو ناهڙ راو پڙهيار (منڊور) کان عزت پرائيندي ٻرائي جي ٿي ورتمان واس چنگاواڙا (پراڻو نالو سورا سڏ) ۾ ”سانسڻ“ (سوشانسڻ) جاگير جي روپ ۾ حاصل ڪندي رهي پيو. سرحد سان لڳندڙ سرزمين ٻرائي ڳوٺ ٺيڪم جي کويا کي ان ئي علائقي جي رهواسي توسير جي اڳواڻ سونڊا شاخ جي راٺوڙ رهنما تولا سنگاوت پاران بهادريءَ ۽ سٺن ڪمن ۽ فوجي جٿي جي اڳواڻي ڪرڻ جي ڪري پيٽا طور ملي هئي. ”پتا نام است گڻ“ جي مطابق ٻرائي هن علائقي جي 16 ڳوٺن جي چارڻ منڊل ۾ لوڙي ڪاشي (لگهتي ڪاشي) جي روپ ۾ مڃي وڃي ٿي. سرگواسي ڏن ڏانجي لاڙس (چانچڙوا) هڪ گيت ۾ پاڙيسري ڳوٺ ٻرائي جي کوي منيشين (شاعرن) جي جنم جي جاءِ جي روپ ۾ بيان ڪيو آهي تہ :

ٻهو لائق هي گام ٻرائي پيڙا وسان گنات پائي
راجت هي کويا گڻ راسي کويتا ڪرڻ دوسري ڪاسي

مٿي ٻڌايل بيان جي باوجود گهٽو پڙهيل لکيل ورائي ڳوٺ جو آئون پهريون ماڻهو آهيان. شيرگڍ جي تنهن وقت تي، 103 ڳوٺن جي علائقي ۾ سڀ کان پهرين پرائمري اسڪول ٻالوسر ڳوٺ ۾ آزاديءَ کان هڪ سال اڳ ۾ کليو ۽ انهن ۾ سڀ کان پهرين داخل ٿيندڙن ۾ منهنجو بہ نالو شامل هو. ڏکين حالتن

جي ڪري منهنجي والد صاحب مون کي ٻالوسر مان وٺي مٺاڻيان ۾ منهنجي ماسي وٽ ڇڏيو. جتان مون پرائمري ۽ بعد ۾ مڊل اسڪول نهڻ سبب اٺون ڪلاس پاس ڪيو. انهن ئي ڏينهن ۾ ٻالوسر ۾ سڀ کان پهرين هاءِ اسڪول کلڻ جي پڪي خبر پڏي **1954_55**ع جي اندر منهنجي مڱڻي لاءِ ڪيئي ماڻهو آيا انهن ۾ ڪجهه اهڙا به هئا، جن جي وڏن پنهنجي ڏيئرن جون شاديون پسماندهه ٿري علائقن ۾ ان کان پهرين ڪڏهن به نه ڪيون هيون. هڪ ئي ذات ۾ " اڪي وڙيان — ٻي وڙيان" جهڙو پيد پاو هو. ڪنهن دولتمند يا پاڻ کان وڏي هستيءَ جي مالڪ جي ڇوڪرن کي لالچائي، نشو ڏيئي، يا زوري ڪنيي ڪٽي شادي ڪرائڻ وارا واقعا به ٿيندا هئا. جيڪي بعد ۾ ويجها رشتيدار ڏيج يا ٽيڪو ڏيئي صلح نامون ڪرائيندا هئا. ٻالوسر جي اسڪول ۾ نائين ڪلاس ۾ پڙهڻ وقت مون سان به هڪ منصوبابندي وارو اهڙو ئي حادثو پيش آيو پر منهنجي مزاحمت ۽ بحث بازي دؤران مخالفن مان هڪ اهم ماڻهو مون کي چيو ته وڏن وڏن گهراڻن مان آيل آچن کي ٺڪرائين ٿو ته هندستان کان ٻاهر وڃي شادي ڪندين ڇا! ؟.

آئون ته ڪنهن طرح تلوار ڪٽي اتان ٻاهر نڪري آيس، پر ڪجهه ئي عرصي ڪانپوءِ منهنجي مڱڻي هندستان کان ٻاهر ئي ڍاٽ ۾ ٿي. منهنجي ماءُ جي مرڻ وقت آئون ٻالڪ اوستا ۾ هئس بعد ۾ منهنجي وماتا جيڪا منهنجي ماءُ جي ڳوٺ جي هئي، سن **1954**ع ۾ اها به گذاري ويئي. آئون پنهنجي پيءُ جو اڪيلو پٽ هئس. منهنجي صرف هڪ ڀيڻ هئي جيڪا مون کان وڏي هئي.

هن جون به ساهورن ۾ رهڻ واريون حالتون حق ۾ نه هيون. بهرحال ٻالوسر هاءِ اسڪول جي پهرين بينچ جي شاگردن سان گڏ امتحاني سينٽر چوپاٽي (جوڌپور) ۾ مئٽرڪ جو امتحان ڏنو ۽ شاگرديءَ دؤران منهنجي شادي ڪاروڙو (امرڪوٽ) جي ڏيٽا شري ستيڏان (ڪمجي ڏيٽا زميندار ڪاروڙو جو پٽ) جي ڌيءَ سان تاريخ **7** مئي **1956**ع (سنبت **2013** ويساک تٽ ٻارس وار سوموار) تي ٻاڙمير ۾ ٿي. منهنجي ڇج ۾ ڳوٺ پاندور جو خوبصورت شاعر منشي ناٿو ڏانجي ٻارٹ (سنبت **1934_2018** وڪرمي) به هو جنهن کي ڊنگل ۽ پنگل جا ننڍا وڏا **63** ڪتاب برزبان ياد هئا. ٻنهي پاسن جا جيترا ڪوي (شاعر)،

پڙهيل لکيل، وڏوان، وڪيل، گلوڪار ۽ ٻيا فنون لطيف سان واسطو رکندڙ هئا ان تعداد ۾ اهڙا ماڻهوءَ ۾ ٻين مختلف ذاتين جا سپ گڏ ڏسڻ لئہ وري نہ مليا، چار ڏينهن ڇڄ جي جيڪا خدمت چاڪري ٿي ان جو سهرو شري نيبراج ڏيٿا جي سر ڏانهن وڃي ٿو جنهن جي لاءِ منهنجي ڇڄ ۾ آيل ڪوي برج لالجي ڪويا پنهنجي هڪڙي سورٺي ۾ هندو مسلم ٻنهي مذهبن ۾ ميٺ محبت حاصل ڪندڙ ۽ ٻنان رياست جي راجا واري لقب سان پيٺ ڏني آهي تہ :

مسلم راکي ماڻ، سهه هندو راکي سرج
ڏيٿا نيپ ڏيواڻ، راست بن بٽيو راجا

اڳئن سال سن **1957**ع ۾ چيٽ جي پنج تٿ تي ڪاروڙي (امرڪوٽ) ۾ منهنجي وڏي سهري شري آئيڏان جي ڏيٿا جي ٻنهي ڏيئرن جي شادي ٿي ۽ انهن ٻنهي ڇڄن سان گڏ پاسپورٽ ۽ ويزا وٺي آئون بہ پهريون ڀيرو پاڪستان ويو هئس. سانگڙ ڪان ڪيت سنگهہ وينو ۽ ”ٻارٺ ڪا گائون“ ڪان ٻڏڪرٽجي رتنو ٻنهي سان منهنجي ميٺ محبت رهي. ياترا جي عجب ۽ مڏر يادن جي سلسلي جي شروعات ۾ ٿي سرحدي ڳوٺ گڏڙو اسٽيشن تي ريل روڪي شري نيبراج جي ڏيٿا جي ناتي ان جو واسطيدار سمجهندي ڪيئي نوجوان هٿن ۾ چانهہ جون ڪٽليون ۽ لڏوئن سان ڀريل ٿال کڻي، ڇڄ واري ريل جي ڏٻي ۾ پهتا ۽ ”جئہ ماتا جي ري سا“ چئي سواگت ڪندي پنهنجي هٿن سان منائي ۽ چانهہ جي منوهار ڪرڻ ۾ لڳي ويا. انهن پاران جيڪو مان ۽ عزت ملي. اها هن وقت ۾ تہ ”اهي ڏينهن گذري ويا“ واري ڳالهہ کي ظاهر ڪري ٿو. ڇا تہ انهن اسان جو آڌرڀاءُ ڪيو هو. اسان جي نالي تان ٻلهيار ٿيا ٿي. ٻئي ڇڄيون جڏهن مقرر وقت تي ڏيولجي جي پاٺ ٿان ڳوٺ ڪاروڙي جي چونڪ ۾ پهچي ويون، تڏهن ساميئي جي وقت ٻڏڪرٽجي ۽ ڪيت سنگهہ ٻنهي گهوٽن جي برابر مون کي بہ هڪڙي گهوڙي تي ويهاري ڍاٽ جي شاندار ثقافت مطابق وڏايو ويو. ڍول، سارنگي، هارمونيم وغيره سان گڏ گلوڪار شاديءَ جا شپ گيت ڳائي رهيا هئا. نظر اتارڻ وغيره ۾ روپين جي جهڙي لڳائڻ ۾ اسان بہ ڪا ڪمي نہ رکي هئي. شاديءَ جي ٻي ڏينهن ڏيوي ڏيوتائين جي آستان تي وڃي

پوڄا ڪري ”جات“ ڏيڻ واري رسم پوري ڪئي. پنج ڏينهن تائين ڇڄون رکيون ۽ سوڍن سردارن سان گڏ ئي ان علائقي جي سڀني ذاتين جي اهم ماڻهن جي موجودگيءَ جي ڪري محفل جو مان ڪيئي ڀيرا وڌي ويو هو. موقعي تي من منوهار، ادب، موسيقي ۽ تاريخ جي لحاظ سان محفل ڏيواليءَ جي ڏيئن جئين جرڪي رهي هئي. پنج ڏينهن تائين ڇڄ جي متل محفل جي وچ ۾ هڪڙي ڏينهن تمام اهم ڪرم ڪرڻو هو جو وڏيلي نڪاڻي جي عقلمند، تاريخ جي ڄاڻ رکندڙ ڏيٿن جي گهڻ گهري، حفاظت ڪندڙ ۽ سموري راجستان جي اهم گهراڻن ۽ واقعن جي پوري پروڙ رکندڙ شري ٺاڪر ڀيرجي جو درشن ڪري ان کان آشيرواد وٺڻو هو. اسان ٽنهي ڄمائي راڄائن جي ڪاڪي سهري شريمان برڌ ڏانجي ڏيٿا، جگت ڏانجي رتنو (ٻارٽ ڪا گائون) ۽ اسانجي ٻين نوجوان ساٿين سميت ٺاڪر وڏيلي ۾ پنهنجو مان وڌائڻ لاءِ پهتاسين. ٺاڪر ڀيرجي هڪ وڏن پاون واري پلنگ تي ويٺل هو ۽ اسان سڀني سر جهڪائي سلام ڪيو. مونکي اڄ به ياد آهي ته، جئين ئي ورڌ ڏانجي ڏيٿا اسان ٽنهي ڄمائين جو تعارف ڪرائيندي چيو ”هي آهن شري ڪيت سنگهه جي سانگهڙ“ ته ٺاڪر ڀيرجي جو جواب هو ” ها سانگهڙ جا وينو“ ”هي آهن شري ٻد ڪرڻجي ٻارٽ ڪا گائون“ ته جواب ۾ ”ها ٻارٽ ڪا گائون را رتنو“ ”هي آهن شري شڪتيڏان جي ورائي“ جواب ۾ ”ها ٻرائي جا ڪويا“ ۽ پوءِ مون ڏانهن منهن ڪري چيائون ته ” ٻرائي جو ڪويا رامڏانجي شاعر هوندو هو ۽ ڇپني ۾ مون وٽ رهيو هو“ مون اڻ ڄاڻائي ۾ ان نالي کي صحيح نه مڃيو ۽ چيو ته ورائي ۾ صالوجي ڪويا ۽ بعد ۾ چمنجي ڪويا ته وڏا شاعر ٿيا. چمنجي ”سوڍائڻ“ ڪتاب لکيو. ٿي سگهي اهو هجي، پر ٺاڪر صاحب پوري وشواس سان پنهنجي ڳالهه ورجائي ته اهو ”رامڏانجي ڪويا ئي هو“ آئون چپ ٿي ويس. مون ته عام شاعرن جي لسٽ ۾ به هن جو نالو نه ٻڌو هو. ڳوٺ پهچي مون هي ڳالهه پنهنجي والد صاحب سان ڪئي، تڏهن والد صاحب گوونڌانجي منهنجي غلطي ٻڌائيندي چيائون ته” رامڏانجي ڪويا ته پنهنجي ئي خاندان جو هو. ڏڪار ۾ هو ڍاٽ ۾ رهيو هو. سنبت **1975** وڪرمي جي مها بيماري ۾ ڳوٺن جا ڳوٺ سڃا ٿي ويا هئا. ان ئي بيماي ۾ هو

ٻہ پنهنجي پنجن ڀائرن سميت فوت ٿي ويو هو. هن جي رهڻ واري گهر جا سڄا کنڊر ڏيکاريندي مون کي چيائون تہ هتي رهندو هو. مٿي بيان ڪيل ڳالهہ ٻڌي آئون حيران ٿي ويس. ان مهان ماڻهو لئہ دل ۾ پيار جو ديپ جاڳي پيو تہ، سنبت **1956** جي قحط ڏڪار ۾ سؤ ڪوهن جي دوري کان پنهنجي گذر سفر لئہ ”مارواڙ کان ڍاٽ“ ۾ پهتل هڪ عام ماڻهوءَ جو نالو ڳوٺ ۾ گڻ اڄ تائين ياد آهن. جيڪو ديس مشهور راڻا رتن سنگهہ جو پوٽو ۽ جيسلمير جي مهاراول شري گرڌرسنگهہ جو سهرو آهي. اهڙو حافظو تہ مالڪ جي نعمت هوندو آهي. جيڪو مون جيسلمير جي سرگواسي راڄ ماتا سوڍيءَ ۾ ضرور ڏٺو هو. هوءَ وڏيلي جي ٺاڪر پيرجي جي سپوٽ ڌيءَ (هوانڪنور ٻائي جيلال) ۽ موجوده ٺاڪر جيتمال سنگهہ) ڍات ڏرا ـ جوڌپور) جي پوجئہ ڦڦي هئي. سن **1957**ع ۾ جڏهن مون پهريون پيرو عمرڪوٽ شهر ڏٺو هو. تڏهن راڻا رتن سنگهہ سوڍي جي وفادار ۽ ديومالائي گهوڙيءَ جي سنبن جا چٽا نشان قلعي جي ديوار تي ڏٺا هئا. راڻي رتن سنگهہ کي قلعي ۾ گول ٺهيل سيڙهين واري اوچي مقام تي لوهہ جي وڏي ڪنيي تي تقريبا ٻہ اڍائي فوٽ جي تکي سولي تي لٽڪايو ويو هو. انگريزن جي اهڙي ظلم جي ڪري سڄ ايرڻ کان لهڻ تائين چٽي ويندڙ انگريز شاهي جو خاتمو ٿي ويو. جڏهن تہ امر قرباني ڏيندڙ راڻا رتن سنگهہ لوڪ گيتن ۾ ڳائجي پيو ۽ هڪ عام ماڻهوءَ مان مهاتما ٿي ويو. امرڪوٽ جي پهرين ياترا جا ٻہ يادگار لمحا اڻ وسرندڙ آهن. هڪڙو تہ من مٺي مومل (ماڙيچي) جي امر عاشق ”راڻا مينڌرو جو محل“ جتي کنڊر جي ڳاڙهين سرن ۾ پيار جو اجرو پنڇي ساهہ کٽي رهيو هو. ائين لڳي رهيو هو جڻ مومل سان ماڻو ڪندڙ راڻو سر راڻي ۾ ڪجهہ ڳائي رهيو هجي، جنهن کي ٻڌي روح کي راحت اچي وڃي. افسوس تہ سچي محبت وارو اهو منظر هاڻ ڪنهن کي شايد ئي ڏسڻ ۾ اچي. ٻي يادگار گهڙيءَ ۾ گهرو ڏک سمايل هو. جڏهن آئون دوستن سان گڏ امرڪوٽ جي بازار گهمي رهيو هئس. تڏهن هڪڙو ڏٻري ڏيل وارو غريب پوڙهو مسلمان منهنجي مٿي تي جوڌپري ڦينٽو ٻڌل ڏسي مون وٽ آيو ۽ پڇڻ لڳو تہ ” توهان جوڌپور جا آهيو“ مون هائو چيو تہ اهو اداس ماڻهو پرنم اکين سان مون کي چوڻ لڳو تہ ”منهنجي هڪڙي چانهہ پيئندا تہ مونکي

خوشي ٿيندي“ آئون بہ جوڌپور ۾ چائو هئس پر هت اچي تمام گهڻو ڏکي آهيان. هڪڙي گلاس ۾ هوٽل مان چانهہ ڪٽي آيو ۽ پيئڻ جي منوهار ڪرڻ لڳو. منهنجي پاسي واري نوجوان منع ڪئي، پر مون چانهہ جون بہ سرڪيون پري هن کي اکير مان پاڪر پاتو ۽ هن جيان هڪ اڻ ڪٽندڙ اداسيءَ ۾ وڃائجي ويس. ائين لڳو چڻ هن کي هن جو وطن ملي ويو هجي. منهنجي ٻي اهم ياترا سن **1963**ع فيبروري جي آهي. سنبت **2019** ڦڳڻ ساهي پنچون جي ڏينهن منهنجي سالي شري اندر ڏانجي ڏيتا جي شادي ڍاٽ جي مشهور ڳوٺ چارنور جي سکوجي گهوڙ جي ڏيءَ تاران ديويءَ سان مقرر ٿي. ڄڃ ائن ۾ گهوڙن سان ويئي هئي. هيڏانهن تہ هئي ڪاروڙي جي زميندار ڏيتا ستيڏانجي جي وڏي پٽ جي شاديءَ ۾ هوڏانهن سڀ ڪان دولت مند ۾ با اثر ڪنواريتا. ڏهہ ڪوهن جي مطابق چار ڏينهن اچڻ ۾ چار ڏينهن وڃڻ جا ٽوٽل **8** ڏينهن ياترا ۾ اچڻ ۾ وڃڻ جا الڳ رستا، وچ ۾ دعوتن جي ڪري ڪل چوڏهن ڏينهن ۾ ڄڃ واپس آئي. انهن ڏينهن ۾ منهنجي ڳوٺ ۾ پوسٽ آفيس نہ هئڻ ڪري شاديءَ جو خط (ڪنڪو چنديل) دير سان مليو. بهرحال سڄي ڊڪ ڊوڙ باوجود آئون هڪڙي ماڻهو چتراجي ستار سان گڏ ڪٽي گاڏي تہ ڪٽي اٺ سان ڪنهن طرح وچ رستي ۾ ڄڃ ۾ شامل ٿي ويس. ديسي گيهہ جي خوشبو، ڍاٽ جا مٺا لوڪ گيت، سگهڙ چارڻن جي محفل، هندو مسلم سيني ذاتين جا ملوڪ ڇاڇي، ڪنواريتن جي پاسي کان سوڍا لڇمڻ سنگهہ (ڇاڇرو) جيڪو انهن ڏينهن ۾ پاڪستان جي پارليامينٽ جو سيڪريٽري هو. اسان جي آجيان لئہ بيٺو هو. ڄڃ ۾ ايندي ويندي ڪارڪون ۽ پتاشا رستي ۾ بيٺل ٻارن ۾ ٻڍن ۾ ورهائيندا وياسين. مون کي ياد آهي ٽوٽل **9** مڻ ميوا، ڳڙ ۽ مصري وغيره گهر کان ونئي پهچڻ تائين پڪا ورهاياسين. فقير محمد علي شاهہ (زميندار) گهوڙي تي سوار هو. وچ رستي ۾ تقريبن پنج پيرا نماز پڙهي ۽ ڍاٽ جي اجري ريت (واريءَ) سان وضو ڪيو. منهنجي پر واري اٺ تي سوار ڇاڇي جي هٿ ۾ ريڊيو هو. اتفاق سان جئہ پور آڪاش واڻيءَ تان پابوجي راچند ڊنگل پاٺ منهنجي (شڪتيڏان ڪويا) آواز ۾ نشر ٿيڻ لڳا. خبر پوندي ئي سيئي اٺ ۽ گهوڙا رڪجي ويا. نشريات جي آخر ۾ چند پڙهندڙ

جي روپ ۾ منهنجو نالو ريڊيو تي ٻڌي ڪيترائي ماڻهو خوش ٿي منهنجي سهري ۽ وڏي سهري آئيڏانجي صاحب کي مبارڪ ڏيڻ لڳا. ان وقت جئه پور جي نشريات سنڌ ۾ ٻڌڻ ۾ ايندي هئي. مون کي چڱي ريت ياد آهي، شير راجستان جئه نارائڻ جي وياس جي گذاري وڃڻ تي شري مٿوراداس جي ماٿر (تنهن وقت راجستان حڪومت ۾ وزير) راجستاني زبان ۾ پوجئه وياس جي کي پيءُ برابر ٻڌائيندي شرڌانجلي ڏني هئي. ڍاٽ ۾ ڏيول مان جو درشن ڪري، اتي جي ڳوٺ جي خوبصورت ۽ پيرن پيادل ياترا ڪري واپس پارت ورڻ کانپوءِ انهي سال **1963**ع ۾ جوڌپور يونيورسٽي جي هندي شعبي ۾ سيني کان پهرين چونڊ ڪميٽي پاران سيني شعبن جي پروفيسر جي هڪ ئي لسٽ موصول ٿي. ان ۾ منهنجو به نالو هو. چارڻ ڪميونٽي ۾ يونيورسٽيءَ ۾ هندي ادب پڙهائيندڙ آئون پهريون ماڻهو هئس. مٿي ذڪر ڪيل منهنجي سڀ کان اڻ وسرندڙ ياترا (ڍاٽ پاڪستان) جي وقت ساهورن ۾ سس، سهرو، وڏو سهرو، ڪاڪي سهرو،سالو ساليون سڀ حياتي هئا ۽ انهن جو مون سان پيار بي لوث هو. مون کي ديوتا برابر سمجهندا هئا. سن **1963**ع جي پاڪستان ياترا جي وقت منهنجي پهرين پٽ ويريندر جي عمر صرف **3** سال هئي ياترائن ۾ سڀ کان اهم ۽ تلخ تجربن تي ٻڌل ياترا آهي جيون ياترا، هي دوهو ڪيترو نه سٺو ۽ نهڪندڙ آهي ته:

ڪئي ڦلي ڪئي ڦول رهي جڌپي نئي نيوه
ڪيتي باغ جهان کي کل کل سوک گيوه

جنهن سمي پارت ۾ هنگامي حالتون هيون. پاڪ-پارت لاڳاپن ۾ رنڊڪ هئي. اهڙو به هڪ موقعو آيو هو جو ڪنهن هندستاني هندو کي پاڪستان ياترا جي لاءِ ويزا حاصل ڪرڻ ۾ ڪيئي مهينا لڳي ويندا هئا. منهنجي سهري شري ستيڏانجي ڏيٿا جو المناڪ موت دل جي دوري پوڻ سبب تاريخ **8** سيپٽمبر **1976**ع تي سوجهاڪي جو پنهنجي گهر ۾ ٿيو. منهنجي سس ته هونئين ئي بيمار رهندي هئي جئين ئي اهڙي ڏک جي خبر تار وسيلي منهنجي ڳوٺ پهتي، تئين ئي منهنجي گهر واريءَ جو روئي روئي ان ڪري برو حال ٿيو ته، پيءُ صحتمند هوندي به گذاري ويو ته، منهنجي بيمار ماءُ جي هاڻ ڪهڙي

حالت هوندي؟ ان کي زنده ڏسي سگهڻ مڪمن هوندو يا نہ؟ ڪيئي سال گذري چڪا هئا هڪ ٻئي کي ڏسندي. ماءُ ۽ ڏيءَ جو وڇوڙو حياتيءَ جو وڏي ۾ وڏو حادثو هوندو آهي. منهنجي والد صاحب مون کي چيو تہ ”ڪنهن بہ حالت ۾ هن کي سندس ماءُ سان ملائي اچ“ آئون دهليءَ ۾ لڏو لاهي ويهي رهيس. ان وقت جي صوبائي گهرو وزير محترم رامنواس مرڌا جي ڀرپور ڪوشش سان، ان وقت جي پارٽي پرڏيهي ترجمان جگت مهتا پاڪستان جي اختيارين کي خط لکيو. منهنجي نالي تي مرڌا صاحب جي بنگلي تي لکيو. جواب ۾ عزت جي نگاهہ سان مون کي اختيارين وٽ حاضر ٿيڻ جو خط مليو آئون اتي پهتس تہ خود ويزا ڏيندڙ آفيسر مون کي چانهہ پياري ۽ پاسپورٽ (منهنجو ۽ منهنجي زال جو ۽ واسيديو ٻن ڇوڪرن سميت) منهنجي حوالي ڪيا. صرف ويهہ ڏينهن جي ويزا ملي. دهليءَ کان امرتسر، لاهور، ميرپور کان ٿيندي امرڪوٽ پهچڻ واري هن مشڪل سفر ۾ ضرورت مطابق خرچ ڪرڻ لاءِ پورا پئسہ بہ ڪٺڻ نہ ڏنائون. هٿ جي منڊي بہ ڪسٽم وارن جمع ڪري ڇڏي ۽ رڳي رسيد ڏنائون. ڏک جي ڪارڻ منهنجي مٿي تي ميٽي رنگ جو پٽڪو ٻڌل هو. ان جي جاءِ تي وڏيلي جي ٺاڪر جيتمال سنگهہ مونکي ڪاروڙي ۾ اڇي چنڙي جو پٽڪو ٻڌرايو. تاريخ **21** جنوري **1977**ع تي جوڌپور کان نڪري واپس تاريخ **15** فيبروري **1977**ع تي پهتس. ٻئي ڏينهن مهاشوراتري جو ميلو هئڻ ڪري مون **17** فيبروري **1977**ع جو يونيورسٽيءَ ۾ پنهنجو ڪم ڪار سنڀاليو. جاگير جو راٺو چندرسنگهہ ۽ وڏيليءَ جو ٺاڪر جيتمالسنگهہ سوڍا ٻئي سردار منهنجي ساهورين ڪاروڙي ۾ ساڳي ڏينهن آيا. مون کي دعوت بہ ڏني ۽ واپس پارت اچڻ وقت ٻنهي مشهور سوڍن سردارن پنهنجي مرضي مطابق پنهنجون گاڏيون لاهور تائين مون کي ڏيئي ڍاٽ جو ثقافتي مهمانوازيءَ جو شان ۽ مان رکي پنهنجي سوڍڪي سيوڪائي جو ثبوت ڏنو. ان اڻ وسرندڙ ياد جو احوال ”ڏرا سرنگي ڍاٽ“ جي ذريعي ظاهر ٿيو. مذڪوره ڪتاب ”ڏرا سرنگي ڍاٽ“ جي لکڻ جا بہ اهم مقصد آهن هڪ تہ تاريخي ۽ ٻيو ثقافتي، شاعريءَ جي شروعات علم جي ديوي سرسوتيءَ جي نانءُ سان ڪئي آهي ۽ پوءِ وشيشت مني پاران آبو جبل تي ويهي يگيہ ڪرڻ، ان ۾ دخل اندازي

ڪنڌڙ شيطانن کان بچاءَ لاءِ منترن آڏار چار چتري ڪل (پڙهيار، پرمار، سولنگي ۽ چوهاڻ) پيدا ڪرڻ جو احوال ڏنل آهي. پرمار لفظ جي معنيٰ آهي پر+مار= ڏارين کي مارينڌڙ دشمن جو ناس ڪنڌڙ ان ڪري پرمار جي سچاٽپ ئي بهادري واري آهي” سوڍائڻ“ ئي هڪڙو واحد ڪتاب آهي جيڪو سوڍن جي تاريخ اجاگر ڪري ٿو. سوڍائڻ جو ليڪڪ چمن جي چارڻ تمام اعليٰ پائي جي شاعرن ۾ ڳڻيو وڃي ٿو. ان سوڍائڻ جي شروعات شري گڻيش جي نالي سان هڪ گاهي چند سان ڪئي آهي ۽ ان ۾ ”سهه ڏاتار کهيجي سوڍا، سورج ونس اجاگر سوڍا“ جو ذڪر ڪنهن شڪ جي بنياد تي ناهي ڪيو پر حقيقي معنيٰ ۾ ڪيو آهي. باهه ته اصل ۾ سچ جو ئي سوروپ آهي ٻئي اصل ۾ هڪ ئي آهن.

اڳتي ڏاٽ، پارڪر جي اهم سوڍا حڪمرانن جي نالن سميت ڪجهه اهم واقعن، ان علائقي جي مهمان نوازي، ديوي ديوتائن، سنت ساڌوئن، راڻن جي جان نشينن جي حقيقي رشتن (ڪيترن ئي هندن تي پٽ بدران ننڍو ڀاءُ گادي تي ويٺو هو پر راون جي پيڙهي ۾ ان کي پٽ طور ئي ڏيکاريل آهي) جو احوال اچي ٿو. سوڍا حڪمرانن پاران راج ڪوي جي روپ ۾ ڪاروڙو ڳوٺ” ڪروڙ پسا“ سان گڏ دان ڪيو ويوهو. هن ڳالهه جي گواهي بابت پراڻو ڇاپيو اتي جي پراڻي وحيءَ ۾ مليو آهي. سواڙي جو اشٺ ديو ۽ سچيا ديويءَ جو روايتي پرڪرڻ ته نئين انداز سان ڊنگل ۾ ملي ٿو. نه ڄاڻ ڪيترن مشهور ماڻهن جي جنم ۽ مرڻ جون صحيح تاريخون، همايون جو بيگم حميده بانو سميت امرڪوٽ ۾ پناهه وٺڻ، اڪبر جي جنم جي تاريخ، سنبت، سال، مهينو تٿ ۽ وار سميت بيان ڪيو آهي. انگريزن ۽ ٽالپرن جي حڪمراني وقت رعيت تي ٿيندڙ ظلمن جي خلاف مزاحمت ڪندڙ راڻا رتن سنگهه جي واسطي ان جي مددگار آزادي پسند باغين جا ڪجهه نالا، رتن سنگهه کي انگريزن پاران سوليءَ تي لٽڪائڻ وارو وڪرمي سنبت ۽ سال ڪجهه دوهن ۾ بيان ڪيل آهي. جيڪو تاريخي لحاظ سان ڄاڻن ضروري آهي. جتين سوڍا واگهه سنگهه (وجئراجوت) ڳوٺ ڏاهلي جو ذڪر، هڪ چارڻ جو هڪ ”ٻالوچڻ“ گيت جي راڳ تي موهت ٿي ان راڳيءَ سان پنهنجي ڌيءِ جو رشتو ڪرڻ،

سوڍا ونش جي انيڪ بهادرن جو گئو ماتا جي بچاءُ لاءِ جنگ جي ميدان ۾ وڃڻ جا انيڪ واقعا وغيره وغيره.
تاريخي اهميت وارن دوهن جي مالها.

اگن ارڪ ايڪو ارٿ، اسر وڏوسڻ آڪ
پرماران سوڍا پرٿم، سورج ونس شاخ

باهہ ۽ سورج جي فلاسافي معنيٰ هڪ ئي هئڻ جي ڪري سوڍا سورج ونس آهن ۽ پرمارن جي شاخن ۾ سوڍا پهريون نمبر ۽ سيڻي ڪان وڏيڪ مشهور آهن. امرڪوٽ جا سوڍا گادي دار هئڻ ڪري سرتاڻ شاخ اهميت واري مڃي ويندي آهي.

شو واڙي سچيارو، آڏو اشٽ انوپ
سوڍي ني ور سنپيو پيو ڏاٿ رو يوپ

هن ڳالهہ جو پراڻو ڇپايو ۽ شو واڙي جي حوالي سان سوڍن جي "شو ڀڳتي" جو ذڪر "بانڪيداس جي لکٽي" ۾ پوئتي ڏنو ويو آهي.

ست چاهڙ سوڍو سپهه، هال رتو گڏ هيل
اگياري سو اڪياسي، ماهه سڌ تيرس ميل

سوڍا پرمار چاهڙ جي پٽ (ڪراڙو ڪان لڏي) سپ ڪان پهرين ڏاٿ ۾ رتو ڪوٽ تي حڪمراني ڪئي هئي. هن جي تاريخي جاڻ پهرون پيرو ڇپجڻ ۾ اچي رهي آهي. **1181** وڪرمي سنبت ماگهہ ساهي تيرس جو ڏينهن. هي جاڻ سوڍن جي راج ڪوي جي مشهور ڳوٺ ڪاروڙو (جتي منهنجا ساهورا آهن) ۾ هڪ پراڻي هٿ اکرن واري لکت ۾ ملي (سن **1977** ع ۾)
عمرڪوٽ جي راڻا جئہ پرم جي پٽ راڻا جسهڙ پرمار (سوڍا) ڏيتا جنف چارڻ کي "ڪروڙپسا" جي رسم ۾ اڌ ڪروڙروڪ رقم ۽ اڌ ڪروڙ جي عيوض ۾ ڪاروڙي ڳوٺ جي جاگير دان ڪئي هئي. سنبت **1291** وڪرمي ۾.

جئه ڀرم جي پٽ جسهوڙ ۾ جنف ڪوي جي هن تاريخي ڳالهه بابت ڇپايو هيٺ ڏجي ٿو. جيڪو ان ئي پراڻي هٿ اکرن واري لکٽي مان مليو آهي.

سهس ڏين سلوار، اسي ڏرواهڻ اگل
ترڻ سؤ ڪونڌي تيس جڪي دوجٽي مهاجل
سانديي ڪرها سؤ سات دڙڪ پچاس دئاگل
ٻجڙ ويسان دس ٻلا جڪي باج جهڙا ويگاگل
اڌڪوڙ گرٽ جسهڙ اچٽ ايڪاٽئو پرمار هو
جنف نان ڏيدي ڪاروڙو سمنت واري جئه ڀرم سهو

مٿي ٻڌايل وارتا سان واسطو رکندڙ دوها "ڏرا سرنگي ڍاٽ" ۾ **13** ۽ **14** پڙهڻ جهڙا آهن. جن ۾ ڪاروڙي جي ڏيتا چارڻن ڪي راٺپ واري لقب سان نوازڻ واري ڄاڻ به موجود آهي. مارواڙ ۾ اگڙاوا (ضلع جالور) جي روهڙيا ٻارٽ ۾ ڍاٽ ۾ ڪاروڙي جي ڏيتا، انهن ٻنهي ڳوٺن ڪي حڪمرانن پاران راٺپ جو لقب مليل آهي.

ڍاٽ جي لوڪ ديوتا پٿوري پير جي جنم تاريخ، وار سميت پهريون ڀيرو هن شاعري واري ڪتاب جي ذريعي ڇپجڻ ۾ اچي رهي آهي. سوڍا ڀاڻ جي پٽ مانڌڻ جي ڌرم پتني (زال) سونل جي ڪک مان پٿورو جو جنم سنبت **1556** وڪرمي سڌي ساتم سومر جي ڏينهن ٿيو. دوها **9_8** حاضر آهن.

آيو سونل ري اينڌر سوڍا ونس سڌير
مانڌڻ ست ڌر ڍاٽ ۾ پرگٽ پٿورو پير

پنري سوچيڻ پوٽان سڌ مگسر ساتم
هوئو سوم ني ڀاڻ هر جاڻ پٿورو جلم

بادشاهه اڪبر جي جنم ڀومي به امرڪوٽ آهي. هن شاعريءَ واري ڪتاب ۾ تاريخي لحاظ سان هر ڳالهه جو ذڪر ڪيل آهي، پر پنهنجي پاران ۾ صرف به دوها حاضر آهن جن ۾ همايون جي پناهه وٺڻ ۽ اڪبر جي جنم تاريخ جو صحيح احوال آهي ته:

ساهه همايون لي سرڻ جلميو اڪبر جيٽ
وانٺي ڪستوري وڙي امراڻي ڏر ايٽ

پنري سؤ ننانٿوي ڪاتي سڌ چٽ ڪوٽ
اڪبر وار اڌيت ني هوئو جلم همروٽ

پارڪر جو پونجو سوڍو سخاوت سان گڏ ڀڳوان جي وڏن ڀڳتن واري لسٽ ۾ بہ شامل آهي. هن پنهنجي ڌيءَ جي شادي، نادولا چوهاڻن ۾ وڏي وير بهادر راجوڌر چوهاڻ سان ڪئي هئي. جيڪو سوئي ڳوٺ جي رهواسي ۽ ” جڪتون ڪي واو“ جي سوامي هنگول جهڙي پينڪر دهستگرد ڪي هارائڻ وارو هو. هن جي بهادريءَ ۽ سپوتائيءَ جو احوال ڪاروڙي جي چارڻ ڪوي سوجي ڏيٿي سورٺن ۾ ڪيو آهي، جو” ڏيول جي را ڇند“ جهڙي پراڻي ۽ مشهور ڪتاب جو ليڪڪ هو. هي چارڻ اڃا تائين ڪنهن ڪتاب ۾ اچي نہ سگهي آهي پهريون پيرو هتي بيان ڪئي ويئي آهي تہ:

پونجو سوڍو پارڪر اڌ يت ريجهه امنگ
راجوڌر چوهاڻ رو سسرو ڀڳت سچنگ

ڍاٽ جي ڏاهلي ڳوٺ جي مشهور سوڍي واگهہ سنگهہ ولد رگهوناٿ سنگهہ (وجئہ را) جي باري ۾ هڪڙو لوڪ گيت ڊنگل لهجي ۾ جهانقلي (ٻاڙمير) جي چارڻ ڪوي ڪيسروجي جهيپا لکيو هو جيڪو پوج جي شاعري سکيا واري اسڪول ۾ پڙهيو هو. ان صرف هڪڙي واگهہ سنگهہ کي ئي بي داغ ڪوٺيو هو. واگهہ سنگهہ کي نشڪلنڪ ڍاٽي سردار مڃيندي ٻين سڀني ديوتائن، اوتارن، املهہ شين ۾ ڪا نہ ڪا خامي ڏيکاري آهي جئين ٻاهہ ٻاري ٿي، سمنڊ کارو آهي، ڪرشڻ ڪارو آهي، شنڪر ردر آهي، چندر ما وڏي گهٽي ٿو، راهو جو سر ناهي، ڪيتو جو بدن پورو ناهي، شيش نانگ جي ڦڻ ۾ زهر آهي، برهما بہ ”گهڙڻ، ڀڃڻ“ ۾ آهي، سون ۾ ساهہ ناهي وغيره وغيره مٿي ٻڌايل سڀني ۾ هڪڙي هڪڙي خامي آهي بغير ڪنهن اوگڻ يا خامي جي صرف ڍاٽ جو

سردار واگھہ سنگھہ سوڍو ٿي آهي. چار دوهن واري ”ويليو“ گيت جي آخري ٻن شعرن ۾ ائين چيو آهي تہ:

برهما ويسڪ ڪنپ وسياڻ ڪنچڻ واس بنان اڪليس
.اتي تو ڪلنڪت اڪوڪو نڪلنڪ سوڍا ڍاٽ نريش

هي گيت ٻڌي سوڍي واگھہ سنگھہ جي دل ۾ عجيب سوچ پيدا ٿي تہ، سيني ديوي ديوتائن ۽ پڊارٿن ۾ خاميون بيان ڪري مون کي انهن سيني کان مٿي ٻڌايو آهي. ڪيئي ديوتا جلدي ڪاوڙجي ويندا آهي ڪٿي منهنجا ڏکيا ڏينهن نہ اچي وڃن. ان ڳڻتي ۾ اچي واگھہ سنگھہ ڪوي ڪيسرا جي جهيڀي کي چيو ڪويراج! هينئر توهان ماني کائي اوطاق ۾ سمهي رهو. سڀاڻي ڳوٺ ۾ رهاڻ ڪري سيني ڳوناڻن جي سامهون توهان کي آئون دان ڪندس، پوءِ اهو گيت قبول ڪندس. قدرت جو عجيب کيل ٿيو. رات جو ڪوتڙيءَ جي ڇت ڪري پيئي، جنهن ۾ دهجي گيت جو خالق، مري ويو اهو گيت ۽ سوڍو واگھہ سنگھہ اجر، امر ٿي ويا. هڪڙو دوهو ان سلسلي ۾ هيٺ ڏجي ٿو جيڪو ڏرا سرنگي ڍاٽ جي خالق جو لکيل آهي:

وڏ هٿ سوڍو واگهه سنگهه ڏاهلي گج ڏاڻ
جهيڀي ڪيسر جهانقلي جيرا وڏ حد ڪيا واڪاڻ

ڍاٽ جي ڪانهاڻو ڳوٺ ۾ هڪ ڄڃ آئي، ڪاڏي کان پوءِ پاڻي جي گهر ٿي، پاڻي وقت تي موجود نہ هو. ويجهي ڳوٺ” پريمي ري ويري“ کان اٺ جي پخال پهتي ڪونہ هئي. معمولي دير جي مجبوريءَ کي نہ سمجهندي ماڻهن شڪايت پري لهجي ۾ چيو تہ اسان کي پاڻي ڪپي جلدي ڪٽي اچو ان تي گهر جي مالڪ ڏيتا چارڻ گهر ۾ پيل ڍڳين جي نج گيهہ جي پخال پري اچي ڄاڃين جا هٿ ڌوئارڻ شروع ڪيا ماڻهو حيران ٿي ويا ”گيهہ سان هٿ پيو ڌوئارين“ جواب مليو تہ ”پاڻيءَ کان تہ گيهہ جي قيمت مٿي آهي!“ ايتري ۾ پاڻيءَ واري پخال بہ پهچي ويئي، هي دوهو ان جي باري ۾ آهي تہ:

جل ري جگهه جان رو ڪانهاڻو راڪيو خيال

چڙو ڪرايو چارڻان گهرت پخال ۾ گهال

امرڪوٽ جو هڪ پراڻو نالو ”همروٽ“ بہ آهي، جيڪو امرڪوٽ يا هميرڪوٽ جو بگڙيل روپ آهي اتي جا بہ سنت درويش مشهور ٿيا. هڪ تہ نجانند (جنهن جو پراڻو نالو ديوچنده) ۽ ٻيو ان جو چيلو پراڻ ناٿ، جيڪو ”ڏامي پنٿ“ جو باني رهيو. امرڪوٽ ڄائي شري نجانند سواميءَ جو وقت سن **1581**ع کان **1655**ع، (سنبت **1638** کان **1712** وڪرمي) تائين هو. سوامي پراڻ ناٿ جو جنم سنبت **1675** ڀاڏر پڌ وڏي چئوڏس رويوار جي ڏينهن ٿيو ۽ سنبت **1751** شروڻ وڏي تيرس جي ڏينهن سرگواس ٿي ويو. هن ڪتاب ۾ انهن ٻنهي سنتن کي مشهور ساڌوئن واري فهرست ۾ هن ريت شامل ڪيو ويو آهي تہ:

هوئا سنت همروٽ ۾ جپيو نام اٿ جام
ڏيوچند سون ڏرسيا نجانند ڄڻ نام

تڻ گادي سامي تپيو ڏامي پٽ ڏجال
پراڻ ناٿ هوئو سڌ پرش اوڏو پيک اجال

روهڙي سکر جي مشهور صوفي پير جميل شاهہ کي هندو ملسم سڀ برابر روپ ۾ پوڄين ٿا. جوڌپور جي رهواسي جلنڌر ناٿ جي مها مندر ۾ جتي نج مندر آهي، ان جي ٻاهرين حصي تي ڪافي اوچائيءَ سان انهن وڏن ماڻهن جون رنگين شڪليون ۽ نالا لکيا ويا آهن. جن کي سڌ جلنڌر ناٿ درشن ڏنو هو. هندو ڀڳتن سان گڏ جميل پير جي تصوير بہ نالي سميت آهي. ”پاٻو پرڪاش“ جي ليکڪ مها ڪوي موڙجي آشيا جي لکيل ”پاکر پوشڻ“ نالي جي هڪ دوهي ۾ هي ڳالهہ ڏيکاريل آهي تہ، پري کان آيل پانڌي جميل پير جي نمسڪار ڪرڻ ڪانپوءِ گرنار ڏتاتريءَ جي ڏوٽيءَ جو درشن ڪندا آهن. خود شاعر جي لفظن ۾:

آوي جاتري اڙگ سون، جميل پير جهار

ٽپيو دت سامي ٽني، نامي گر گرنار

سوڊائڻ جي ليڪڪ چمن جي ڪويا ڀچمي ڀير جميل شاھہ جا تمام بهترين چند جوڙيا هئا، جيڪي سوڊائڻ جي حصي ۾ ڇپيل آهن. جن کي پڙهڻ سان هندو مسلم ڀائيچاريءَ جو اهڙو آئينو ڏسجي ٿو جو سمجهڻ مشڪل ٿي پوي ٿو. ”نبي پڙه نام“ سان گڏ ”ردي گڻ رام“ ۽ ”حد ويگو ويس ليان ايڪ هندو، ڪيرت ڏيس مهيس ڪلا“ ۽ ”جوگي جميلا ٿياسي ڀلا، اڻ گهڙ الله الله“ جهڙا صوفيانہ شعر اپيد (ڪويہ پيد ڀاو نہ) جي بهترين شڪل ڏيکارين ٿا. اهڙي طرح امرڪوٽ ۽ ڪاروڙي جي وچ ۾ روحل واءِ آهي جتي روحل فقير هڪ ڪنڊي هيٺ ويهي مالها ڦيريندو هو. ان کي ”ڪنڊڙي وارو پير“ جي نالي سان سڏيو وڃي ٿو. ڇاڪاڻ تہ سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪيجڙيءَ کي ڪنڊي چوندا آهن. روحل ڀڳت ڦهرين سن **1755**ع کان**1772**ع تائين تہ غلام شاھہ ڪلهوڙي جو ملازم هو. بعد ۾ ڇهوٽڻ (ٻاڙمير) جي مشهور سنت شري ڏونگر پري مهاراج جو چيلو ٻڻي تپسيا ۾ مگن رهيو. مٿي ذڪر ڪيل ٻئي پير ڊاٽ سان گڏ ٻين علائقن ۾ بہ پوڄيا، مڃيا وڃن ٿا. هن ڪتاب ۾ انهن بابت بہ دوها هيٺ ڏجن ٿا:

پير وڙي ڀچماڻ پت، سنڌ ۾ جميل شاهه
سڪر ڏٽي پوڄي سهي رل مل دونون راهه

ڀلو هوئو روحل ڀڳت ڏر امراڻ ڊاٽ
ڪنڊڙي واڙو پير ڪهيجي پوجي ٽاپس پاٽ

هن ڪانپوءِ شاعرن ۽ فنڪارن بابت گهڻي عزت مان، ۽ قدر جا انيڪ مثال ڏنل آهن. جن ۾ سوڍن سان گڏ سمان، جاڙيجا وغيره ۽ ٻين گهٽين ذاتين ۾ جنم وٺندڙ امر ڪيتي جي ڪري جڳ مشهور ٿيندڙ ۽ لوڪ گيتن جي نائڪن جهڙو نصيب حاصل ڪندڙ شامل آهن. سوڍو ڪينئرو تہ چونٽريءَ ۾ ڳايو ويندو آهي، منڍور جي راو چونڊا جي ڌيءَ ڦول ڪنور سان امرڪوٽ جي راڻي اوتار ڏي شادي ڪئي هئي، ان ڄڃ ۾ سوڍن ٽي هزار توڪر (گهوڙا) ريجهہ (دان)

۾ ڏنا هئا. اهڙو بيان هڪ ٻنگل گيت ۾ آيل آهي، جيڪو هن ڪتاب ۾ شامل ڪيو ويو آهي. وڏن سخي ڏاتارن جي ساراهه ۾ چيل دوهن (25 کان 33) جي بعد ۾ لوڪ گيتن جي خوبصورت لڙهيءَ ۾ هڪ ٻي نائيڪ ۽ نائيڪا جي مهما ڏنل آهي ته، ٻئي طرف "ٻالوچڻ" گيت جي انوکي راڳ تي موهت ٿي، قطار سان گڏ آيل نوجوان پيرڏانجي پٽ ساڏولوجي (سانگڙ جا رهواسي) کي "جاڙيپا" (ٻاڙمير) ڳوٺ جي چارڻ رتنو ڪلوجي پنهنجي ڌيءَ پرڻائي ڏني. سنبت 1958 وڪرمي جي هي حقيقي ڪٿا آهي، پر اڄ ته ان راڳ "ٻالوچڻ" (هڪ بلوچ عورت جي سونهن جو ذڪر) کي ڳائڻ وارو ڪو ماڻهو ئي نٿو ملي. منهنجا رشتيدار انهن ٻنهي شين ۾ پڙ هئڻ ڪري آئون پوري حقيقت ڄاڻان ٿو. هن سلسلي ۾ هي دوهو حاضر آهي:

پيري سانگڙيئي پلي، ٻالوچڻ گائي
ڪلي رتنو ڪوڏ سون، پتري پرڻائي

ڍاٽ سنگيت جو ڳڙهه رهيو آهي. راڳ ۾ رس ۽ راڳڻين جي پرک ۽ پروڙ جا ڪيئي خوبصورت مثال ملن ٿا. ڪانهاڻو ڳوٺ جي هڪ چارڻ راڻجي پٽ رڻڇوجي (ٻارٺ ڪلوجي جو پوٽو) ۾ هڪ اهم خوبي هي هئي ته، گيتڪار عورتن جي وچ ۾ گلي جي آواز سان ٻڌائي ڏيندو هو ته گهڻن عورتن جو منهن هن طرف آهي، هن جي گلي ۾" ڪننلو" پاتل آهي، هوءَ حاملا آهي، هوءَ سهاڳڻ آهي يا ڏهاڳڻ آهي. معلوم ڪرڻ ڪانپوءِ ڳالهه سؤ سيڪڙو صحيح ثابت ٿيندي هئي. ان سلسلي ۾ هن ڪتاب جو هي دوهو پڙهڻ لائق آهي:

پاتو راگان پارکو، رڻڇي رو ست راڻ
هوئو لکاڻي ڪانهڻي، چتر ڪنٺ پهچاڻ

اتهاس ۾ مشهور ڍاٽ جا دڙا، سپوٽ سوڍن جي دوستيءَ ۾ اعليٰ پائي جو احساس، ڍاٽي ڏجراج (اعليٰ گهوڙا) وغيره جي باري ۾ چوڪڙيو "ڏراسرنگي ڍاٽ" ۾ حاضر آهي:

ڏن ڏن ڏورا ڍاٽ را جوڌ سجو را ڄاڻ
نورا ڪر ڪر نيهه سون سورا رکي سڄاڻ

هوئي جگ ۾ هوڪبا، راڳ ٽٽو انو راڳ
پورس انمي پاگ ۾ پل سوڍا وڏ ڀاڳ

ڌرتي اوجڙ ڍاٽ ري والهي واٽ وسيس
ٿرو امامو ٿاٽ وهي هاٽ رهاڻ هميس

سوڍان رنگ ليڌا سدا ريڌا گڻ راجاڻ
ڪيڌا ايري ڪوياڻ ڏيڌا سانسڻ ڏاڻ

سوروير سوڍاڻ ۾ جلمي ٽيٽو جاڻ
لي ڪرپاڻ رڻ ڌر لڙي، اوتبنگ پڙ امراڻ

سانيل ڪيرت سنڌڙي نرمل پڙڪي نور
سوڍا ريجهاڙو سڪل، پرمل جس ڀرپور

ڍاٽ انوکو جس گهڙت هي هيت ري هاٽ
جونو تلڪ للاٽ جگ، ڌرو تاري جيون ڍاٽ

ان طرح هڪ پراڻو دوهو پيش ڪرڻ سان ان تاريخ جي صحيح طرح پروڙ پوندي.

ڪيهر لنڪي گوريان سوڍو پنور سڄاڻ
ٻڙ جهڪيا لانبي سران، آيو ڌر امراڻ

هي ”لانبو سروور“ پارت ۾ سينيءَ کان وڏو ۽ ويڪرو تلاءَ آهي. سپ کان پهرين هن کي بند جي روپ ۾ ٺاهڻ وارو امرڪوٽ جو راڻو ”درجن شال“ هو. جنهن جو اولاد پارڪريا سوڍا سڏائيندا آهن. ڍاٽي گهوڙن جو اعليٰ نمونو مون خود گڏگور ۾ ڏٺو هو. ڍاٽ جي ننڪاڻي وڏيلي (پڏيلي) جي جوشيلي جوان

شريمان سروپسنگهہ سوڍي کي سونن زيورن سان سينگاريل گهوڙي تي سواري ڪندي سرموڙ روپ ۾ ڏنو هو.

ورهاسان ناسان وجي، پرٿمي ٽڙڪي پوڙ
گجب ڍاٽ ڳٽگور ري، ڏيئي واهه گهڙ دوڙ

طور انوني تريوٽ پيچ مولئي پاڻ
تن ڪسيا جرڪس تري سيٽ جڪي سوڍاڻ

آڏو شو رو اشٽ هي، ڏيوي مان ڏيول
جبرا جوڌ جوان جگ، آڇي اوڌ اول

ڍاٽ جي تاريخي فخر ۾ هي بہ مثال وڏي اهميت رکن ٿا. راجسٿان جي لوڪ ديوتائن يا پنج پيرن ۾ سڀ کان وڌيڪ مشهور ۽ پراڻا لوڪ پوڄئہ مها پرش پابوجي رانوڙ ۽ رامڏيوجي تونئر ٻئي ڍاٽ جي سوڍن جا جمائي هئا, سوڍي سورجمل جي ڌيءَ ڦول ڪنور جي شادي پابوجي رانوڙ (ڪولو) ۽ رامڏيوجي جي شادي سوڍي دلجي جي ڌيءَ نيتل ٻائي سان ٿي. ان حوالي سان بہ هڪ دوهي ۾ ٻنهي لوڪ ديوتائن جا ساهورا امرڪوٽ ۾ ٻڌايل آهن. اهڙي طريقي جو دوهو هن ڪتاب جي شروعاتي حصي ۾ ڏنل آهي:

امرڪوٽ پرٽيا اوپي مهي ٻنڌي سر موڙ
تونئر رامسا پير تيون، رنگ پابو راٺوڙ

ڍاٽ جي سوڍن جي باري ۾ هڪ نئي ڄاڻ هن ڪتاب ۾ شامل آهي بادشاهہ همايون کي سرڻ ڏيڻ واري راڻي پتو (پرشاد) جو نالو هر ڪنهن ٻڌو آهي. راون جي ونشاولي (پيڙهي) ۾ راڻي پرشاد جو جان نشين تہ سرتاڻ ڏيکاريل آهي, پر پيڙهين جي نالن ۾ عام طور تي تہ جان نشين کي پٽ سمجهندا آهن. راڻو پتو عرف پرشاد جي پٽ جي طور راڻو سرتاڻ لکيو ويو آهي. صحيح حقيقت هي آهي تہ راڻي گانگي جا بہ پٽ هئا. پتو ۽ سرتاڻ. ٻاهرين حڪومتن جي

مداخلت سان راٺو پتو کي تخت تان هٽائي حڪومت حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ۾ پنهنجي دور انديشي کان ڪم وٺندي، سرتاڻ امرڪوٽ جي راڄ جي واڳ سنڀالي ورتي، جنهن جي ڪري اڄ تائين سرتاڻ سوڍا ڍاٽ جا گاديدار راڻا ٻڌيل آهن:

راڻ گانگ امراڻ ري تنوج پتو سرتاڻ
تپڌاري سرتاڻ رو جميو راجس جاڻ

امرڪوٽ ۾ سرتاڻ سوڍو گاديدار ٿيو تنهن کانپوءِ جون پيڙهيون هن ريت آهن، راڻا آسڪرڻ، راڻا سگرام سنگهه ۽ راٺو مهراج (پهريون) تائين حڪومت ۾ ٻاهرين حملن جو جنهجهٽ شروع ٿي ويو. جئين ته هن ڪتاب جي ڇپائيندڙ ۽ هن وقت جي سوڍا سماج ۾ سڀ کان وڏيڪ پڙهيل عقلمند ۽ سرتاڻ شاخ جي شان ناڪر جيتمال سنگهه سوڍي ڪتاب جي مهاڳ ”سوڍا راڄ ونش“ جي وچ ۾ صاف لکيو آهي ته ” ڪجهه وقت کانپوءِ ايران کان ارغونن جو حملو ٿيو انهن هن علائقي کي پنهنجي قبضي ۾ ڪري ورتو. اهي ڪلهوڙن کان شڪست کائي ويا. ڍاٽ تي ڪجهه وقت دائود پوٽن جو به قبضو رهيو. جيڪي پوءِ ٽالپرن (ميرن) کان هار کائي ڀڄي ويا. ٽالپرن به ڪجهه عرصو امرڪوٽ تي راڄ ڪيو بعد ۾ سڄي سنڌ انگريزن جي هٿ هيٺ اچي ويئي. ڍاٽ جو راڄ هميش لاءِ سوڍن جي هٿ مان نڪري ويو. ڪٿي ليز تي يا ٻين سببن جي ڪري پر سنبت **1839** کان **1970** وڪرمي تائين امرڪوٽ جوڌپور جي ماتحت رهيو. مهراج وجئه سنگهه جي وقت کان شروع ٿيو مهاراجا مانسنگهه جي شروعاتي ڏهه سالن تائين ٻڌيو رهيو. تڏهن ڪويراج ”بانڪيداس“ اتي جو سفر ڪري ”همروٽ ڇتيسي“ لکيو هو. ان ۾ شامل هڪ دوهو هي آهي:

وجئه يوپ ري وار ۾ ، ڏٽي مان جوڌاڻ
مارواڙ نوڪوٽي مجهه رهي ڍاٽ امراڻ

مٿي بيان ڪيل احوال ۾ ڪو بہ گمان ناهي ڇاڪاڻ تہ ان ڏڪئي وقت ۾ خدا جي قدرت سان ڪي المناڪ حادثا پيش آيا هئا. ڍاٽ تي قضا جو قهر ڪڙڪي پيو هو. راڻي مهراج جا بہ پٽ هئا. وڏو ڪيسرسنگهہ ۽ ننڍو ڪونپجي. ظالم ماڻهن جو هن علائقي تي قبضو ۽ دهشت ڦهليل هئي. راڻي ڪيسر سنگهہ جي وقت چارڻن جي سڀ کان اهم ڳوٺ ڪاروڙي مان سرڪاري محصول وصول ڪرڻ وارو ڪڙو حڪم ان آڌار تي ڏنو ويو تہ اهو پئسو شاهي خزاني ۾ جمع ٿيندو. چارڻن جو سانسڻ (سو شاسڻ) سيني رجوڙان ۾ شروع کان ئي سرڪاري ٽيڪس کان آجو رهيو هو. رڳو چارڻ ئي نہ پر ان ڳوٺ جا رهواسي سڀئي ٽيڪس کان آجا هئا. ڪٿي هڪ اڌ قانون ٽوڙڻ وارو واقعو پيش ايندو هو تہ چارڻ مرد ماڻهو ”تگو“ (احتجاج) ڪندا هئا. جتي عورتون ” جمر“ (جوهر) ڪندي جيئريون باهہ ۾ ٻري مرنديون هيون ۽ اتي حڪمران کي ” شراپ“ (بد دعا) ڏيئي برباد ڪري ڇڏينديون هيون. راڻي ڪيسر سنگهہ جي وقت بہ ائين ٿيو هو ڇاهي مٿئين حڪمرانن جو دٻاءُ هو، پر حالت بگڙي ويئي هئي ۽ ڪاروڙي ڳوٺ جا سڀئي ماڻهون ”اوڇالا“ (لڏي) ڪري ٻئي هنڌ هليا ويا. بعد ۾ ڪيسرسنگهہ کي ان جي ننڍي ڀاءُ ڪونپجي ماري وڌو. حالتون جڏهن شنڪرداس جي غلط نظرن جي ور چڙهي ويون تڏهن راڻي ڪينئراج حالتن کي منهن ڏنو ۽ راج جي واڳ سنڀالي، جنهن جو اولاد هڪڙو جاگير جو وارث بڻيو ۽ ٻيو پٽ ناڪر وجئہ سنگهہ جو اولاد ناڪر وڏيلي جا وڏا ٿيا. ”يتا نام استت گڻ“ جي مطابق اهي وجئہ سورج، مهاسنگهہ، اڻندسنگهہ رتن جهڙا تيجسوي ۽ تيوبلي سوڍا سردار ٿيا. رتن راڻا جو نالو پوري هندستان ۾ مشهور لوڪ گيت جي ذريعي گونجي ٿو ۽ جيستائين ڪائنات قائم آهي هي نالو اجر ۽ امر رهندو. جاگير ۽ وڏيلي (پڏيلي) جي اهم جان نشينن جا نالا دوهن تي مشتمل شاعريءَ ۾ بيان ڪيا ويا آهن. پر ”رتن راڻي را ڇند“ تہ الوڪڪ ۽ مٺي ڍنگل تخليق آهي. ان ۾ پرمار ونش جي پيدا ٿيڻ کان وٺي رتن راڻا جي آزاديءَ جي عشق ۾ ساهہ ڏيئي ويساهہ ڏيڻ واري قرباني تائين تاريخي معلومات سان گڏ سارسي ڇند، ڇپايہ ۽ دوها پنهنجي نرالي نوعيت سان نروار آهن:

هن ڪتاب ۾ ”سرتاڻ سوڍا ناڪر وڏيلي شاخ“ بابت ڏنل دوهو هن ونش جي وڏائي سان گڏ ان جي اصولن، بهادريءَ ۽ ايمانداريءَ کي ڀرپور نموني ظاهر ظهور ڪري ٿو.

ڏجا ڦڙوڪي ڏرم ري موڪي ڪدي نه ماڻ
چوکي نهين ڪلوٽ چلڻ سوڍ جڪي سرتاڻ

هن ڪانپوءِ راڻي رتن سنگهه جو ساٿ ڏيندڙ انگريزن کان باغي ۽ آزاديءَ جي عاشق نوجوانن ۽ ويجهن ساٿين جا نالا وڏي عزت ۽ شان سان بيان ڪيا ويا آهن، جن جي شان ۾ شاعري حاضر آهي. جنهن کي پڙهي دل پرسن ٿي ويندي:

رهيو ساٿ رتنيس ري سوڍو ڀڳو سچنگ
سنگراسي ڀڙ انڙ سڻ ريٽو آکي رنگ

ڪارونجهر ڏونگر قلعو ندر سوڍ نختيت
اڙ تروٽ انگريز سون رهيو ڀڙ رڻ کيت

ڦنقيڙڻ فرنگي ني راڻ رتن ري ستٿ
سميڙ، امرو رامسي سوڍا تهون سمستٿ

ڀوجاڻي رجوٽ ڀلي سام ڏرم سر موڙ
رتن راڻي منتري راکيو رنگ ڏيسل راٺور

ديس ڪاج اڻ ديس ري ڏار فرنگي ڏيس
تجيو ليز نهين پراڻ تڪي، رنگ سوڍا رتنيس

رتن سنگهه جي ياد ۾ ”جهراوا“ جي روپ ۾لوڪ گيت ”رتن راڻا“ ڳوٺ ”باليوا“ (ضلع ٻاڙمير) جي شوڏانجي ٻارٺ جو جوڙيل آهي جيڪو تمام گهڻو

دل کي وٽندڙ۽ روح کي راحت ڏيندڙ رس ڀرئي راڳ ۾ رچيل آهي. راٺي رتن سنگهہ جي راٺيءَ ڳوٺ ڦوگورو (تعلقہ —شو) جي يتياٽي هئي. ان جي پٽ ٺاڪر جيوراج سنگهہ ننڍپڻ ۾ ئي يتيم ٿي وڃڻ باوجود پنهنجي گهراڻي جي اوچائي، عزت ۽ مان اڃي کان وڌيڪ روشن ڪيو. جيوراج سنگهہ جا ٻہ پٽ ٺاڪر ڀيرجي ۽ ٺاڪر سون جي ٿيا. جن راجپوتي ڌرم کي روشن ڪندي. ڍاٽ ۽ پارڪر سان گڏ جيسلمير تائين پنهنجي اثر جي ڌاڪ ڄمائي. ڏيول ماتا جي پاٽ آستان ڪاروڙي جي ڏيٽي ڪومجي، ستيڏان جي کي گود ورتو. ڪومجي جي مري وڃڻ ڪانپوءِ سوڍن جي ڏنل ڏيٽن واري جاگير تي ٻين ڌارين ماڻهن پنهنجو حق ڄمائڻ جي ڪوشش ڪئي گود ۾ آيل ٻار جي سچي محافظ ۽ گهڻ گهري ٺاڪر ڀيرجي، سونجي ۽ آئيڏان سنگهہ نگراجوت انهن ٽنهي، پنهنجي گهر جو خرچ ڪري ڏيٽن جي جاگير ۽ جائيداد کي بچايو ان احوال جا دوها هيٺ ڏجن ٿا.

سوڍ پڏيلي را سري رتن هرا ڪل روپ
ڀير سون ڀون پرات رو اوجل سجس انوپ

اڙوي پاڙي اڙگلان ويهڪ گود وواد
رکيو ڏيٽان رو رجڪ دي سوڍان امداد

ان ڪانپوءِ ٺاڪر جيوراج سنگهہ جي خاندان جي وڏ ماڻهپائي، سناتن ڌرم سان محبت، پنهنجي جنم ڀوميءَ ۽ وڏن جي عزت کي ساڳي طرح برقرار رکڻ جي جستجو، ادب ذوق هئڻ جو ذڪر ڪيل آهي. ” نر ناناڻي جائي“ يا ”ماما جيان را مارڪا، پونڏا ڪيون پاڻيج“ واري ڪهاوت مطابق هي دوهو ڏسو:

سروپ سنگهه، رگهويرسنگهه، هر، دلپت ات هيج
ڀاڪاسر ڀلونت را پڙ چيارون پاڻيج

ان سلسلي ۾ رتن سنگهہ جي خاندان ”سپوٽ نررتنان“ ۽ انهن جي جنم ڀومي جا گڻ وڌيڪ پڙهڻ جهڙا آهن:

ٿاٽ پڏيلي ٿيٽ سون سجس منڏيلي ساج
ڏاڪ هوتي امراڻ ڏر انجس مروڏر آج

رجوٽ راٺي رتن ري مهي ڪلوٽ مجبوط
ريت سناتن راڪٽي سوڍا گهڻا سپوت

مٿي ڏنل سموري تعارفي احوال ڪانپوءِ وڏيڪ شاخن جي ويجهي ماضي ۾مشهور ماڳهن جي تاريخي لحاظ کان اهميت بيان ڪيل آهي، جيڪا سوڍا ونس جي نوجوانن جي اڏولتا ۽ بهادريءَ کي بنائي رکڻ لئه به سنو سنوئڻ ثابت ٿيندي. ان سلسلي ۾ ڇاڇرو، اسلامڪوٽ، گوڏيار، ڪيرٿي، حويلي، ڇور، جاگير ۽ پاٻوهر وغيره جي اهم ماڳهن سان گڏ سرتاڻ، پوجراج، گنگڏاس، نرا، نبا، رام، ساڏول، وجئه را، پنچاڻ وغيره جي خاص تڪاڻن جو به ذڪر آهي.

وشش ورڻاو:-

انهن دوهن ۾ لانبي تلاءَ جي مٿئين حصي ۾ پنار پوميءَ جو ذڪر آهي، اتي ”لنڪڙو“ آستان آهي جنهن کي لنڪيو به چيو ويندو آهي. سانئري واگهاٽيءَ جا اٺ اتان کان ئي پاٻوجي راٺوڙ وٺي آيو هو. لنڪيو جو مطلب لنڪا جي طرف سمجهڻ سراسر غلط آهي. ان حصي ۾ ڍاٽ جي ٺاٺ ۽ عروج سان گڏ سوڍن جي شاندار ثقافت ۽ تهذيب جو تدارڪ به ڪيل آهي. گڏن سان پريل سوڍن جي شان ۽ مان کي مون خود اکين سان ڏٺو آهي، انهن جو مهمان ٿي رهيو آهيان، انهن جي هڪڙي جهلڪ ته ڏسو.

هوئا دمامي ديوتا سوپ راگ سپياڻ
رنگ جمتو رهاڻ ۾ سانپرت ڏر سوڍاڻ

ساڪر ري روٺي سري پرگهل ٿال پرساء
سو ون ري ٻاڃني سج ڪوي رو مان ڪراء

ڪلا امنگي ڪوڙٽي پنگي سوون پاٽ
ريتان چنگي راڪٽي ڏرا سرنگي ڍاٽ

ان ڪانپوءِ ”شري رتن راٺي را ڇند“ آهي. هن حصي جي شروعات ۾ هڪ دوهو ۽ **12** سارسي ڇند، هڪ ڇپايو (سنبت **1923** وڪرمي ۾ راٺي جي ديهانت واري تاريخ) ۽ آخر ۾ هڪ دوهو ڏنل آهي، جنهن ۾ راٺي رتن بابت ڪٿيل ڇندن جو تعداد بيان ڪيل آهي. سيني سارسي ڇندن ۾ چوٿين نمبر واري مصرع ساڳي آهي. هڪڙي ڇند جو مثال هيٺ ڏجي ٿو:

انياء ميٽڻ سيس ارپڻ رهي سوڍان ريت هي
سولي چڙهيو هت ديس ري گونجي جهراوو گيت هي
همروٽ گڊ سم منڊيا هينست پراڻ تياگ پمنگ هي
امراڻ ڏرتي ڪري انجس رتن راٺا رنگ هي

” سنڌو سورنپ“ هن ڀاڱي جي تقريبا ٻه درجن دوهن ۾ ماضي، وچئين دؤر ۽ حاليه وقت تائين سنڌ ۽ سوڍاڻ علائقي (سنڌو روپي سمنڊ) ۾ پوڄيا ويندڙ پيرن، ديش ڀڳتن، سنتن لوڪ ديوتائن، ڀڳتي، ستي، ساڌوي عورتن، شاعرن، ۽ گهٽين ذاتين جي وڏن ماڻهن وغيره جي سهٽي تعارفي جهلڪ گهٽي پيار سان تخليق ڪئي ويئي آهي. ان بابت ٻه دوها حاضر آهن:

ڏيوي سون ٿانڪ ڏيپي، پسپ سڳند پرماڻ
موتي جيون درياء مجهه سنڌ ۾ تيون سوداڻ

پال ڌرم رڻ پوديو کل ڌل جهونجي خاص
سنڌ ۾ ڏاهرسين رو امر هوئو اتهاس

اپٽيات ري ياد“ واري حصي جي دوهن ۾ سن **1957**ع کان وٺي هن وقت تائين ڍاٽ ڌرا ۾ جنم وٺندڙ سيني ذاتين جي سپوٽ ماڻهن، انهن جي گڻن، ڍاٽ جي

مهمان نوازيءَ ۾ عام زندگيءَ ۾ خاص انسانيت جهڙن گڻن سان پريل ماڻهن کان متاثر ٿيندي بہ دلي طرح پرڻام ڪيان ٿو. انهن سان بي حد پيار هوندي، انسانيت جي ناتي، ڪٿيل نو دوها نموني جي روپ ۾ ڏنل آهن. هي ڀاڱو ” ڍاٽ را پرسند چارڻ “تاريخ، ادب ۾ ڏاٽ تنهي نظرن سان اهم آهي. ڏيٽا چارڻ جي پيدائش کان وٺي پوري ڍاٽ علائقي جي پراڻي زماني کان نئين دؤر تائين انيڪ گڻوان، پڙهيل لکيل، پڳتن، شاعرن، سنگيتڪارن، ”جمر“ جوهر ڪرڻ وارين ستين عورتن، ڏاتارن جو بنيادي تعارف ڏنل آهي. سوڍائڻ علائقي جي ڪنهن بہ جڳهہ جو رهواسي هجي ان جي ياداشت شاعريءَ ۾ وڌيڪ هوندي آهي چاڪاڻ تہ سنسڪرت ۾ ننيڙي پر تمام بهترين هدايت ڪئي ويئي آهي تہ ”يا ڪويتا سا ڪننگتا“ مطلب جيڪا ياد ٿي سگهي اها ئي شاعري آهي. دوها تہ اڻ پڙهيا بہ ياد ڪري سگهن ٿا. انهن دوهن ۾ ڪيئي نيون ڳالهيون پهريون ڀيرو سامهون آيون آهن. مثال جي لاءِ چارڻن ۾ چوڏهن مشهور ڀڳت ٿيا آهن، ڇپائيي ۾ سيني‌ءَ جا نالا ڇهہ مصراعن ۾ ممڪن آهن، پر دوهي جي ٻن مصراعن ۾ تہ ڪن مهان ڀڳتن جا نالا ئي ممڪن آهن:

آلو ايسر آسڪرڻ ماڌو مٿورا داس
ٺيلي ٻارٺ تيجسي نج گڻ ڀڳت نواس

مٿي ڏنل دوهي ۾ ٻڌايل آلو (الوناٿ ڪويا)، ايسر (ايسرا پرميسرا سڏيو ويندڙ) مهان ڀڳت ڪوي ايسرداس، آسڪرڻ (ايسرداس جو چاچو آسوجي ٻارٺ) ماڌو”) رام راسو“ جهڙي شاعريءَ جو ليڪڪ ۽ ڊڳين جي حفاظت ڪندي پنهنجو ساهہ ڏيندڙ ڀڳت) ماڌوداس جي ڏڌواڙيا، ٺيلي ٻارٺ تيجسي واري مصرع ۾ تہ تيجسي ٻارٺ جو ڳوٺ ٺيلو (نرهرداس جو اوتار چريتر جي ليکڪ جو ڳوٺ) ٻڌايل آهي. ماڌو سان گڏ مٿورا داس لفظ تہ گهڻن جو ٻڌل هوندو، پر اڄ ڏينهن تائين ان جي جنم ڀوميءَ ۾ تخليق وغيره سڀ ڪجهہ نامعلوم ئي رهيو. هڪ پراڻي هٿ اکرن واري لکت مان سڀ کان پهرين مون کي معلوم ٿيو تہ مٿوراداس ڏيٽا شاخ (ڍاٽ-پارڪر علائقي جي) جو چارڻ هو.

جنهن ”راگهو راسو“ نالي رام ڀڳتي سان ڀريل شاعري تخليق ڪئي هئي ”ڏار سرنگي ڀاٽ“ ۾ ان حوالي سان هي دوهو حاضر آهي:

ڀاٽو ڪل ۾ هري ڀڳت ڏيتو متورا داس
راگهو راسو“ جڻ رچيو اڙ ڇهون ڪوٽ اوجاس”

.اهڙي نموني جا ٻه چار مثال پڙهڻ جهڙا آهن

موٺو تاڪب منڙيو جونجهو ڏيتو جاڻ
ڀج پڙيو ڪائب ڀلي پرگٽ ڀاٽ پهچاڻ

ست راجوڙ ڏيتو سري ملهارو مهراڻ
سداورت راکيو سدا ڪاروڙو ڪوماڻ

جس ڏيتي رو جگمگي مروڌر ڀاٽ تمام
منڏيو ٻاڙمير مگ نينبراج رو نام

ويڏو ڏيتو ويدگان هوئو ڀاٽ ۾ هيڪ
ويڏاڻ جڻ سون وسي نام امر ڀڙ نيڪ

ان ڪانپوءِ ”ڏيول-چرت“ ۾ ڀاٽ جي ڪل ديوي ۽ چارڻ گوتر ۾ مشهور ديوين جي مالها ۾ پهرين مصرع ۾ مهان ديوي ڏيول ماتا جو ديومالائي چريتر بيان ڪيل آهي. راجستان ۾ شري ڪرنيجيءَ جو نالو سيني جو ٻڌل آهي. ديش نوڪ ڪان لڏي بيل گاڏي ۾ ڪرنيجي پنهنجي موسيري (ماسات) وڏي ڀيڻ ڏيول جي سان ملڻ لئہ ڀاٽ (ڪاروڙو) ۾ آئي هئي، ان وقت ڪوهہ ۾ ويٺل اٽندي ڪاتي جي آهو ڳوٺ ۾ ياد ڪندي ئي حفاظت ڪئي هئي. ان بابت پراڻو دوهو اڄ تائين هلندو اچي:

آهو ۾ تٽي ورت ڪوئي مجهه پيتانهه

اٽندو ڪاتي تاريو مان ڪاروڙي ٻيٺانهه

هنگلاج ماتا جو اوتار مڃي ويندڙ مهان شڪتي شري ڏيول جي جيون ڪٿا ۾ قدرتي معجزن جو ڀرپور دوهن ۾ ڪولي احوال ڏيڻ، بعد شري ”ڏيول جي را چند“ واري حصي ۾ هڪ دوهو اٺ ريٽڪي چند، چار ڇهپيا، ۾ آخر ۾ هڪ دوهي سان گڏ هن اهم باب کي مڪمل ڪيو ويو آهي. ڏيول جي جو جنم ته ماڙوا (تعلقو پوڪرڻ) جي ڀليوجي سنڍائچ جي گهر ٿيو هو. ماءُ پيءُ جي اڪيلي ڌيءَ هئي، شاديءَ جي وقت ٻين اٺ نياڻين سان گڏ ”نو تورٽئي مگري“ ۾ جتي نو درگا جي نموني هڪڙي ئي وقت گڏ شادي ٿي هئي اهي پٽر جا وڏا ڪنيا، هڪ ٻئي سان ڪافي پري اڄ تائين بيٺا آهن، مون خود وڃي ڏٺا آهن. ان جون ڇهہ ئي ڌيئرون ديوين جي روپ ۾ پوڄيون وڃن ٿيون. ٻوٽ ۾ ٻهچراءِ جي مشهوري راجستان، گجرات ۾ ڪڇ ۾ ڪجهہ وڌيڪ آهي. ڏيول جي والد صاحب جي گذاري وڃڻ تي خود پنهنجي مائٽن ۾ ويئي ۾ والد جي گهريلو نوڪر ويگڙ ذات جي ميگهواڙ کي سمورو مال، ملڪيت دان ۾ ڏيئي ڇڏيو. جاگيري ختم ٿيڻ وقت ان ميگهواڙ جي اولاد کي سرڪاري معاوضو مليو. ڪرنيجيءَ جي مڙ ۾ ڍڳين جي حفاظت ڪندڙ دسرت ميگهواڙ جي بہ روزانو پوڄا ٿئي ٿي. ان طرح ڏيول جي بہ سمريا سڌ ڏيندڙ سپ ڪجهہ ڏسندڙ لوڪ ديوي ٿي. روزانو پڙهڻ لئہ منهنجي لکيل ڏيول جي جي 8 ريٽڪي چندن ۾ سيني جي چوٿين مصرع هي آهي تہ

”مهمائي ويس هٿي ڏيول مان، ڀلي ڪري تون ڀليائي“

”ڏيول-چرت “ڪانپوءِ ”پرمار ونشي ديويان“ جي نالي واري ڀاڱي ۾ ديوين جا نالا، ڀاٽ آستان، پيءُ جو نالو ۾ ٻن ٽن چارڻين ديوين ۾ انهي نالن سان مشهور ديوين جي فرق سان ڪل ڇهہ پرمار ونش ۾ پيدا ٿيل ديوين جي واسطي، دوها ۾ هڪ ڇهپايو (ٻن لحاظن ڪان) ڇپيو آهي. مٿي ڏنل روزانو پڙهڻ جهڙن ڏيول جي جي چندن ڪانپوءِ ”ڪوي — پرچئہ“ واري ڀاڱي ۾ مون پنهنجو مڪمل تعارف دوهن ۾ بيان ڪيو آهي، ڍاٽ سان واسطو پورب جنم جي سٺن ڪمن جو ئي ڦل آهي. آخر ۾ بيان ڪيو آهي تہ ”سوڍائڻ“ جي شاعر ڪوي چمن

جي ڪويا جو ڏاڏو ڪرنيڏانجي ۽ منهنجي والد صاحب سرڳواسي گووند ڏانجي جو ڏاڏو هرسنگهه ٻئي سڳا ڀائر هئا. اهڙي طرح مها ڪوي منهنجي والده صاحب جو ويجهو واسطيدار ڀائر هو. مطلب منهنجو وڏو ڀيءُ هو. سالن جو وقفو ڪيترو ئي هجي، پر حقيقت اها ئي آهي. پوءُ منهنجي ڀاڻ ۾ ساهورن ۾ پهريون ڀيرو ڪاروڙي پهچڻ جي ٻن ڏينهن ڪانپوءِ مون پوڄئه ٺاڪر ڀيرجي سوڍا (وڏيلي) سان ملاقات ڪري ادبي ڪچهري ڪئي هئي، ان ئي ڀيرجي جي پوٽي ٺاڪر جيتمال سنگهه سوڍي جي اصرار تي مون هي شاعراڻون ڪتاب” ڏرا سرنگي ڀاڻ“ پايہ تڪميل تائين پهچائي، ماتا ڏيول جي پيرن ۾ هڪ سورٺي ذريعي ارپڻ ڪيو آهي. ڪتاب جي منصوبي ۽ لکڻ بابت ٻڌايل ڪل **9** دوها، جيڪي شپ انگ طور بہ سٺو سنئوڻ آهن. ايترا تہ سادن لفظن ۾ لکيل آهن جو عام پڙهندڙ جلدي ئي سمجهي سگهي ٿو. تخليق **2065** وڪرمي سنبت ۾ ٿي، پر ڇپائي (پهريون ڇاپو) سن **2009**ع سنبت **2066** وڪرمي ۾ مڪمل ٿي. اصل ڪتاب ”ڏرا سرنگي ڀاڻ“ کي مڪمل ڪرڻ ڪانپوءِ آخر ۾ ڪجهہ گيت ڏيئي ڪتاب کي منظر عام تي آڻڻ لاءِ مڪمل ڪيو ويو آهي.

اپياس

1_ گيت راڻا اوتارڏيو (امرڪوٽ) جو_:

هن ۾ امرڪوٽ جو ڳاٽ تمام اوچو ٿيو آهي! ڇاڪاڻ تہ منڊور جي راو چونڊاجي جي راجڪماريءَ (ڦول ڪنور) سان شادي ڪرڻ وقت راڻي اوتار ڏي ٽي هزار گهوڙا يجمانن کي دان ڪيا هئا. جنهن جو سبب هي هو تہ سوڍي ڪينئري پنڌرنهن سؤ گهوڙا جيسلمير ۾ ساڀيلي کان چونئري تائين پهچڻ لئہ يجمانن کي دان ۾ ڏنا هئا. ان واقعي بابت چونئريءَ جي وقت ”سوڍو ڪينئرو“ گيت ڳايو ويندو آهي. ان جي هڪ پيڙهي ڪانپوءِ ”ٽي هزار گهوڙا“ راڻي اوتار دان ۾ ڏنا.

2_ گيت راڻا رتن سنگهہ جو_:

ويرياڻ ڏيتا (ڪارچي) جو لکيل: هن گيت ۾ انگريزن کان ليز حاصل ڪري غريبن سان ظلم ڪندڙ محمد علي شاهہ سان مقابلو ڪندڙ راڻا رتن سنگهہ جي رعيت سان محبت جو ذڪر آهي.

3_ سوڍا سونجي وڏيلي (ڀڏيلي) جو گيت_:

جونجهار ڏيتا (منڙيو) جو لکيل: ٺاڪر ڀڏيلي جي سوڍي سون سنگهہ جي ساراهہ ۾ رچيل هي گيت تمام خوبصورت آهي. تاريخ جي ڄاڻون ڀيرجي جو ننڍو ڀاءُ سون سنگهہ ڏات ۾ تمام گهڻو مقبول هو.

4_ سوڍا سوائي سنگهہ وڏيلي (ڀڏيلي) جا ڇند_:

ڪومڏان لانگيڏان جي ٻارٽ (ڀيماويري) جا لکيل: ٺاڪر ڀڏيليءَ جي مشهور سوڍي ولد سونجي جي شان ۾ رچيل هنن ڇندن ۾ سوائي سنگهہ جي بهادري، مهمان نوازي، رحم دلي ۽ سلڇڻائي جي سندر شڪل ڊنگل ريٽڪي نموني ۾ تمام بهترين سليقي سان ڏني ويئي آهي.

5 _ سوڍا دولت سنگهہ جا ڇند (اَٺ جا واڪاڻ)_:

جيمل جي جهيٻا (جهانقلي) جا لکيل: ڊنگل ادب ۾ انسانيت خدمت ڪندڙن جي هميشہ واکاڻ واري ريت رهي آهي. وڏن ماڻهن سان گڏ انهن جي مددگار سواري اٺن، گهوڙن ۽ هاٿين وغيره جي ٺاهہ نوهہ سينگار ۽ تيجسوي روپ کي

چندن ۾ بند ڪري، ٻڌائڻ ۾ گڻ پوڄا جي تهذيب جهلڪندي آهي. جوڌپور جي مهاراجا گجئہ سنگهہ جي هاٿين جا ”رومڪ چند“ ” گجئہ سنگهہ ديئا گجراج ڪمنڌج اندر جيسي رٽ آرهتا“ آسوپ ٺاڪر ناهرخانجي پاران دان ڪيل گهوڙن جا چند. ”ورهاس ايسا ونسواڻ وڏارڻ دان سي ناهر خان ديئي“ جي طرح دولت سنگهہ سوڍي پاران ڪوي جيملجي جهيبا ڳوٺ جهانقلي کي بنان گهرئي ۽ گهر ويٺي اٺ جو دان ڪرڻ سان گڏ ٻاجهر سان پريل ڳوڻ تحفي جي روپ ۾ موڪلي ڏني ته. ان ٻيڊي شاعر ڏکئي وقت ۾ اهڙي مدد ملڻ تي خوش ٿي اٺ جي واکاڻ وارا چند سرجيا. جيڪي تمام گهڻا مشهور ٿيا. هن موضوع تي ڪجهہ روشني وجهڻ وڏاءُ نہ ٿيندو. جيملجي جهيبا پنهنجي دؤر جو بهترين شاعر هو. ان جي زبان پرندي هئي. ان معمولي ماڻهن پاران ڪيل غير معمولي ڪمن تي شاعري لکي انهن کي تاريخ ۾ امرتا بخشي ڇڏي.

ادبي حوالي سان تمام وڏو ڪم ڪيو هو پر ٻيڊاپڻ ۾ هٿ تنگ ٿي ويو. گهر ۾ ڪوبہ ڪمائڻ وارو نہ هو. ڏڪار پوڻ ڪري اولهہ راجستان ۾ غريب ۽ بي سهارا ماڻهن جي حالت نازڪ هئي. سوڍو دولت سنگهہ ڀاڻ جي ڳوٺ چوڙ جو رهواسي، گنگڏاس شاخ جو تمام مشهور ۽ اثر و رسوخ وارو ماڻهو هو. جيسلمير جي مها راول مولراججي دولت سنگهہ سوڍي کي کوهڙي ڳوٺ سنبت **1842** وڪرمي ۾ عنايت ڪيو هو. جتي ستين پيڙهيءَ ۾ ان جو اولاد اڄ بہ رهي پيو. گڏن سان پريل رحم دل سوڍي جڏهن ڪوي جيمل جي جهيبا جو حال احوال معلوم ڪيو تڏهن ڪنهن ماڻهوءَ کان خبر پيئي تہ ڪويسر جي حالت بري آهي. اهو معلوم ڪندي هن دياوان سوڍي جي درياءَ جهڙي دل پرجي آئي. هن ڇا ڪيو جو چار مڻ ٻاجهري سان پريل ڳوڻ، هڪ سانڊ (اٺڻي) تي پلاڻي تحفي طور موڪلي ڇڏي، ٻاجهريءَ سان پريل ڳوڻ ۽ برسات پوڻ تي پوکڻ لئہ ” جوڙو“ ٻئي مهرباني طور گهر ويٺي ملڻ تي ڪوي ڏنيواد ۽ شپ ڪامنا ڏني. اٺ جي باري ۾ ”رومڪند چند“ ٺاهڻ وارو ذهن ٺاهي ورتو. پراڻي زماني ۾ ڪيئي شاعر اڻ پڙهيل هئڻ ڪري شاعري زباني ياد ڪندا هئا. مون اهڙا بہ شاعر اکين ڏٺا جيڪي ٻنيءَ ۾ هر هلائيندي بہ رومڪند ۽ ريٽڪي

جهڙا ڇند ۽ ڊنگل گيت تمام بهترين نموني سرجي وئندا هئا. ننڍو وڏو ڪتاب جوڙي زباني ياد ڪري ڇڏيندا هئا. سرڳواسي آسوڏانجي سنڌائچ ڳوٺ ماڙوا (پوڪرڻ) تہ زندگيءَ جي انين ڏهاڪي ۾ ”رامڏي روپڪ“ نالي اعليٰ پائي جو ڪتاب زباني جوڙي ٻڌائي ڇڏيندو هو. جيڪو پنهنجي هٿ اکرن ۾ لکي نہ سگهندو هو. جيمل جي جهيبا بہ لکڻ ۾ شايد ڪمزور هو جو ڳوٺ آڪلي (ٻاڙمير) جي پنهنجي رشتيدار نوجوان شاعر پڳوڏان پٽ هرداسجي جهيبا کي هي ڇند لکڻ لاءِ چيو ۽ پاڻ خوبصورت روپ ڏنو. جهيبي جا لکيل ”اٺ جا واڪاڻ“ جهڙا ڇند ٻئي ڪنهن بہ شاعر نہ سرجيا هئا. انهن ڇندن جي سرجڻ جو وقت سنبت **1842** وڪرميءَ کان **1850** وڪرميءَ جي لڳ ڀڳ آهي. سنبت **1812** وڪرميءَ ۾ ڀينڪر ڏڪار پيو هو تڏهن جيسلمير جي ”جينجهٽياري“ ڳوٺ جي سپوٽ ۽ رحم دل ڀاٽي مولچند ”سداورت“ هلائي هئي. ڏڪار سبب سنڌ ڏي لڏي ويندڙ غريب ۽ بي سهارا خاندانن پاران اٿهوند ۽ مشڪلاتن جي نندڙن ٻارن کي انهي ڀاٽي سردار جي پروسي ننڍ ۾ ڇڏي وڃڻ جو فيصلو ڪيو ويو ۽ آڌي رات جو اهي معصومن کي ڀري ننڍ ۾ اڪيلا ڇڏي سنڌ لڏي ويا. ٻئي سال برسات پوڻ وقت واپس ڳوٺ ورندي ممتا جي مارين مائرن جڏهن پنهنجن ٻارن کي کلندي ڪڏندي خوش ڏٺا تڏهن انهن جي اکين ۾ خوشيءَ جا لڙڪ لڙي پيا. ان ڀاٽيءَ جي مدد ۽ رحم دليءَ جي باري ۾ جيمل جي جهيبا جو لکيل هي سورٺو پڙهڻ وٽان آهي:

موڪيا ماويتريهه ٻاڙڪيا ٻاروتري
جادم جتن ڪريهه موٺا ڪيڏا مولچند

سنبت **1812** وڪرميءَ جو تہ هي سورٺو آهي. سنبت **1842** وڪرميءَ ۾ ڪوهڙيءَ جو ڳوٺ سوڍي دولت سنگهہ کي مليو. ان ڪانپوءِ جيمل جي جهيبا جي لکيل ڇندن جي ڪڙي ملائڻ سان اها پڪ ٿئي ٿي تہ، هو حياتيءَ جي انين ڏهاڪي ۾ هو. آخري ڏينهن ۾ لاهور جي سک بادشاهہ رڻجيت سنگهہ سان ملڻ لئہ ويو ۽ اتي ئي هن جو موت ٿيو. ان بابت هي سورٺو آهي تہ:

اڙ مرڌر سون آڻ ڪترا گڻ ڏگڙي ڪيا
جيمل رو جيراڻ لکيو هوتو لاهور ۾

سوڍا دولت سنگھہ جا ڇند ”اونٹ را وکاڻ“ ڪيئي ماڻهن پاران سکڻ جي دؤران سلسليوار نمبر ۾ ڇند بدلجي وڃڻ ڪري، ڪيئي وڃائجي ويا. اتفاق سان مون پاران ٽن ماڻهن جي واتان ٽيپ رڪارڊ ڪيا ويا هئا. اهي ٽيئي وڏا مري ويا. هڪ ٻن ٻين ماڻهن کان ۾ هڪ پينسل سان لکيل پنو ڪٿان هٿ آيو. انهن سڀنيءَ کي گڏ ڪري، سليقي سان ترتيب وار ٻہ دوها، ٻارنهن رومڪند ڇند، ۽ آخر ۾ هڪ ڇپايو ڏيئي، هن ڪتاب ۾ ان ڪري شامل ڪيم تہ جيئن ڍاٽ ۾ جنم وٺندڙ هڪ سپوٽ گنگڏاس سوڍي دولت سنگھہ جي تاريخي اهميت هميشہ محفوظ رهي. هن جو ذڪر اتهاس جي پني ۾ هميشہ امر رهي. انهن ڇندن جي تقريبن اڌ صدي گذري وڃڻ ڪانپوءِ ”سوڍائڻ“ جي سرجڻهار مها ڪوي چمن جي ڪويا، سڻ ڌري (ٻاڙمير) جي راول ويوت سنگھہ جا ڇند رومڪند ”اونٹ را وکاڻ“ هڪ دوهو ٻارنهن ڇند ۽ آخر ۾ هڪ ڇپيو لکيو هو. ان جي برابريءَ جا ڇند اڄ ڏينهن تائين ڊنگل ادب ۾ ناهن ملي سگهيا. ڪٿي ڪٿي اکر ڪٽجي ويا هئا، پر منهنجي والد صاحب سنڀالي رکيا هئا، جنهن سبب سوڍائڻ جي اپياس ۾ مون انهن کي ٻہ سن **1966**ع ۾ ڇپائي ڇڏيو هو.

آخر ۾ هڪڙو احوال تہ جڏهن مون ”ڌرا سرنگي ڍاٽ“ کي پنهنجي ڳوٺ ٻرائي ۾ لکي پورو ڪيو تڏهن امر ٻلڏاني ”راڻي رتن سنگھہ جا ڇند سارسي“ فون تي ٺاڪر ارجڻ سنگھہ چوهاڻ (جهونتڙا-جالور) کي ٻڌايا، تڏهن هو ايترو تہ خوش ٿيو جو هن ڪتاب کي ڇپائڻ وارو سڄو ڪم قبول ڪري ورتو. اهڙي ادب ذوق، سماجي خدمت گار ۽ سڄڻ جا لک ٿورا مڃان ٿو. بعد ۾ ٺاڪر جيتمال سنگھہ سوڍا جيڪو سوڍا شوشل ويلفيئر جو باني ۽ راڻي رتن سنگھہ جي وڏ گهراڻي سان تعلق رکندڙ آهي. مون کي هڪ نياپي ۾ چيو تہ ”راڻي رتن سنگھہ ۽ ڍاٽ پرڳڻي جي گهڻين يادگرين کي جنهن ڪتاب ۾ دل سان

لکيو ويو آهي ”سوڍائڻ“ ڪانپوءِ جي صرف هڪڙي اهڙي تخليق کي آئون پاڻ پنهنجي پاران ڇپائڻ جو پڪو ارادو ڪري چڪو آهيان“ بئي ڪنهن ماڻهوءَ کي تڪليف ڏيڻ جي ڪا بہ ضرورت ناهي. پوءِ بہ بنان ڪنهن لالچ جي نيڪ دل سان آچ ڪندڙ منهنجي گهٽگهري, ادب ذوق ٺاڪر ارجڻ سنگهہ سوڍا لئہ نيڪ تمنائون. باقي ٺاڪر جيتمال سنگهہ ۽ ان جي خاندان جي باري ۾ ڪجهہ لکڻ لاءِ مون وٽ لفظ ئي ناهن. . . بس ايترو چوندس تہ جيوم شرڌه شتمو

دوهو

هينوڙي هندا حرف هي البيلو اتهاس
ڌرا سرنگي ڍاٽ ري خوبي آهج خاص

شڪتيڏان ڪويا
ڏياري_سنبت **2066** وڪرمي
پولو_**2** جوڌپور راجستان.

"ڏرا سرنگي ڍاٽ"

(ڍنگل لهجي ۾ ڍاٽ پرڳڻي جو تاريخيءَ ۽ تهذيبي احوال)

دوها

سمت سماپي سرستي اکت انوٺي آڻ
ڏرا سرنگي ڍاٽ را وڏ وڏ کرون وکاڻ

(اي سرسوتي ديوي! اهڙي کا انوکي ڏات ڏئي جو آئون ڍاٽ جي سندر رنگن واري ڏرتيءَ جي وڏ کان وڏ ساراهه ڪري سگهان)

مني وشيشٽ جگ منڊيو آبو سکر اتنگ
دانو جد ڊيدو دخل ڊاپڻ کيڊو ڊنگ

(وشيشٽ مني جڏهن آبو جبل تي ويهي يگيه ڪيو هو، تڏهن شيطاني صفت طاقتن دخل اندازي ڪئي هئي. انهن کان بچاءُ لاءِ مني باهه جي ڪن مان چار شتري پيدا ڪرڻ جو سعايو ڪيو هو.)

اگن کنڊ سون اوپنا پهه شتري پرمار
سولنکي چوهاڻ سم هوئا وڙي پرتهياڙ

(باهه جي ڪن مان چار راجپوت يوڌا پيدا ٿيا، جن مان بادشاهه پرمار ٿيو. سولنڪي، چوهاڻ ۽ پوءِ پڙهيار پيدا ٿيو)

اگن ارک ايکو ارٹ اسرو وڈوسڻ آک
پرماران پرٿم سوڍو سورج ونسي ساک

(باهه ۽ سج هڪڙي ئي ڳالهه آهن، باهه ۾ به تپش آهي ته سج ۾ به تپش آهي، ان حوالي سان سوڍو سورج ونس آهي ۽ پرمارن ۾ پهرين نمبر تي آهي)

وڪرم اجيڻ نرپ وڏو پر دک کاٽ پرمار
جليمو ڪل جگديو جڻ ڏيو سيس ڏاتار

(اجيڻ نگريءَ جو وڏو بادشاهہ وير وڪرم هو جيڪو ٻين جا ڏک ڏور ڪندڙ پرمار هو. جگديو جي ڪٽنب ۾ جنم وٺندڙ هي وڏو ڏاتار هو جيڪو سر ڏيئي سرهو ٿيو)

ڪل پرماران جس ڪلس ڌارا نگري ڏيس
پرکي آخر ڀوج پهه وسوڌا لاک وريس

(پرمار ونس جي واڪاٽيل گادي ڌار نگري آهي، جتي راجا ڀوج راڄ ڪيو هو، ان تخت جي ٻنيهہ گڻن کي پرکيو هو. راجا ڀوج جي ساراهہ صدين تائين هلندي رهندي)

پوٽا ساک پينتيس هي وڏ پرماران ونس
سوڍ پرماٺو جگ سهي امراٺون اونتس

(پرمارن جي وڏ گهراڻي جون پوريون پنجتيهہ **35** شاخون آهن جن ۾ سوڍا جڳ مشهور آهن، سوڍن جي ڪري امرڪوٽ جو ڳاٽ سڀني کان اوچو آهي)

اکي سجس تيون آيرڻ پرڻ راکي ڏي پراڻ
گهر آيو مونگم گهٽي سو ڌرتي سوڍاڻ

(واکاڻ انهن جا ڪجن جيڪي ساهہ ڏيئي ويساهہ ڏين ٿا پنهنجي جان ڏيئي وچن پاريندڙ۽ گهر آيل مهمان کي وڏي عزت ڏيندڙ ڌرتي سوڍاڻ (ڍاٽ) آهي)

گور سريکي گوريان مرد جٺي من موٺ
پرهه نوکوٽان ۾ پرٿم کهيجي امرکوٽ

(جتي جون عورتون حورن جهڙيون حسين آهن، مرد مٽيادار آهن سڀني نوڪوٽن ۾ پهريون نمبر امرڪوٽ آهي)

شو واڙي سچيا آڏو اشٽ انوپ
سوڍي ني ور سمپيو ڀيو ڏات رو ڀوپ

(شو واڙيءَ ۾ اشٽ ديو شو آهي، سچيا ماتا جي ديا سان سوڍي کي دعا ملي ۽ هو ڏات جو بادشاهه ٿيو)

ست چاهڙ سوڍ سپهه، هال رتوگڊ هيل
اگياري سؤ اکياسئي ماهه سڌ تيرس ميل

(چاهڙ راءُ جو پٽ سوڍو سنبت **1181** ۾ تيرس جي ڏينهن رتي ڪوٽ تي پنهنجو راڄ قائم ڪيو)

سوڍ هرو چاچگ سري پيهه امراڻو پاٽ
عمر سومري اوٿپيو کٽ پورس جس کاٽ

(سوڍي جي پوٽي چاچڪ ديو عمر سومري کي هارائي امرڪوٽ جو راڄ هٿ ڪيو)

جئه پرم ست جسهڙ جکي ريجهه سوڍا امراڻ
ڏيتا کوي جنف ني ڏيو کاروڙو جس کاڻ

(جئه پرم جو پٽ جسهڙ هو، جنهن امرڪوٽ ۾ وڏو دان ڪندي، جنف چارڻ کي کاروڙي جي جاگير **1500** اڪڙ ڪروڙ پسا و ۾ ڏني)

ٻارهي سؤ اکراڻوي وت ٽت کروڙ وريس
راڻپ پڌوي ريٽوان سوڍان کي بگسيس

(سنبت **1291** وڪرمي ۾ ڏات جي سوڍن ٻاران کاروڙي جي ڏيتا چارڻن کي راڻپ واري لقب سان نوازيو ويو هو.)

ڏيول پليائي ڏيپي سگت وڏي سوڍاڻ
ٿانڪ ڪاروڙو ٿيو پرچا جگت پرماڻ

(پليئي چارڻ جي ڏيءَ ڏيول شڪتيءَ ڪي سوڍا سچي دل سان پوڄيندا آهن جنهن جو آستان ڪاروڙي چارڻ ۾ آهي، جيڪا سچي دنيا ڪي سمريا سڌ ڏي ٿي)

آوڙ ڏيوي ايٽ هي سمنڊ هاڪڙو سوڪ
جيواڙيو مهرڪ جدي روي پهر هيڪ روڪ

(آوڙ ديوي اتي آهي، جتي هاڪڙو درياءَ سڪي ويو آهي، جنهن مهرڪ کي زنده ڪيو هو. سج کي هڪڙو پهر روڪي ڏيکاريو هو)

امرڪوٽ پرٽيا اوپي مهي ٻنڌي سر موڙ
تونئر رامسا پير تيون رنگ پاٻو راٺور

(سر تي سهرا ٻڌي امرڪوٽ مان پرڻجي آيل تونئر پير رامڏي ۽ پاٻوجي راٺور اوهان کي سلام آهي)

آيو سونل ري اينڏر سوڍان ونس سڌير
مانڏڻ ست ڌر ڍاٽ ۾ پرگٽ پٿورو پير

(سونل جي ڪک مان پيدا ٿيو، سوڍن جي سدير ونس جومالڪ، مانڏڻ جو اولاد ڍاٽ ۾ پٿوري جي نالي سان مشهور پير ٿيو)

پنري سؤ چپن پوٽان سڌ ميگهسر ساتم
هوئو سوم ني ياٺهر جاڻ پٿورو جلم

(سنبت **1556** وڪرمي، نڪشتر ميگهسر جي ساهي ستون تي، سومر جي ڏينهن مانڏڻ ياڻ جي پٽ پٿوري جو جنم ٿيو)

مڏي اڪاڙي رو مهنت وير ناٿ سڌ ويس
ڏيو مگٽ ڏيول مان اڻ ٿانڪ آديس

(آڪاڙي مندر جو مهنتر ويرناٿ ساڌو هو ڏيول ماتا جي آديس سان ان جو ٿان بہ اتي آهي)

هوئو سنت همروٽ ۾ جپيو جاپ اٺ جام
ڏيو چند سون ڏرسيا نجانند گڻ نام

(امرڪوٽ ۾ هڪڙو سنت ٿيو جيڪو اٺ ئي پهر ايشور جي نالي ۾ مگن هوندو هو جنهن جو اصل نالو ڏيو چند هو پر پوءِ نجانند نالي سان مشهور ٿيو.)

تڻ گادي سامي تپيو ڏامي پنٿ ڏجال
پراڻ ناٿ سڌ پرش ابڌو ييڪ اجال

(انهي گاڏي تي وري سامي تپسيا ڪئي، جنهن ڏامي نالي پنٿ جو بنياد وڌو. پراڻ ناٿ نالي اهو سچو ماڻهو سدائين سامين جي ويس ۾ هوندو هو.)

پير بڙو پچماڻ پت سنڌ ۾ جميل شاهه
سڪر ڌڻي پوڄي سهي رل مل دونون راهه

(اولهہ ۾ وڏو پير سنڌ جو جميل شاهہ آهي، جنهن کي هندو مسلم سيئي پوڄين ٿا.)

ڍلو هوئو روحل ڀڳت ڌر امراڻون ڍات
ڪنڊڙي واڙو پير ڪهيجي پوڄي تاپس پات

(امراڻي جي ڌرتيءَ تي روحل ڀڳت جهڙو ڍلو ۽ نيڪ ڀڳت ٿيو جنهن کي ڪنڊڙيءَ وارو پير ڪري سڏيو ويندو آهي، جنهن جي پوڄا پاٺ بہ ڪندا آهن.)

سوڍ ڪينئري سمپيا هيور ڏيٻ هجار
چونئري ويلا چاو سون سجس گائي سنسار

(سوڍي ڪينئري چوئنري چڙهڻ ڪان اڳ ساميئي وقت چارڻن، ڀاٽن ۽ ڀانن کي پنڌرنهن سؤ گهوڙا خيرات ۾ ڏنا هئا. جنهن ڪري چوئنري وقت وڏي چاهه سان سوڍو ڪينئرو گيت ڳائي، هي سنسار ان جا گڻ ڳائي ٿو)

ڏيا چونڊ ڪمڌج ري پرٺو جان پڌار
اپيا راٺي اوتار ڏي تين سهس توڪار

(چونڊا راو راٺورڙ جي ڏيءَ سان شادي ڪرڻ وقت راٺي اوتار ڏي يجمانن کي ٽي هزار گهوڙا دان ۾ ڏنا هئا)

سوڍي بانٽي سمپدا چندڻ ورس چوئيس
ڪيرت گاوي ڪاڇبو ڍاٽ پارڪر ڏيس

(پارڪر جي سوڍي راٺي چندن چوويهه سال ڪارونجهر وٽ دان ڪيو. جنهن جو اصول هو ته دان ڀيج ڪرڻ ڪان اڳ ۾ ڏندڻ پاٽي ڪو نه ڪندو هو. جنهن جا گڻ ڪاڇبي ڳايا آهن)

سوڍ رتن مولي سپهه يلو سپوتان ياو
پربت ميسڻ ني پرتڪ ڪيڌو ڪروڙ پساو

(سوڍو رتن چارڻن کي دان ڏيڻ ۾ مشهور هو جنهن پربت ميسڻ (چارڻن شاخ) کي دان ۾ ڪروڙ پساو ڪرايو هو)

سانول سڌ چارڻ سڪوي آڪيا گيت امام
سمپي ساتون سندڙي جس لي انڙ جام

(چارڻن جي بهترين شاعر، سنڌ جي جام انڙ جي ساراهه ۾ ڪيئي خوبصورت گيت لکيا آهن)

تڻ رو ستن تماچي سنڌ تڻو پتساهه
وسوڌا چهون ڪوٽان وڏي پرمل پول پرواهه

(تنهن جو پٽ ڄام تماچي ٿيو جيڪو سنڌ جو بادشاهہ هو. جنهن جي ساراه چوڌس ائين چمڪي رهي آهي جئين پونم جو چنڊ چمڪندو آهي)

سمان روگڊ سامئي سڌ تاران رو سام
انڙ هندي اوڙ ۾ جس لي گاهو جام

(سمن جو گڊ سامئي کي چوندا آهن، جيڪو بهترين سخي سڏيو ويندو آهي. ڄام جي لقب سان سڏيو ويندو آهي ڄام انڙ جي ساراه هر ڪهنہ ٻڏي هوندي ان جي خاندان ۾ ڄام ٻاهو بہ مشهور ٿي گذريو آهي)

ويڪو پنوئاٽي وروي گڊوان نون گجراج
جاڙيچو جس جاڻ گر سڌ تاران رو سرتاج

(ويڪو پنهوئاٽي چارڻن کي هاٿي دان ۾ ڏيندو هو، اهو جاڙيجو سيني ڏاتارن جو سرتاج هو جنهن جا گڻ صديون ڳائيندديون)

سپڙ ڇهوٽاٽي سمون هتوان پورڻ هام
پنگ چڙهايا پالڪيان نج ڪل چاوون نام

(سپڙ ڇهو ٽاٽي سمون وڏو ڏاتار ٿي گذريو آهي جنهن جي هاڪ هر هند هلي ٿي، جنهن چارڻن کي پالڪين ۾ چڙهايو هو)

هيڙائو گاوي هلس ڏن اوجڙي ڏر ڍاٽ
ڪانٽي موتي پوويان ٻنون ويهنتي واٽ

(ڏنڪار ڍاٽ جي ڏرتيءَ کي جيڪا هيڙائو جا گڻ ڳائي ٿي، جنهن واٽ ۾ ڪنڊن جي جاءِ تي موتي وڇائي ماٺهن جي آڏرياءُ ڪئي هئي. هيم هيڙائو ڄام انڙ ۽ لاکي ڦلائي کان بہ مٿي ڏاتارهو).

سڻ ناگوڌر سومرا انتس وڏي الوڙ
رنگ پيٽي اڌ رين ۾ گهڻ مونگي هلي گهوڙ

(اي ناگوڌر سومرا ٻڌ ! اندر ۾ وڏي اڪير اٿي آهي! رنگن ۾ ٻڏل اڌ رات جو اندر ۾ پيار جو درياءَ پلٽي پيو آهي، دل تو تان نڇاور ٿيڻ لئہ تڙپي اٿي آهي)

مهاجڙ جايو مينڌرو گهر رسالو گيت
محل هوتا امراڻ مهي پر تک نشاني پريت

(”مهاجل جايو مينڌرو“ نالي رس ڀريو لوڪ گيت امراڻي جون عورتون ڳائينديون آهن، جيڪو سچي ۽ پڪي پيار جي پوري نشاني آهي. امراڻي اهڙي پيار جي نشاني طور هڪ محلات هوندي هئي.)

ميڙي تج آئي ملڻ ڪيا پراڻ قربان
گونجي مومل گيت ۾ امر پريت اهناڻ

(ماڙيون ڇڏي، محلاتون ڇڏي، صرف محبوب سان ملڻ لئہ آئي ۽ جان قربان ڪري ويئي. اهڙي سچي پيار جي نشاني مومل گيت ذريعي اڄ بہ ڍاٽ جي دڙن تي گونجي ٿي)

پيري سانگڙيئي پلي ٻالوچڻ گائي
ڪلي رتنو ڪوڏ سون پتري پرڻائي

(سانگڙ ڳوٺ (راجستان ۾) جي پيري نالي چارڻ ڪلاڪار اهڙي بهترين نموني ”ٻالوچڻ “ڳائي جنهن کان متاثر ٿي ڪلي رتنو چارڻ پنهنجي ڌيءَ پرڻائي ڏني)

باتان جلال بوبنان ٿني بکر رو ٿاٽ
واٽ پريت چاوي بي حد هيتارت ري هاٽ

(جلال بوبنان جو ڳالهيون صديون ڪنديون آهن جتي بکر جو ٺٽ هو پيار ۽ محبت جو ڳالهيون هونديون هيون.)

ساهه رسالو سانيڙو سنڌي سات سنيهه
گاوي منگل گوريان آپي ڪنٺ اڇيهه

(اي سنڌيو! شاهہ جي رسالي کي سڪ ۽ محبت سان ٻڌو. جنهن کي خوبصورت ڇوڪريون شپ ڏيهاڙن تي پنهنجي ڪوئل جهڙي آواز ۾ آلاپين ٿيون.)

ساهه همايون لي سرڻ جلميو اڪبر جيٺ
بانٺي ڪستوري وڙي امراٺون ڌر ايٺ

(دهليءَ جي شهنشاهہ همايون جڏهن شاهہ سوريءَ کان شڪست کائي راڻي پرشاد وٽ جتي پناهہ ورتي هئي اها امرڪوٽ جي ڌرتي آهي، جتي بادشاهہ اڪبر جو جنم ٿيو هو. جڏهن اڪبر ڄائو هو تڏهن راڻي پرشاد پوري شهر ۾ ڪٿوريءَ جي خوشبوءِ ڦهلائي هئي)

ياماسا ٽٺون يون ڪروڙي ڌج ڪينڪاڻ
هوتا سهر همروٺ ۾ ساک پري سوڍاڻ

(ياماسا راجا جو محل هوندو هو. جتي ڪروڙن جي ملهہ وارا پلا گهوڙا هوندا هئا، اهو امرڪوٽ شهر هو. جنهن جي شاهدي سوڍن جي سموري ڌرتي ڏئي ٿي)

سنڌ ديس سوڍاڻ هي رتناڪر رو روپ
ڏڌي مٿڻ جم درسيا چوڌهي رتن چونپ

(سوڍن جي ديس سنڌ سمنڊ وانگي آهي جنهن ۾ رهندڙ سوڍا ائين خوبصورت لڳن ٿا ڄڻ سمنڊن مان نڪتل چوڏهن رتن (هيرن) هجن)

رنيا جسهڙي رمٺيان چندر مکي من چاو
مٽين گهٽا گج گامٽي ويس سرنگا وٺاو

(رنيا (سرڳ لوڪ جي اپڇرا جو نالو) جهڙيون خوبصورت وينگسون، چنڊ جهڙن وٽندڙ چهرن سان، ڪيئي زيور پائي، هاٿي وانگي ڏيميون ڏيميون هلندي سندر ويس وڳن ۾ من کي موهي مارين ٿيون.)

گهرت امرت ڏيٽا گهٽا وڻ وينيوجن وڏ وڏ
ڏينان وهي سرڏين جيون سڏن رما رد سڏ

(ڪير، مکڻ، گيهہ جون نديون هلن ٿيون. ڍاٽ جي ڌرتيءَ تي رڌي سڌي جي ڪرپا سان ليلا لهر لڳا پيا آهن)

وڏ گهڊنبر ڪلپ ورڇ هئي روي جيون ورهاس
سري ڏار سوڍاڻ ري رنگ روپ گڻ راس

(سوڍن جي خوبصورت ڌرتي ڍاٽ سپني کان وڌيڪ گڻن، رنگن ۽ روپن سان رچيل آهي جتي جا گهوڙا سج جهڙا سندر ۽ تيجوان آهن)

هر گهر ۾ اوطاق هلي ٿرو هٽيان ٿاٽ
دپٽ اڙي گيهه ڏوڏ ري ڏر اوپجائو ڍاٽ

(هر گهر ۾ اوطاق هلي ٿي. سدائين ٺٺ ٺاٽ لڳا پيا آهن، گيهہ ۽ کير جي خوشبوءَ ڍاٽ جي اجري ڌرتيءَ تي مهڪي رهي آهي)

طور انوٺي تريوٽي پيچ موليو پاڻ
تن ڪسيا جرڪس تري سپٽ جڪي سوڍاڻ

(انوکي طريقي سان تريٽو پائي، مٿي تي ڦينٽو ٻڌي، سينگاريل گهوڙن جا لغام جڪي سنواري صرف سپوٽ سوڍا ئي ڪري سگهندا آهن،جن جي لوڏ جي هوڏ ڪوبہ نہ ٿو ڪري سگهي)

لال ريسمي لنگيان خاص نصرپوري ڪيس
چنگا نر هيور چوان وڙي سرنگا ويس

(ڳاڙهيون ريشمي لنگيون ڪلهن تي، ٻيا خاص نصرپوري ڪيس ڪٽي گهوڙن تي سنوار ٿيندڙ خوبصورت سوڍن جا رنگ برنگي ويس وڳا موهندڙ آهن)

ورهاسان ناسان وجي پوهمي ٽرڪي پوڙ
گجب ڍاٽ گٽگور ري ڏيئي واهہ گهڙ دوڙ

(گهوڙن جي وڄندڙ ٽاپولين سان، ڌرتي ڌٻندي آهي، گٽگور (ورت) جي ڏينهن گهوڙن جي ڊوڙ ڍاٽ ۾ غضب جي هوندي آهي، جيڪا مون اکين سان واهہ جو ڏٺي آهي)

ڍاٽ ڌرا ري ڏيوڙي گجب سرنگو گات
جيون سورج ري جوت ۾ پوين ڪليو پرات

(ڍاٽ ڌرتيءَ جي ڏيئاري غضب جا سندر گيت ڳائيندي آهي ۽ هوءَ ائين ٽڙندي آهي جئين سورج جي ڪرڻن تي پرهہ ڦٽي جو ڪنول جو گل ٽڙندو آهي)

اوکاڻو آڏو اڙا پرتک گڻ پرماڻ
جي سک چاهو جيو رو ڌڻ ڍاٽيجي آڻ

(سموري ڌرتيءَ تي اهو ئي پراڻي ڪهاوت مشهور آهي تہ جيڪڏهن زندگيءَ جا سمورا سک صحيح نموني ماڻڻ چاهين ٿو تہ، زال ڍاٽ جي ڍاٽياڻي وٺي اچ)

گهات انوکي جس گهڙت هئي هيت ري هاٽ
جونو تلڪ للاٽ جگ ڌرو تاري جيون ڍاٽ

(مالڪ سائين ڍاٽ کي انوکي نموني سان ٺاهيو آهي، محبت جي هاڪ آهي جئين قطب تارو هن جهان جي نرواڙ تي جهوني تلڪ جيان خوبصورت لڳي ٿو ائين ئي ڍاٽ سهڻي آهي)

سانيڙ ڪيرت سنڌڙي نرمل پڙڪي نور
سوڍا ريجهاڙو سڪل پرمل جس پرپور

(سنڌ جو تعارف ۾ڏو! هي اها ڌرتي آهي جتي نرمل نور وسي ٿو. جتي سيني سان محبت ڪندڙ سوڍا رهن ٿا. جن جي ساراهه سڄو ڏيهه ڀرپور نموني سان ڪري ٿو.)

ڏن ڏن جهوني ڍاٽ ۾ جبر سوڍ جونجهار
گائيجي گيتان گٽي دل پريمي ڏاتار

(ڍاٽ جي سياڳي ڌرتيءَ تي ڪيئي سپوٽ سوڍا، زوردار بهادر، سخي ڏاتار ۽ محبت ڪندڙ مرد پيدا ٿيا آهن، جن جا گڻ گيتن ۾ ڳائجن پيا)

گيت رتن راڻو گجب ڦهليو جس چهون ڦير
ايڪر سون امراڻي ۾ گهوڙلو پاڇو گهير

(راڻي رتن جي باري ۾ رچيل لوڪ گيت ”هڪ وار امرڪوٽ گهوڙو وڻي اچ“ چوڏس غضب جو ڦهليو آهي)

رڻمل ڪاوڙيو روچي گائي رائچند گيت
جلو هنجلو جگت ۾ پڻ وائريو پريت

(ضلعي هنجلي جو رڻمل ڪاوڙيو به مشهور هو جنهن جي باري ۾ رائچند گيت ڳايو ويو.)

واگهو ڪونڙيو وڙي لاکو ڦلاڻيهه
جسمان آيل جوڙ ري سروڻ رنگ ماڻيهه

(هن دوهي ۾ ڪڇ جي مشهور ڏاڙيل ۽ سخي ڏاتار لاکي ڦلاڻي ۽ راجستان جي مشهور سخي واگهي ڪونڙئي جي وڏائي بيان ڪئي ويئي آهي)

ڪاڇي ڪريو ڪوڏسون گڻ توڏڙلي گائي
سيٽان ري واڙي سرس جت موروڙو جائي

(ڪڇ پرڳڻي جا ڪاڇي ماڻهو شوق سان ڪرهليو ۽ توڏڙلي ڳائيندا آهن. سڄڻ جي سرزمين سينيءَ کان ڀلي آهي جتي موروڙو وجي ٿو)

”تاريخ ۾ مشهور سوڍن جو تعارف“

ڏن ڏن ڏورا ڍاٽ را جوڌ سجورا جاڻ
نورا ڪرڪر نيهه سون سورها رکي سجاڻ

(ڍاٽ ڌرتيءَ جا سياڳا ڌڙا، جتي جوڌا پيدا ٿين ٿا، اتي محبتن جي منوهار ڪئي وڃي ٿي. سڄڻ کي خوش رکيو وڃي ٿو)

گيتان آلو گونجتي ڍاٽي ٽٽي ڏوريهه
رو اجوٽي راتڙي ٿٽ سيٽان ٿوريهه

(ڍاٽ جي ڏڙن واري ڌرتي گيتن سان گونجي ٿي. اڄوڪي رات سڄڻ جي ٿوري سان هتي ئي رهي پئو)

هووي جگ ۾ هوڪبا راگ ٽٽون انو راگ
پورس انمي پاگ ۾ پل سوڍا وڏ ڀاگ

(راڳ توڙي رس ۾ دنيا ۾ اها هاڪ آهي تہ بادشاهي ۾ سوڍن جو تخت سڀنيءَ کان سرس آهي)

سور وير سوڍاڻ ۾ جلمي ٿيٽو جاڻ
لي ڪرپاڻ رڻ ڌڙ لڙي اتہنگ پڙ امراڻ

(سوريهہ ويرن جي سياڳي ڌرتي سوڍڪيءَ ۾ هتي ڪيئي جورا ور جوڌا پيدا ٿيا آهن، جيڪي ڪرپاڻ (هٿيار) کڻي جنگ جي ميدان ۾ گهڙيا، جن جا سر ڪٽجي ويا، پر ڌڙ لڙندا رهيا، امراڻ جي ڌرتيءَ تي انهن جا شيش سورهيائيءَ جا ثبوت بڻجي رهجي ويا)

ڌرتي اوجل ڍاٽ ري والهي واٹ وسيس
ٿرو امامان ٿاٹ هلي هاٹ رهاڻ هميس

(ڍاٽ جي اجري ڌرتي، جتي سدائين گهٽي ڪان گهٽان نت باٽ رهيا آهن. جتي سدائين رهاڻ رچيل هوندو آهي)

سوڍان رنگ ليڌا سدا ريڌا گڻ راجاڻ
ڪيڌا ايري ڪوياڻ ڏيڌا سانسڻ ڏان

(راجائن جي گڻن سان پريل سوڍن سدائين سلام ورتا آهن. چارڻن کي نهال ڪندڙ سوڍا سانسڻ (ڪروڙ پساو) جهڙا ڏان ڏيندا آهن)

آڏو شو رو اشٽ هي ڏيوي مان ڏيول
جبرا جوڌ جوان جگ آڇي اوڌ اول

(شو ڀڳوان جي ڪرپا سان ڏيول ماتا هن ڌرتيءَ تي راضي آهي، هن ڌرتيءَ کي زوردار جوڌا، جوان ۽ عقلمند انسان سيڻيءَ ڪان اول ڏئي ٿي).

سوڍا پرسند سورما، آپي ريجهه امنگ
اتم ٻل نج اشٽ رو رجوٽ گهروٽ رنگ

(سوڍا تمام گهڻا مشهور دلير آهن، اهي غريبن کي دل سان دان پڇ (خيرات) ٻه تمام گهڻو ڏيندا آهن. پنهنجي اصول ۽ خودداري سان راجائي ڪندڙ انهن وڏ گهراڻن کي سلام آهي.)

ويرت ڪيرت ري وگت پرماران ڪل پنت
نامي ڪوي چمنيس رو گڻ ”سوڍائڻ“ گرنت

(پرمارن جي ويرتاهه ۽ ڪارنامن جي گڻن سان پريل ڪتاب ”سوڍائڻ“ مشهور شاعر مها ڪوي چمن جي چارڻ جو لکيل آهي)

ونڪ آسيو ورٽيو هال رائمل هيج
سوڍ ويرسي رو سجس تويو ساندو تيج

(رائمل ويرسي سوڍي جو سجس ڪوي بانڪيداس تمام بهترين نموني ڳايو آهي.)

سوڍ نٻاوت ويرسي ست تڻ چار سڌير
پچائڻ ”ڎيوو“ پرٻل وانڪو راگهو وير“

(نٻن ۽ ويرسي سوڍن ۾ ٽي چار انتهائي سپوٽ ٿيا. پچائڻ ۽ ڏيو پنهنجو مٽ پاڻ هئا تہ. وانڪو ۽ راگهو بہ عقل جا وير هئا)

پچائڻ رو پوترو ست ڀاڪر سپياڻ
سوري سوڍي ري سدن جلميو راسو جاڻ

(پچاڻ جو پوٽو ۽ ڀاڪر جو سپوٽ پٽ رائسنگهہ سوريهہ وير سوڍو ٿي گذريو آهي)

ڀيرو گنگداسوت ڀڙ سوڍ انڙ سمرات
گڊ ٽپيو وانڪو گرند گڻ جهمال جس گات

واڍ رمان وت واڙيو ڪر جڌ آيو ڪام
سوڍ چند امران ستي ويڪونٺان ۾ واس

(جنگ ۾ شهيد ٿيل گنگڏاس سوڍي چند جي ستي ناري امران. جيڪا چندٻ تي ستي چڙهي سرگ لوڪ ۾ ويئي)

سوڍي دولت سنگهه ري ڪيرت سٽان ڇهون ڪونٺ
پنهنچايا گهر پاتوان اڻ منگيا ڌت اونٺ

(سوڍي دولت سنگهہ جي ساراهہ چوڌس ٻڌي رهيو آهيان. جنهن چارڻن کي اڻ گهريا اٺ دان ۾ ڏيندي گهر پهچائي ڏنا)

سوڍو سلامڪوٽ رو جس ڏاري جگمال
راساوت رجوٽ رکي ستروان ري ار سال

(اسلامڪوٽ جو سوڍو جگمال انتهائي ساراهڻ جوڳو آهي، رائسنگهہ جي هن پٽ سدائين راجائي ٻارن وانگي پنهنجي تهذيب جي وارثي ڪئي ۽ راڄ جي سار سنڀال ڪئي)

ست مهاو جالم سري، دل اوجڙي ڏاتار
وت سوڍائڻ هٽ وروي ساک نٻاڻ سٽگار

(مهاسينگهہ جو پٽ جالم سنگهہ عظيم هو جنهن جي دل صاف هئي. هو وڏو سخي ڏاتار هو. هن سوڍن جي شان خاطر سخاوت وارو گڻ سدائين قائم رکيو. هو نٻا شاخ جو سينگار هو.)

وڏ هٽ سوڍو واگهه سنگهه ڏاهلي گج ڏاڻ
جهيٻي ڪيسر جهانقلي جيرا وڏ حد ڪيا واڪاڻ

(سوڍو واگهہ سنگهہ وجئرا هٽ جو چوٽ سخي ڏاتار ۽ وڏي دل وارو هو. جنهن جو ڳوٺ ڏاهلي هو. ڏاهلي جي هن ڏياوان سوڍي جا گهٽي کان گهٽا واکاڻ ڪيسروجي جهيٻي ڳوٺ جهانقلي واري ڪيا آهن)

سوڍان ۾ ڀهون سورما ڏيپي رام ڏيپال
لکيا سوجڙي جهولٽا ڪل ڏيتان ڪرٽال

(سوڍن ۾ تمام گهٽا سورما ٿي گذريا آهن، پر رام ڏيپال جو نالو اڄ بہ چمڪي ٿو. جنهن جي ساراهہ ۾ ڏيتا ڪل جي آفتاب سوجڙي چارڻ جهولٽا (ڇند جو قسم) لکيا آهن)

پونجو سوڍو پارکر اڏيت ريجهه امنگ
راجوڏر چوهاڻ رو سسرو پڱت سچنگ

(پارڪر جو پونجو سوڍو وڏو ڏاتار هو دل گهريا دان ڏيندڙ پونجو راجوڏر چوهاڻ جو سهرو هو.)

نامي سڌ اڪوي نبو ڪت اوجلي ورد ڪاٽ
هر ڀجيو جگمال هر ڏاري انجس ڀاٽ

(اڪجي جي نيڪ نالي سان سڏجندڙ نبو سوڍو تمام مشهور ڀڳت هو. اڪجي جگمالاڻي نبي ايشور جي وڏي ڀڳتي ڪئي هئي، جنهن جا جس اڄ به ڀاٽ ۾ ڳائجن پيا.)

يوجراج سوڍو ڀگت مانيجي منيراج
ساڏولوتان خان ست آنبو پوجي آج

(يوجراج سوڍن ۾ منيراج نالي ڀڳوان جي ڀڳت کي وڏي مڃتا مليل آهي، ساڏورن ۾ وري خانجي جو پٽ آنبو پوڄيو وڃي ٿو.)

سوڍ جالم سنگهه ري ڀئا ايل ڪنوار
ستي ڀگت اڪوي ستا نت پوجي نر نار

(اسلام ڪوٽ جي مشهور سوڍي جالم سنگهه جي ڀئا (ڦڦي) اول ڪنور ستي ڀڳتياڻي هئي. اڪجي جي ڏيءَ کي روز نر ناريون پوڄين ٿا.)

مالا ڦيري مول سنگهه گوڏيار جڻ گام
سام ستن سوڍو سهي روڙو ڀجيو رام

(گوڏيار جي سوڍي مول سنگهه ولد سام سنگهه رام جي اهڙي ڀلي مالها جپي جو اڄ به سندس نالو اجر امر آهي)

سوو ڪانپ ساڏول ري چوان سوڍ چيلار
گئووان هت لي ويرگتي جس گاهڙ جوڏار

(چيلهار جي سوي ساڏور ڏڳين جي رکشا ڪندي پنهنجا پراڻ ڏيئي امرتا پراپت ڪئي، جنهن جا جس چوڏاري پيا ڳائجن.)

جاٽي ويراٽي جگت پڙ ونڪو ڪل ڀاڻ
سوڍ وڇايو ڪيتسي پرتک گئووان پراڻ

(ويراٽي جو ڳوٺ دنيا سڃاڻي ٿي، جنهن جي ڀاڻ ڪل ۾ پيدا ٿيندڙ سوڍي وير بهادر ڪيت سنگهہ ڍڳين جا پراڻ بچايا هئا.)

سوڍ وڇاوڻ سرهيان ڪلو آويو ڪام
ڦولان ڏوهٽ ست ڦبي ڏيءِ رڙيارو ڏام

(حق ۽ سچ جو ساٿ ڏيندي ڪلي سوڍي جام شهادت نوش ڪيو جنهن تي رڙياري جي ڏوهٽ ڦولان ستي چڙهي، جنهن جو ڏام اڄ بہ رڙياري ۾ موجود آهي.)

اڏيت پڙ امراڻ رو سوڍو سورجمل
ڏن هوئي تڻ ري ڏيئا پلا ٻنديا پال

(امرڪوٽ جي ديوتائي سونهن جي مالڪ سوڍي سورجمل جي ڌيءَ سياڳي هئي جو پاٻوجي راٺوڙ جهڙي ويرپال وجود سان زندگيءَ جا پلا ٻڌي چونئريءَ جا ڦيرا ڦري.)

دلي تٽي ڏن ڏيڪري سوڍي نيتل ساٿ
رچيو جگ ور رامڏي هو جوڙي جگ هاٿ

(امرڪوٽ جي دلجي جي ڌيءَ نيتل ٻائيءَ سان رامڏي پير شادي ڪئي، جنهن جي اڳيان هاٿي جڳ هٿ جوڙي نمسڪار ڪري ٿو.)

راٽو سوڍو رائمل من موٽي مهراڻ
گدوان رچيا گيت گڻ پختا ملي پرماڻ

(راٽو سوڍو رائمل سنڌو درياءَ جيڏي دل جو مالڪ هو جنهن جي گڻن جا گيت چارڻن سرجيا آهن جن مان هن جي سگڻن جي پڪي شاهدي ملي ٿي.)

چاوو پڙ چيلهار رو دل موٽي ڏاتار

ست مهاو جونجهارسنگهه سوڍان ڪل سڱار

(چيلهار جو مشهور ڏاتار، وڏي دل جو مالڪ جهوجهار سنگهہ ولد مهاسينگهہ ساڏور سوڍن جو سينگار هو)

نرا ونس ۾ نور هو پهه سوڍا پرتاب
ڪرب ڏيو ڪويراج ني سؤ ڏجراج سماپ

(نرن سوڍن ۾ نور جهڙو بادشاهہ پاپوهر جو سوڍو پرتاب سنگهہ هو جيڪو چارڻن کي ڪرب (دان ڏيڻ جو هڪ قائدو) ۾ سؤ گهوڙا ڏيئي سرهو ٿيو هو.)

سوڍ هوئو ڪنگهار ست گرڏر هر گڻمال
مانجهي ڀاٽ سهر مجهه لالو جس ليوال

(ڪنگهارسنگهہ جو پٽ گرڌرسنگهہ تمام عقلمند هو. جنهن جا ڀاٽ جي شهرن ۾ اڄ بہ گڻ ڳائجن پيا)

گام ڪيرٿي رو گٽي، سوڍو اٽند سچيل
مگها ستن ڏيوان منگٹ هتوان هئه هميل

(ڳوٺ ڪيرٿيءَ جو تمام مهان آهي، جتي ديوتائن جهڙو سوڍو اٽند سنگهہ ولد مگهجي رهي ٿو آهي)

سوڍ ڪانتيو چند ست درجن شال دجهال
ليڌي ڪيرت لوڙ ني من واڇنت ڏي مال

(ڪانتئي جو سوڍو درجن شال ولد چندن سنگهہ وڏو مالدار ۽ دولتمند ماڻهو هو جنهن چارڻ ڪوين کي من گهريا مال ڏيئي، پنهنجي ڪردار کي جڳن لئہ جيئرو ڪيو.)

سرٽيان ساڏار را ورد آپي وريام

سري ريت سوڍاڻ ري آڏو اتن امام

(پناھہ لئہ آيل پناھگيرن کي وڏي عزت ڏيڻ، سام جھلڻ، سام تي ساھہ ڏيڻ، اھا ريت سوڍن جي ديس جي شاندار سڃاڻپ آھي)

شير شاھہ سوري سيٽ دلي تخت دٻاء
شاھہ ھمايون شرڻ نون جد پڇم ڏس جاء

(شير شاھہ سوري جڏھن دھلي جي تخت تي قبضو ڪري ھمايون کي ھارايو ھو تڏھن ھمايون بادشاھہ پناھہ لئہ اولھہ طرف ويو ھو.)

شاھي دل بيگم سھيت جوڌنگر جيساڻ
ھارو پڙ ني ھاليو آخر ڌر امراڻ

(شاھي جٿي ۾ بيگم سميت شاھہ ھمايون جوڌپور ۾ جيسلمير جي مھاراجائن وٽ پناھہ لئہ ويو پر ڪنھن بہ ھٿ نہ وڌا آخرڪار مايوس ٿي امرڪوٽ آيو)

پلٽيا چاڪر وڪم پل سرڻ وروي نرپ سوڍ
حميده بانون پيھن ھوئي امر چونڙي اوڍ

(سيئي ڏکن جا پل ڏور ٿي ويا. سوڍي بادشاھہ پناھہ ڏني، حميده بانون جي مٿي تي چني وجھي ان کي ڌرم جي ڀيڻ ڪئي)

راڻ پتي سرتاڻ ري ماس ڏيو مھماڻ
تورڻ محراٻان تني اجي ڪڙا ايھناڻ

(سرتاڻ سوڍي راڻي پتو عرف پرشاد پناھہ لئہ آيل مھمان کي وڏو مان ڏيندي گوشت کارايو ھو. جنھن جون نشانيون قلعي جي برجن ۾ اڄ تائين بيٺيون آھن)

پنري سؤ ناڻوي ڪاتي سد ڇٺ ڪوٽ
اڪبر وار اڏيت ني ھوئو جلم ھمروٽ

(سنبت **1599** وڪرمي جي، ڪتي مهيني جي ساهي ڇٽ تي، آچر جي ڏينهن اڪبر بادشاهہ جو جنم امرڪوٽ ۾ ٿيو هو.)

جلم يوم آيو جدي مڻ اڪبر ڦرماڻ
ڍاٽ مويسي ڪينگ ڌر هوئي ڇوٽ هندواڻ

(اڪبر بادشاهہ جڏهن واپس جنم ڀومي گهمڻ عمرڪوٽ آيو تڏهن حڪم ڏنو تہ ڍاٽ جي سمورن هندوئن کان سرڪاري ٽيڪس وصول نہ ڪيو وڃي، انهن کي عام معافي ڏني وڃي)

ويرو جيٺ ڪداويو پنئرت پتساهه
امراڻو ڌر آگري رهي هيت ري راهه

(هتي رحم دل بادشاهہ اڪبر کوهہ بہ کٽايو هو. اڪبر جيستائين بادشاهہ هو آگري ۾ امرڪوٽ ۾ محبت واري لهہ وچڙي هئي)

”سرتاڻ سوڍا پاٽوي (گاديدار)“ جاگير وارا
دوھا

راڻا گنگ امراڻ ري تنوج پتو سرتاڻ
تپ ڏاري سرتاڻ رو جميو راجس جاڻ

(امرڪوٽ جي راڻي گنگا سنگهه جا ٻہ پٽ ٿيا، پتو ۽ سرتاڻ سنگهه. سرتاڻ سنگهه انتهائي دور انديش ۽ عقلمند هو. ان ڪري راج گديءَ تي سرتاڻ ويٺو. ان ڪانپوءِ اڄ ڏينهن تائين ان جو اولاد سرتاڻ سوڍا سڏائيندا آهن ۽ اهي ڍاٽ جي گاديءَ جا مالڪ آهن.)

آسڪرڻ سگرام ام راڻ پرٿم مهراج
ڪيسر ست ڪيمون کهون سانگو دتيه سڪاج

(ان ڪانپوءِ آسڪرڻ، سگرام سنگهه، مهراج اول ۽ پوءِ ڪيسر سنگهه جو پٽ ڪيمون، بهترين راڻا ٿيا)

ڦلي درساء سگرام وجڙ سهودران دوئي
اگرج تو جاگير ام، انوج وڏيلي آء

(سگرام سنگهه ۽ وجئہ سنگهه ٻئي ڀائر هئا ٻئي سپوٽ هئا. وڏو جاگير جو مالڪ ٻٽيو ۽ ننڍي ڀڏيليءَ جو ڳوٺ وسايو)

سگرام ري سوراج سو ست تڻ رو سٻليس
سٻل تڻو مهراج سو ڪرم دوسرو کهيس

(سگرام جو پٽ شوراج ٿيو. شوراج جو پٽ سٻل سنگهه ٿيو. سٻل سنگهه جو پٽ مهراج ٿيو. جنهن ڪي دنيا مهراج ٻيو جي نالي سان سڃاڻي ٿي.)

راڻ ٻئي مهراج ري ٻيٺي پاٽ ويوت
مڇي ڍاٽ ڏوران مهين حد گوران اٿهونت

(راڻي مهراج ٻيو جي پٽ ويوت سنگهه جي گاديءَ تي ويهڻ وقت ڍاٽ جي دڙن ۾ انگريزن جي راڄ جي ڏاڪ متل هئي. انگريز پوري ڍاٽ تي قابض هئا)

پير اڏان سنگهه جس پر گٽ راڻ ڏرا امراڻ
وڀوت ست تالا ولند من موٽي مهراڻ

(ڀيوت سنگهہ جو پٽ پيرڏان سنگهہ جڏهن ڍاٽ جي گاديءَ تي براجمان ٿيو. تڏهن ان جو نالو پوري مهراڻ ۾ بلند ڪري ڇڏيو.)

جسونت ارجڻ پاٽ جڻ ڀيا سوڍ ڀهون ڀرات
راٽپ جاگيري رهي اول جڪي اڪيات

(جسونت سنگهہ ۽ ارجڻ سنگهہ ٻئي ڀائر هئا جيڪي گاديدار راڻا ٿيا. جن جي وقت ۾ راٽپ ۽ جاگير ٻئي مشهور ٿيون.)

سوڍو آئيڏان سنگهه ست نگيس سياڻ
هيرو هوتو وڀوت هر جس جاگير سون جاڻ

(ڀيوت سنگهہ جو پٽ نگراج سنگهہ جاگير جو هيرو هو جنهن جا گڻ اڄ بہ جاگير ۾ گونجن ٿا. ان جو پٽ سوڍو آئيڏان سنگهہ انتهائي سپوٽ ٿيو)

پهه سرتاڻان پاٽوي گهر ڏير گنڀير
سوڍو راٽو چندر سنگهه وڪيو جهڪيو نه وير

(ڍاٽ جي گاديءَ تي سرتاڻ سوڍو راٽوچندر سنگهہ جڏهن بادشاهہ طور براجمان ٿيو تڏهن هن گاديءَ جي هاڪ هندين ماڳين مشهور ٿي. گنڀيرتا سان ڀريل هي اڏول شخص ڪڏهن بہ ڪنهن جي اڳيان نہ جهڪيو نہ وڪاميو. هن حياتيءَ ۾ ڪڏهن بہ هار نہ مڃي)

تڻ رو ڪنور تپو ٻلي جلميو ڀل جاگير
سوڍان ۾ چاوو سيٽ هو امراڻ همير

(تنهن (راڻا چندر سنگهہ) جو پٽ همير سنگهہ ڀلي جاگير ۾ ڄائو جنهن جا گڻ هن وقت تي امرڪوٽ ۾ گونجن ٿا. هو تمام تپو ٻلي ۽ عقلمند آهي سوڍن ۾ هن وقت ان جي مشهوري سيني ڪان مٿي آهي)

”سرتاڻ سوڍا: ٺاڪر وڏيلي (پڏيلي) وارا“

دوھا

ڏجا ڦڙوڪي ڏرم ري موڪي ڪدي نه ماڻ
چوکي نھين ڪلوٽ چلڻ سوڍا جڪي سرتاڻ

(سدائين ڏرم جو جھنڊو ڦڙڪندو رھندو ڪڏھن بہ پنھنجي ڏرم تان نہ ھٽندا ۽ نہ ئي راجپوتي چال چلت ڇڏيندا، سوڍا جيڪي سرتاڻ آھن)

راڻا پرتم مھراج سون ڪيسر ڪيم سڪاج
وجئہ سنگھه سورج مھاسينگھه وڙي اٽند رتن ڪل آج

(راڻي مھراج پھرين ڪانپوءِ ڪيسر سنگھہ ۽ رآڻو ڪيمراج ٿيا، پوءِ وجئہ سنگھہ، سورج، مھاسينگھہ ۽ پوءِ اٽند سنگھہ جو رتن سنگھہ انتھائي سپوٽ ٿيا)

رنگ سوڍا راڻا رتن امراڻي ڏر آءَ
ديا پراڻ ھت ڏيس ري گيتڙلا جس گاءَ

(سوڍا راڻا رتن سنگھہ توکي سلام آھي، تو پلي امرڪوٽ جي ڌرتيءَ تي جنم ورتو تو ديس خاطر پنھنجي جان جو نذرانو ڏنو. اڄ تنھنجي ساراھہ گيتن ۾ گونجي پيئي)

سنڌ ٽٺو ايجنٽ سو ايڪ تروٽ انگريج
سمپي ڌرتي ليج سون طور دڪاوڻ تيج

(سنڌ جو پوليٽيڪل ايجنٽ انگريز تروٽ ھو جنھن ڀاٽ جي ڌرتي ليز تي ڏيئي ڇڏي، پنھنجو دٻدٻو ۽ تيور ڏيکارڻ لئہ ڌرتي ليز تي ڏني)

انيتي ڪي محمد علي ڏڪر وصولي ڏاڻ
هٽيو وير هتنال سون راڻ رتن امراڻ

(محمد علي شاهہ ليز ملڻ ڪانپوءِ عوام تي وڏو ظلم ڪيو. زوري ٽيڪس وصول ڪيو. جنهن ڪي وير بهادر راڻي رتن سنگهہ هٿيار هٽي ماري وڌو)

رهيو سات رتنيس ري سوڍو ڀڳو سچنگ
سنگراسي ڀڙ انڙ سڻ ريٽو آڪي رنگ

(رتن سنگهہ سان گڏ ڀڳوجي سنگراسي هيو جنهن محمد علي شاهہ ڪي مارڻ وقت رتن سنگهہ جو ڀرپور سات ڏنو. اي عقلمند ۽ وير بهادر سنگراسي سوڍا ڀڏ! توکي چارڻ ڪوي سلام ڪري ٿو)

ڪارونجهر ڏونگر قلعو نڊر سوڍ نختيت
اڙ تروٽ انگريج سون رهيو ڀڙ رڻ کيت

(ڪارونجهر جبل واري قلعي ۾ بهادر سوڍي نخت سنگهہ انگريز تروٽ سان ڀرپور مقابلو ڪيو ۽ جنگ جي ميدان ۾ هوشياري سان وڙهندو رهيو)

ڦنڦيڙڻ فرنگاڻ ني راڻ رتن ري ستت
سميڙ، امرو، رامسي سوڍا تينهون سمستت

(انگريزن ڪي هيسائڻ، تڙ پکڙ ڪرڻ ۽ شڪست ڏيڻ لئہ رتن سنگهہ جو سات ڏيندڙ سميڙسنگهہ، امرسنگهہ ۽ رامسنگهہ ٽيئي سوڍا هڪ ٻئي کان مٿي بهادر ۽ اڏول هئا)

پوجاڻي رجوٽ پلي سام ڌرم سر موڙ
رتن راڻ منتري رکيو رنگ ڏيسل راٺوڙ

(پوجاڻين جي راجائي چال چلت ۽ سام جهلڻ واري ريت سدائين بهترين رهي آهي، راڻي رتن سنگهہ پنهنجو وزير ڏيسل راٺوڙ کي رکيو. ان پوجاڻي ڏيسل راٺوڙ کي لک لک سلام)

لاکو هيڪ لک جيون سنگراسي ري ساک
توان ٿانجي رو ترِو ڀڳو ستن جس ياک

(سنگراسي سوڍن ۾ لاکو تمام مشهور هو. جنهن جي باري ۾ ڪهاوت آهي ته ”لاکو هيڪ لکان جهڙو“ ڳوٺ ٿانجي رو ترِ جي ان لاکي جي پيڙهي ۾ سپوٺ ڀڳوجي ٿيو جنهن جو پٽ ياکر ٿيو. جنهن جا جس اڄ به ڳائجن پيا.)

گهوڙي چڙهه ڏي گهومرا راجس ڪرتو راڻ
سولي چڙهتان رتن پمنگ تجيو پراڻ

(جنهن گهوڙيءَ تي چڙهي راڻو راڄ ۾ سفر ڪندو هو اها گهوڙي راڻي رتن سنگهه جي ڦاهيءَ تي چڙهڻ کانپوءِ پنهنجو سر قلعي جي ديوارن سان هٽي هٽي مري ويئي)

ڏيس ڪاج اٽديس ري ڏار فرنگي ڏيس
تجيو ليس نهين پراڻ تڪي رنگ سوڍا رتنيس

(اٽند سنگهه جي وطن ۾ انگريز جي ڪاوڙ ۽ دٻدٻو برداشد نه ڪندي راڻي رتن سنگهه مرڻ گهڙي تائين پنهنجو مان ۽ مرتبو نه ڇڏيو)

ٻاليوي سو ٻارهڻ گائي جهراوو گيت
ڪيو امر ڇهون ڪوٽ ۾ راڻ رتن اڻ ريت

(سيئي چارڻ ڪوي جهراوو (لوگ گيت) ڳائي راڻي رتن سنگهه کي چؤڏس چمڪائي رهيا آهن)

سوڍو رتن سنگهه، جيو راڄ ست جيڻ ساير
پٽياڻي جايو پلو طور سوايو تيڻ

(سوڍو رتن سنگهه پنهنجو مٽ پاڻ هو جنهنجو پٽ جيو راڄ سنگهه انتهائي سپوت هو.)

جيوراج سنگهه سوڍ جڻ تنوج اپي سرتاج
جاڻو لاج مرجاد ۾ اول گهراڻو آج

(جيوراج سنگهہ سوڍو جنهن جو اولاد اعليٰ مقام تي آهي لڄ، مريادا، شان ۽ شوڪت ۾ هي گهراڻو (خاندان) سڀني کان اول نمبر تي آهي)

سوڍ پڏيلي را سري رتن هرا ڪل روپ
پير، سون ڀهون پرات رو اوجڙ سجس انوپ

(رتن سنگهہ جي پريوار وارا پڏيلي جا سوڍا سڀني کان مٿي آهن پيرجي، ۽ سون سنگهہ ڀنهي پائرن جي ساراهہ شاندار نموني ٿئي ٿي)

سهنس دوئي سولو ورس وسيو پير ويڪونٺ
سوڍ ڇهنتر سال رو چاليو جس ڇهون ڪونٺ

(سنبت **2016** وڪرمي ۾ پيرجي سوڍو سرڳواس ٿي ويو. **76** سالن جي ڄمار ۾ گذاري ويندڙ سوڍي جي ساراهہ چوڌس ٿي رهي آهي)

سون سرکيو سون هو تيکو رجوٽ طور
هت چت ريجهاڙو هوتو سوڍان ۾ سرمور

(سون سنگهہ سوڍو سون جي برابر هو جنهن جا تيز تيور ۽ بهترين راجائي جا گڻ مشهور هئا. دل ۽ روح کي ريجهائيندڙ رس پريون رهاڻيون ڪندڙ هي سوڍو سڀنيءَ کان مٿي هو)

سوڍ سوائي سون ست رکي سوائي ريت
پريت سوائي پالٽي ڪرب سوائي ڪريت

(سون سنگهہ جي پٽ سوڍي سوائي سنگهہ پنهنجي راجپوتي ريتن جو شان وڌايو محبت واري روايت قائم رکي، رعيت سان پيار گهڻو ڪيو. ڪوين (ڀارٽن) کي ڪرب (خيرات جو قائدو) بہ تمام گهڻو ڏنو)

جيتمال پيٿل جسا پيرهر وڏ ڀاڳ
ستن سوائي سون هر لي جس ڪلوٽ لاڳ

(جيتمال سنگهہ ۽ پرٿوي راج جهڙا پير جي سپوت پوٽا ٿيا، اهڙا ئي سوائي سنگهہ جا پٽ يعني سون سنگهہ جا پوٽا ٿيا.)

سروپ سنگهه، رگهويرسنگهه، هري، دلپت ات هيج
ٻاڪاسر ٻلوت را پڙ چيارون ڀاٽيج

(سروپ سنگهہ، رگهو ويرسنگهہ، هريسنگهہ ۽ دلپت سنگهہ سڀئي پيارا هئا. ٻاڪاسر جي مشهور ڏاڙيل ٻلوت سنگهہ جا اهي چارئي ڀاٽيجا هوشيار ۽ عقلمند هئا)

جنگي آڻ جبان انگ مٺون انوپ
سوڍ سوائي سنگهه رو ست پاٽوي سروپ

(شيرين زبان وارو، خوبصورت انگلٺ وارو (خدونال) تهذيب ۾ مرداني نسڪ سان سرشار سروپ سنگهہ سوڍو سوائي سنگهہ جو راجائي ٻار هو.)

جيتمال سنگهه جوپيو جيتهنٽ جس جوت
هي وڏ ڀاڳي پيرهر سوڍ ڪماڻ سينهوت

(جيتمال سنگهہ جي ساراهہ جتي ڪٿي ٿئي ٿي. پيرجي جو وڏو پٽ سوڍو ڪماڻ سنگهہ بہ وڏو ڀاڳوند آهي)

اوجڙ چت نت آستا وڏپڻ ڪيات وويڪ
جيوراج ڪل جيت هي نامي سوڍا نيڪ

(اجري آتما ۽ نيڪ نيت وارو رحمدلي سان ڀريل خانداني ٻار جيوراج جي ڪل ۾ پيدا ٿيل جيتمال سنگهہ سوڍو سوڍن ۾ نيڪ دل ۽ نامور شخصيت آهي)

ڪومهرا تينون ڪرا، جيتمال ست جور
مهيپال پرهيلاد مجهه ڪنور سپوت ڪسور

(ڪماڻ سنگهہ جا ٽيئي پوٽا سپوت شهزادا آهن جيڪي جيتمالسنگهہ جو اولاد آهن. مهيپال، پرهيلاد ۽ ڪشور ٽيئي هڪ ٻئي کان مٿي آهن)

علاج سارون آ ستا ساران ۾ سرتاج
سوڍ ڪسور سماج ۾ اول ڊاڪٽر آج

(علاج لئہ آستا اسپتال (جوڌپور) سڀني کان بهتر آهي، سوڍو ڪشور سنگهہ، سوڍا سماج جو پهريون ڊاڪٽر آهي)

پتر چار پرٿويراج را وڏ سپوت رٹوير
سوڍا رام دليپ سا من موٹي مهاوير

(پرٿيوراج سنگهہ جا چار پٽ آهن. وڏو رٹوبرسنگهہ انتهائي سپوت آهي، سوڍو رامچندرسنگهہ، دليپ سنگهہ ۽ مهاويرسنگهہ سڀئي وڏي دل وارا آهن)

ٽاٽ پڏيلي ٽيٽ سون سجس منڌيلي ساج
ڌاڪ هوتي امراڻ ڌر انجس مروڌو آج

(پڏيلي ۾ بہ نٽ هوندا هئا. اج ڏينهن تائين انهن جي ساراهہ ٿئي پيئي. امرڪوٽ ۾ هاڪ هوندي هئي ۽ اج مروڌر (راجستان) بہ انهن تي فخر ڪري ٿو)

رجوت راڻي رتن ري مهي ڪلوٽ مجبوط
ريت سناتڻ راکٹي سوڍا گهڻا سپوت

(راڻي رتن سنگهہ جي راجائي ۽ اٿي ويٺي انتهائي مضبوط هوندي هئي، سوڍا تمام گهڻا سپوت هئا جن هندو ڌرم جي ريتن ۽ رسمن کي برقرار رکيو)

سرتاڻن ري ساک ۾ سگپڻ گهڻ سرموڙ
جيساڻي بيڪاڻ جيون ٺاوي مروڌر ٺوڙ

(سرتاڻ سوڍن جي رشتيداري (گناتپي) سيڻيءَ کان مٿي رهي آهي جيلسمير ۽ بيڪانير ۾ رشتيدارين ڪندي انهن مارواڙ بہ گناتپي جو هند بڻايو)

”مختلف شاخن جا مشهور ماڻهو“

دوها

چاجي سوڍا چاچري اچا گڻ اڪيس
يوجراج ڪل ۾ پلو ڏيپي ڪيرت ڏيس

(اڪجي سوڍي جا نيڪ گڻ چاچري تي چانيل هئا. يوجراج سوڍن ۾ هي تمام سپوٽ هو جنهن جي ساراهه سڄو ديس ڪري ٿو)

سوڍو محبت وچن سڌ ست پوپت سياڻ
سلامڪوٽ نپان سري جالم هر گهڻ جاڻ

(محبت سنگهه سوڍو ”سڌوچن“ ماڻهو هو هن جي دعا پٽ هلندي هئي. پوپت سنگهه جو هي سپوٽ پٽ تمام مشهور هو. اسلام ڪوٽ نپن جو شهر هو. جالم سنگهه کي هرڪو گهڻو ئي سڃاڻي ٿو)

محبت ست ڇهنو مدي پانچ پتر تڻ پيڪ
سوڍو ٽيلات سيٽ ٻلونت نپان وسيڪ

سوڍو نونگهڻ وانڪ ست، پڌم هرو پيراڻ
گوڏيار جلميو گٽي وڏڪان ڪيات وڪاڻ

(پدم سنگهه جو پوٽو سوڍو نونگهجي ولد وانڪجي صفا هيرو هو. گوڏيار ۾ جنم وٺندڙان گٺوان انسان جا وڏڙن واڪاڻ ڪيا آهن)

سوڍو وجئه سردار ست گٽو ڪيرتي گام
پوج جئه نگر پڙهيو پلو نڀو اوجاڙي نام

(وجئہ سنگھہ ولد سردار سنگھہ سوڍو ڪرتي جهڙي مشهور ڳوٺ ۾ پيدا ٿيو. جنهن پوج جئہ نگر مان تعليم حاصل ڪري نڀن جو نالو روشن ڪيو)

سوڍ حويلي را سري ڏيپي گنگداسوت
سپوت چندڻ پور ست جگ مگ ڪيرت جوت

(حويلي جي سوڍي گنگڏاس سوڍن کي چمڪايو. پورسنگھہ جو سپوٽ چندن سنگھہ ٿيو. جنهن جي ڪردار جي روشني هر طرف جڳمڳائي رهي آهي)

ڪل ڏيپڪ سوڍو ڪمل تيونهي پرات سرتاڻ
ڍاٽ حويلي مرڌرا چاوي ڪي پهچاڻ

(ڪمل سنگھہ سوڍو ڪل جو ڏيئو آهي، تنهن جا پائر سرتاڻ سوڍا آهن، جن جي مشهوري جي هاڪ ڍاٽ، حويلي ۽ مارواڙ ۾ آهي)

ستيڏان سنگهه سورمو پلو چاچري پوج
ويد ڏنتر چوڙ وچ امر سنگهه گڻ اوج

(ستيڏان سنگھہ مشهور سورهيہ وير پوجراج سوڍو آهي جنهن جي هاڪ چاچري ۾ چانيل آهي ۽ چوڙ ۾ وري امر سنگھہ سوڍي جي گڻن جي مشهوري متل آهي)

نارڻ سنگهه موٽي نخت ست گل سنگهه سڌير
چوڙ پنچ سوڍو چتو گنگداسوت گهير

(وڏي نالي وارو نارڻ سنگھہ ولد گل سنگھہ سڌير انسان هو چوڙ ۾ هي گنگڏاس سوڍو پنهنجو مٽ پاڻ هو. هو گنڀيرتا جو مالڪ هو)

پريم سنگهه ۽ ڇهنسنگهه پڻ تڪي ڀرات سرتاڻ
انگان رجوٽ اوپتا جگ سوڍا گهڻ جاڻ

(پريم سنگهہ ۽ ڇهنسنگهہ ٻئي ڀائر سرتاڻ سوڍا هئا. انگلٽ (خدوخال) ۾ راجائي ٻار لڳندا هئا)

وانڪو ڪومو چوڙ وچ اوپي وڏ آڪوٽ
گنگداسوتان ۾ گٽو سڪتو پتو سپوٽ

(وانڪو ۽ ڪومون چوڙ ۾ وڏا طاقتور سردار هئا. گنگڏاسن ۾ وري سڪتو ۽ پتوجي سپوٽ هئا)

سچيا پر بجو سهي سوڍو ڪل ساڏول
شيڪشڪ ڪوي سگرامسنگهه ادب ڍاٽ انو ڪول

(سچيا پر تنهنجو نالو ٻلي وڄي، ساڏور سوڍو سگرام سنگهہ شاعري جو استاد هو ڍاٽ جي ادب ۾ هن جو نالو نرالو هو)

امرڪوٽ سرتاڻ ام ڀوج چاچري ڀال
گنگ ڪارڙي چوڙ گڻ پنچائڻ پرت پال

(سرتاڻ سوڍا امرڪوٽ ۽ ڀوجراج سوڍا چاچري ۾ رهندا آهن، گنگڏاس ڪارڙيءَ ۽ چوڙ ۾ رهندا آهن)

نرا منڍي رڻڪو نٻا رام متوڻ رهنت
ساڏول چيلهار سه خاص نڪاڻان ڪنت

(نرا ۽ نٻا منڍي ۾، رام سوڍا متي رهندا آهن، ساڏور سوڍا چيلهار ۾ رهندا آهن اهي انهن جا خاص نڪاڻا (هند) آهن جتي ٻنيون ٻارا ۽ ڪوهہ پنهنجا آهن)

ڍاٽ پارڪر ري ڏرا آڏو سوڍ اتن
وڏيا جيون هي پراگوڙ ڏرا سجس ان ڏن

(ڍاٽ ۽ پارڪر سوڍن جي ڪري مشهور آهن. جتي ان ۽ ڏن جي ڪابہ ڪمي ناهي)

ڪڇ ڪانيا واڙ ۾ ماڙ ڏرا وڇ ماڻ
ويڪاڻي جوڌاڻ وڇ سوڍا وسي سجاڻ

(ڪڇ ۽ ڪانيا واڙ ڪان وٺي جيسلمير واري ڏرتي تائين سوڍن جو وڏو مان آهي، بيڪانير ۽ جوڌپور ۾ بہ مشهور سوڍا رهندا آهن)

وجئہ ڀوپ ري وار ۾ ڏٽي مان جوڌاڻ
مارواڙ نوڪوٽ مجهه رهي ڍاٽ امراڻ

(جڏهن وجئہ سنگهہ جوڌپور جو مهاراجا هو، تڏهن هي رياست جوڌپور جي جي ماتحت هئي. ان وقت امرڪوٽ نوڪوٽي مارواڙ ۾ شامل هو)

”وڏيڪ احوال“

سوڍا ڪمڌج ڀون سٻل سورج ونسي ساک
جس ڊنڪا وجئه جبر رڻ بانڪا ورد راک

(سوڍا ۽ راٺوڙ ٻئي طاقتور سورج ونشي شاخ سان تعلق رکندڙ آهن. جن جي سورهيائي ۽ طاقت جو ڏهڪاءُ چؤڌس پکڙيل آهي. جنگ جي ميدان ۾ لڙڻ واري وڏائي انهن ٻنهي جو شان آهي)

مٽان لنڪڙو ڍاٽ مجهه ڪهي لنڪيو ڪوئي
پرٿم تيث پنار هي جگ لانبو سر جوئي

(ڍاٽ ۾ لنڪڙو آستان مشهور آهي. جنهن کي ”لنڪيو“ به چوندا آهن. دنيا جتي لانبو تلاءَ ڏسڻ وجي ٿي. اتي ”پنار“ پومي آهي. لنڪيو اتي ئي آهي)

مهينگو موهران مول سون ڏر ميسڻ لي ڍاٽ
سو واگهاٽي سانئرو ٿٽ مهينگو ورد ٿاٽ

(ڍاٽ ۾ ميسڻن (چارڻن جي شاخ) کي پئسن جي ملهه کان مٿي دان ڏيندو هو. اهو سانئرو واگهاٽي هو. جنهن وٽ مهينگو (چارڻن جي شاخ) وڏا ٺٽ ڪندا هئا)

سوڍ سبد رو ارٿ سو سور وير سمرٿ
نام پرماٽي گٽنڊي، هئي ڏاتا وڏ هٿ

(سوڍا لفظ جي معنيٰ آهي سوريهه. بهادر ۽ اڏول. نالو مشهور هجي. گڻن سان ڀريل هجي. ڏاتار ۽ هٿ جو ڇوٽ هجي)

دوها دمامي ديوتا سوپ راگ سيپاڻ
رنگ جمتو رهاڻ ۾ سانپرت ڏر سوڍاڻ

(ديوتائن ۽ دلبرن جي واکاڻ ۾ دوهن ۽ سوپ راڳ جي رس سان رهاڻ رچندي هئي. سياڪي ڌرتي سوڍڪاريءَ جي سدائين شاندار ثقافت رهي آهي)

ساڪر ري روٽي سري پرگهل ٿال پرساء
سوون رو ڀاجوٽ سج ڪوين مان ڪراء

(ساڪر جي روٽي (گيهہ ۾ ڪنڊ واري ماني) وڏي ٿال ۾ وجهي سون جي ڀاڄٽي تي رکي ڏيندا آهن. سوڍاڻ ۾ چارڻ ڪوين جي وڏي عزت ڪئي ويندي آهي)

ڪلا امنگي ڪورٽي پنگي سوون پاٽ
ريتان چنگي راکٽي ڏرا سرنگي ڀاٽ

(مهمان جو وڏو مان رکندي ان کي سون جي ٿانون ۾ ماني کارائيندا آهن. ڀليون ريتون قائم رکڻ ڀاٽ جي رنگن واري ڌرتيءَ جي اهم خوبي آهي)

منک لکان جلمي مري ڪري ياد نهين ڪوئي
ڪرتب گيتان ۾ ڪتي جيان رو جيتب جوئي

(لکين انسان روز جنمن ۽ مرن ٿا. پر ڪنهن کي ڪو ياد ئي نہ ٿو ڪري. ڪردار انهن جا گيتن ۾ ڳايا ويندا آهن جن جي زندگين ۾ سٺا ڪارناما هوندا آهن)

ڪي تو وهہ وڌوان ڪوي راڳي ڪه رجهوار
ڀڙ هوئي يا هري ڀڳت امر پريم آڌار

(يا تہ پڙهيو لکيو شاعر هجي، يا تہ راڳي هجي، يا هوشيار، عقلمند ۽ ڏاهو هجي يا وري ڀڳوان جو ڀڳت صوفي سنت هجي، ڪردار انهن جا ئي ڳائبا آهن)

ڀيا سوڍ ڪي هري ڀڳت جگت وکاٽي جوئي
گٽان سپوتي جد گرهه هئه مجبوط هوئي

(ڪي سوڍا جڳ مشهور ڀڳوان جا ڀڳت ٿيا. ڪي گٽن جي ڪري سپوٽ تہ ڪي بهادري ۽ ويرتاهہ جي ڪري مضبوط ٿيا)

”شري رتن راٺي جا ڇند“

دوهو

گونجي جس گيتان گهر انجس ست اڻند
رنگ سوڍا رتنيس را ڇوون سارسي ڇند

(اڻند سنگهہ جي پٽ جي ساراهہ گيتن ۾ گونجي پيئي. رتن سنگهہ سوڍي کي سلام پيش ڪرڻ لئہ سارسي ڇند سرجيان ٿو)

”ڇند ـ سارسي“

(**1**)

پرمار ڪل اربد پرگٽيو، ساک پينتيسان سهي
اکيات وير اگر ڪاري، ڪيرت سوڍان کهي
آڏو ڪيراڙو اوتن اوپي، گڻ تريوڻي گنگ هي
امراڻ ڌرتي ڪري اجنس، رتن راٺا رنگ هي
جئہ رتن سوڍا رنگ هي

(پرمار سوڍا آبو جبل تي ظاهر ٿيا، جن جون پنجتيهہ **35** شاخون آهن. تمام بهادر ۽ سپوت هئڻ سوڍن جي سڃاڻپ رهي آهي، آبو جبل کان وٺي ڪيراڙو تائين چمڪي رهيا آهن. امرڪوٽ جي ڌرتي توتي فخر ڪري ٿي، اي! سوڍا راٺا رتن سنگهہ توکي پرڻام آهي!)

(2)

سوڍاڻ ڏيس وسايو سوڍي، رتي ڪوٽ سو راڄ هو
سچيا ڏيوي ور سمپيو، تخت امر تاج هو
نوڪوٽ ۾ همروٽ نامي، تيج مرد ترنگ هي
امراڻ ڏرتي ڪري انجس، رتن راڻا رنگ هي

(سوڍائڻ (ڍاٽ) سوڍي وسايو جنهن جو پهرين راڄ رتوڪوٽ هو سچيا ڏيوي جو وردان هو تہ تنهنجو تخت ۽ تاج هميشہ امر رهندو. نو ڪوٽن ۾ همروٽ نالي ڪوٽ جا ماڻهو تيجوان ۽ بهادر آهن. امرڪوٽ جي ڌرتي توتي ناز ڪري ٿي اي سوڍا راڻا رتن سنگهہ! توکي سرخ سلام آهي)

(3)

سانسڻ ڏيڻ جيم سوڍا، وير دوڍاهه واهرو
مهماڻ آيان ڪري مونگهم، گهٽي دت گهينساهرو
رجواڙ را گڻ ڍاٽ راجي، سپوتان رو سنگ هي
امراڻ ڏرتي ڪري انجس، رتن راڻا رنگ هي

(چارڻن کي سانسڻ (ڏان جو قائدو) ڏيڻ سوڍن جو شان آهي. سورهيائي ۽ ويرتاهہ کان وٺي گهر آيل مهماڻ جي گهٽي هيت ۽ پيار مان منوهار ڪرڻ بہ سوڍن جو اهم گڻ آهي. ڍاٽ جي ڌرتي راجائي جي گڻن سان ڀري پيئي آهي. هڪ ٻئي کان مٿي سپوتن جا جوڙ آهن امرڪوٽ جي ڌرتي توتي فخر ڪري ٿي. . . اي! سوڍا راڻا رتن سنگهہ توکي سلام آهي)

(**4**)

جڻ ونس ٻاهڙراو جهڙا، ستن چاهڙ نرپ سري
ڇهون ڪونٽ ويرت راڻ چاچگ، فتح ڪيرت جگ ڦري
همير ويسو سوڍ جسهڙ، وڏيرا اتڀنگ هي
امراڻ ڌرتي ڪري انجس، رتن راڻا رنگ هي

(جنهن ونس ۾ ٻاهڙ راو جهڙا بادشاهه پيدا ٿيا، جنهن جو پٽ چاهڙ راو ٿيو. انهي جو اولا چاچڪ ديو ٿيو، جنهن جي امرڪوٽ فتح ڪرڻ واري واڪاڻ چئوڏس ڦهليل آهي، همير، ويسو ۽ جسهڙ سوڍو وڏا نالا هئا. امرڪوٽ جي ڌرتي توتي فخر ڪري ٿي اي رتن راڻا! توکي سرخ سلام آهي)

(**5**)

سرتاڻ سوڍا پاڻوي سو، پيڙهيان اپرمپرا
سگرام وجمل ڀهون سانپرت ، ڪيم ست ٻنڌو ڪرا
وجساهه ري سورج وڪسيو، سوروير پرسنگ هي
امراڻ ڌرتي ڪري انجس، رتن راڻا رنگ هي

(سرتاڻ سوڍا ڪيئي پيڙهين کان گاديدار رهيا آهن، سگرام ۽ وجئه مل ٻئي ياڳوند ۽ سپوٽ هئا، ٻئي ڪيمراج جا پٽ سچا ۽ کرا هئا. وجئه سنگهه جو سورج مل انتهائي دليري ۽ ويرتاهه جو ثبوت هو. امرڪوٽ جي ڌرتي توکي فخر ڪري ٿي اي رتن راڻا! توکي هزارين سلام آهن)

(6)

مهاسينگهه سورج مل ري، اڻند جڻ گهر اوپيو
رتنيس جلميو ڪاڻ رتنان، ڪيويان پر ڪوپيو
ڌن ڍاٽ ري ڌڻياپ ڌارڻ، آپ ري آسنگ هي
امرڻ ڌرتي ڪري انجس رتن راڻا رنگ هي

(سورج مل جو مهاسينگهه ٿيو ۽ مهاسينگهه جو اڻند سنگهه ٿيو. اڻند سنگهه جي گهر رتن سنگهه هيرن جي ڪاڻ پيدا ٿيو. جنهن دشمنن سان ڪاوڙجي انهن کي ديش مان ڀڄايو اي!ڍاٽ جي ڌڻياڻي ڏيول هو تنهنجي ئي آسري هو. امرڪوٽ جي ڌرتي توتي فخر ڪري ٿي اي! رتن راڻا توکي رنگ آهي)

(7)

مهراج راڻو دوسرو مهي، ڪرب راڻپ ڪاٽ دي
ڪر ڪوٽ عمر خالصي ڪل، ڌر اجاري ڍاٽ دي
سن اٺارهي پنياليس سون، ڦيلي انيتي فرنگ هي
.امراڻ ڌرتي ڪري انجس، رتن راڻا رنگ هي

(راڻي مهراج دوم جي وقت راڻپ تي آيل سموريون تڪليفون راڻي رتن سنگهه ختم ڪيون، عمرڪوٽ کي آزاد ڪرايو. سن **1845**ع ۾ انگريزن جو ظلم ڦهلجي ويو هو. امرڪوٽ توتي ناز ڪري ٿو اي رتن راڻا توکي سلام آهي)

(8)

ڀيڙو سميڙو امرو پڙ، سوڍ رامو سات هي
انگريج تروٽ هونت اڙيا، پڙڻ ڪج پارٽ هي
واجتا ڏنڪا وير ونڪا، ديک دنيا دنگ هي
امراڻ ڌرتي ڪري انجس، رتن راٺا رنگ هي

(سميڙ سنگهہ امرسنگهہ ۽ رامسنگهہ ٽيئي گڏ هئا. انگريز تروٽ سان ڀرپور جنگ لڙيا. وير بهادرن جون للڪارون ٻڌي دنيا دنگ رهجي ويئي. امرڪوٽ جي ڌرتي توتي ناز ڪري ٿي اي رتن راٺا! توکي پيار ڀريا پرڻام آهن)

(9)

ليني اجار ليج سو، لاکان غريبان لوهيا
ڦرياد سٽتان پجا ڦڙڪي، ڪتن ڊابڻ را ڪيا
تڪرار ٺيڪيدار تڙ، محمد علي ماتنگ هي
.امراڻ ڌرتي ڪري انجس، رتن راٺا رنگ هي

(ليز وٺڻ ڪانپوءِ لکين غريبن کي ٽيڪس جي نالي تي ڦريو ويو. غريب ماڻهو راٺي رتن وٽ فرياد ڪٽي ويا. ماڻهن جون دانهون ٻڌندي ئي هن جا ڏولها رڦڻ لڳا. ڪاوڙ ۾ ڪروڌ مان جنگ ڪرڻ جو سعايو ڪرڻ لڳو. تڪراري محمد علي شاهہ هاٿي وانگي پهلوان هو. امرڪوٽ جي ڌرتي توتي فخر ڪري ٿي اي! رتن راٺا توکي سلام آهي)

(**10**)

سيد هٽتان رتن ساٿي، ڀڳو سوڍو ڀرات هي
ڪٽ ماس پهلي سورمو خود، پرٽيو پرڪيات هي
جس ڪاٽ سنگراسي گيو جد، نير سيام نخنگ هي
امراڻ ڏرتي ڪري انجس، رتن راٺا رنگ هي.

(جڏهن رتن سنگهه سوڍي ۽ سيد جو جهيڙو ٿيو تڏهن ڀڳوجي سنگراسي سوڍو ڀائرن جهڙو ڀائر گڏ هو هن سورمي ڇهه مهينا ڀهرين شادي ڪئي هئي، انگريزن جڏهن ڪاري ڀاٽي واري سزا ڏني هئي، تڏهن هن جي نوراني ڪنوار جي اکين مان نير وهي رهيو هو)

(**11**)

انياء ميٽڻ سيس ارپڻ، رهي سوڍان ريت هي
سولي چڙهيو هت ديس ري، گونجي جهراوو گيت هي
همروٽ گڏ سم منڏيو هينست، پراڻ تياڳ پمنگ هي
امراڻ ڏرتي ڪري انجس، رتن راٺا رنگ هي.

(ظلم کي ختم ڪرڻ،پنهنجو سر ڏيئي سرهو ٿيڻ سوڍن جي ريت ۾ شامل آهي، وطن جي وارثي خاطر رتن سوڍو ڦاهي تي چڙهيو. جنهن جي باري ۾ ” جهراوو“ (هڪ لوڪ گيت) گيت گونجي رهيو آهي. راٺي جي مرڻ وقت هن جي وفادار گهوڙي امرڪوٽ جي قلعي جي ديوارن کي مٿو هٽي هٽي رڙيون ڪندي مري ويئي. امرڪوٽ جي ڌرتي توتي فخر ڪري ٿي اي رتن راٺا ! توکي سلام آهي)

(12)

ڀر نيڻ راٺيءَ جهري ڀٽيل ڏرا ولکي ڍاٽ هي
ست جيوراج سپوٽ سوڍو، ٿر مرجادا ٿاٽ هي
اڻ سورمي رو جس اکو، سگتيس ڀاڻ سچنگ
امراڻ ڏرتي ڪري انجس، رتن راٺا رنگ هي

(راٺي رتن جي گهر واري ڀٽياڻي راٺيءَ جون اکيون ڀريل آهن، انهن نير روڪيو نہ ٿو رڪي، ڀٽياڻي جو جيءُ جهري چڪو آهي، ڍاٽ جي سموري ڌرتي اداس آهي. جيوراج سنگهہ سپوٽ سوڍو سدائين ڍاٽ جي مريادا ۽ شان مان جو مثال رهندو. سر ڏيئي سرهو ٿيندڙ هن وطن جي وارث سورمي جا گڻ ڳائڻ وارو شڪتيڏان ڪويا آهي، امرڪوٽ جي ڌرتي توتي ڳاٽ اوچي سان فخر ڪري ٿي! اي رتن راٺا توکي سرخ سلام آهي)

”ڇپايو“ ڇهہ سٺو

اکان سنمت اگٽيس، ورس تيئيسو وڪرم
راڻ گيو امراڻ رتنسي، برهم مائين رم
ولکا هاٽ باجار، نار نر آنسو نيڻ
ڍاٽ پارکر ڌرا، سوڪ ڇايو کل سيڻ
ڀمنگي موئي سم سر ڀٽڪ، راج فرنگي روليو
.مانڏيو رتڻ راٺي ملڪ، امر نام رو اوليو

(سنبت **1923** وڪرميءَ ۾ راٺي رتن سنگهہ کي انگريز تروٽ ڦاهي ڏني. راٺو سرگ لوڪ ويو هليو. شهر، بازار سڀ اداس ٿي ويا. مرد، عورتون اکين مان نير هاري وياڪل ٿي ويا، ڍاٽ کان وٺي پارڪر تائين سموري ساٽيهہ تي سوڳ ڇائينجي ويئي. راٺي جي وفادار گهوڙي راٺي جي مرڻ کانپوءِ قلعي جي ديوارن سان پنهنجو سر هٽي مري ويئي. راج انگريزن هٿ ڪيو ۽ راٺي پنهنجو نالو امر ڪيو)

...

دوهو“

دئادس چندان ۾ دکيو، راڻ رتن رو روپ
ڏن سوڍا امراڻ ڏر اڻند ستن انوپ

(ٻارنهن دوهن ۾ راڻي رتن جو روپ ڏيکاريو آهي. شابس هجي امراڻ ڌرتيءَ جي سوڍي، اڻند سنگهه جي سپوٽ پٽ راڻي رتن سنگهه کي جنهن وطن جي مريادا خاطر پاڻ ملهائي انوکي ۽ اعليٰ روايت قائم ڪئي)

”

سنڌ جي خوشبو”
”دوھا“

ڏيوي سون ڏيپي پسپ سڳند پرماڻ
موتي جيون درياء مجهه، سنڌ ۾ تيون سوڀان

(ڏيوي ڏيول ماتا جو ٿان چمڪي رهيو آهي، گلن جي خوشبو اچي رهي آهي، سنڌ ۾ سوڀا ائين آهن جئين سمنڊ ۾ موتي هوندا آهن)

پال ڌرم رڻ پوڀيو کل ڌل جونجهي خاص
سنڌ ۾ ڏاهر سين رو امر هوئو اتهاس

(پنهنجو ڌرم پاليندي، فرض نڀائيندي رڻ جي ميدان (جنگ) ۾ ڪاهي پيو، جنهن جي هاڪ اڄ بہ سنڌ ۾ هلي ٿي. سنڌ جي تاريخ ۾ راجا ڏاهر جي تاريخ امر ٿي ويئي.)

ڌرا سنڌ اوتار ڌن لينو جوهلي لعل
چاوو ”چيٽي چنڊ“ رو سپ اچب هر سال

(سنڌ ڌرتيءَ تي اوتار وٺندڙ جهولي لعل مشهور سنت آهي، جنهن جو هر سال چيٽي چنڊ تي لڳندڙ مليو تمام مشهور آهي)

سنڌي يڳتان ۾ سري راجي ٽينئون رام
پريم پرڪاسي ست پرش نڪسيو چهون ڏس نام

(سنڌي ڀڳتن ۾ ٽينئون رام سيني کان اتم آهي پريم. پرڪاشي سچو پچو درويش هئڻ ڪري هن جو نالو چوءَڏس چمڪي رهيو آهي)

ساهو جامان جمر سج دوکي ڪر دهوات
هڙ ويچي پيهون همين ڌر پوجيجي ڀاتِ

(ساهو ۽ جامان ٻنهي جوهر ڪيو هو. هڙووچي (چارڻن جي شاخ) ٻئي چارڻيون ديويون ڀاتِ ۾ پوڄجي رهيون آهن)

پنڪيروئان رو پالگر نيٽون ڀڳت نرات
اڻ تپسي رو آج هي ڏرمي ٽانڪ ڏات

(پکين کي پاليندڙ ڀڳت نيٽون رام وڏو سنت هو ان تپيسوي ڀڳت جو آکاڙو ڏات ڌرتيءَ جو وڏو ڌارمڪ آستان آهي. جتي اڄ بہ ثواب لئہ پکين کي ان ۽ جل ڏنو ويندو آهي)

ساڌو پوجي سڪل هي ماڌو لعل حسين
آپ موئو ٻالڪ اٿيو هوئو نہ دوجو هوين

(ماڌو لعل حسين وڏو سنت ساڌو پوڄڻ لائق هو جنهن پاڻ پنهنجا پراڻ ڏيئي ٻالڪ سرجيون ڪيو ان جهڙو ٻيو سنت نہ ٿيو)

ڌيان گيان ۾ ڌيان گر ڌر اجٻالي ڏات
ٿاپيو آسڻ کير ٿل نيپڙ ڀڳت نرات

(ڌيان ۽ گيان (ڄاڻ) ٻنهي ۾ مگن رهندڙ ڏات جي ڌرتيءَ کي اجاريندڙ سنت نيپڙ وڏو ساڌو هو جنهن پنهنجو آستان کيرٿل (کيرٿر) جبل تي قائم ڪيو)

ششيہ ٻيو سترام رو ڪنور رام سپ ڪام
سڌ ڀڳت سنگيت سڻ گڻ ريهڙڪي گام

(سنت سترام داس جو چيلو ڀڳت ڪنورام مشهور گائڪ هو جنهن جي گلي ۾ ڀڳوان وينل هو. ان جي سنگيت ٻڌي روح کي راحت اچيو وڃي، جنهن جو ڳوٺ روهڙي سکر جي ويجهو ريهڙڪي هو)

سنڌو رل مل صوفيان هالي نيهہ هلور
گونجيو نارو گجب هي ”جيئي سنڌ“ رو جور

(سنڌ صوفين جي ڌرتي آهي جتي محبت جون نديون وهن ٿيون، جتي جيئي سنڌ جو زوردار نعرو غضب جو گونجيو آهي)

سنڌڙي وٿان ميهه سون ڏاروڙا هلي ڍاٽ
ريتان گيتان ريلٽي وهي نيهه ري واٽ

(سنڌ ۾ جڏهن ميهوڳي مند سانوڻيءَ جا وسڪارا ٿيندا آهن، تڏهن پلر پالوٽون ڪندو آهي. ڍاٽ جي ريتن ۽ گيتن ۾ رڳو محبت جي ڳالهہ هوندي آهي. هن موسم ۾ پيار پرواڻ چڙهيل هوندو آهي)

چارڻ ري چيتاوٽي سانپرت جڳي سماج
سنڌي بيت چيا سبد اڻ ڪوي شيخ اياج

(چارڻ ڪوين کي چئلينج ڪرڻ جهڙا بيت سنڌ جي شاعر شيخ اياز سرجيا آهن، جنهن کي سمورو سماج واڪاڻي ٿو)

شو مندر ڏيول سگت سڌ نماڻو شاهه
ربو ساهه تيون رتن گر بيبي مٺان بداهه

(ڏيول شڪتي ۽ شو مندر وٽ درويش نماڻي شاهہ ربو شاهہ ۽ بيبي مٺان جي درگاهہ آهي)

ٿان مانسريا ٽپي مهندر ٽٺان محل
ڪاروڙي ڌوري ڪرا پيڙا اترا پل

(ڪاروڙي جي دڙي تي ٺهيل اهي درگاهون محل نما تمام خوبصورت آهن، جيترا گڏ آهن ايترا سهڻا لڳن ٿا)

گهوڙ ٻارٽ گهٽڪرا ٿڙوٽ ڌوران ٿاٽ
آڏو ڏيتان رو اتن ڌرا سرنگي ڍاٽ

(گهوڙ (چارڻ) گهٽي ٻاڱي ٿڙوت (راجستان) ۽ ڏيتا اصل کان ڍاٽ ۾ رهندا آهن)

مگھارام ٻگٹان مٹي کتري ڏيپلي خاص
اٹل پروسو ايشور نرکيو ٻاٽ نواس

(سدائين ايشور جي پروسي تي ھلندڙ ٻگٹ مگھارام کتري ٻاٽ جي شھر ڏيپلي ۾ خاص پوڄيو وڃي ٿو.)

ھري را ھجار ھاٹ ھي اول پروسو ايڪ
مالا ڦيري ڏن منٹي ڏيٹي آنبو ڏيڪ

(ٻگوان جا ھزارين ھٿ آھن، ان تي ئي پروسو رکي آنبو ڏيٺي ايشور جي منٹي مالا جپي امر ٿي ويئي)

کنگھار پير ھوئو کرو سوٻان ونس سڌير
ڏر جاھيلو ٻاٽ ۾ وٹي سمادي وير

(سوڍن ۾ کنگھار پير وڏو سنت ساڌو ھو، جنھن جي سمادي (آخري آرام گاھ) ڳوٺ جانھيري ۾ آھي)

چندو پير پيو چتو ڪارونجھري مقام
ڪرامت پرچو ڪيو اٹاگ نير امام

(ننگر پارڪر جي ڳوٺ ڪارونجھري ۾ چندو پير ظاھر ٿيو، جنھن تمام گھڻي برسات وسائي معجزو ڏيکاريو)

ھل ھنسلي نت ھتي ڏجو پير ڏاکنت
ڪٹان سمادي ڪانٹيو رسا نام راکنت

(ڏجو پير چوندو ھو ھل ھنسلي (گھوڙي) نت ھتي. آتما جو ايشور سان ميلاپ لئہ آلاپ ڪندو ھو. ھن پير جي آخري آرام گاھ ڪانٽيو ۾ آھي)

پير پٹوري پوتران ماني ٻاٽ تمام
جاٹون راوت جيون سمرٿ پير سنام

(پير پٿوري پوٽن کي سڄي ڊاٽ مڃيندي آهي راوت پير بہ پيرن ۾ وڏو نالو آهي)

هريان ڪانهٽي هوئي جهيبان وڏو سجهل
مرمان ڏيٽي ڊاٽ مجهه آکي ستي اول

(ٻوٽ ڪانهٽي ۾ جهيبن (چارٽن جي شاخ) جي ننهن هريان تمام سپوٽ ٿي گذري آهي، ڊاٽ ۾ مريان ڏيٽي پهرين ستي سڏي ويندي آهي)

گرو هيمچند گوت رو روڙو مجنارام
ڪپرو ار ڪاروهڙو توي ٻگت گڻ تام

(هيمچند گوت ۾ گرو مجنارام هو. ڪپرو ۽ ڪاروهڙو انهن ٻنهي سڏ ٻگتن جا گڻ ڳائين ٿا.)

موتي گٽيسگر مهنت آڪاڙي امراڻ
چتو رامگر چاچري جبرو سامي جاڻ

(موتي ۽ گٽيس گر ٻئي امرڪوٽ جي آڪاڙي مندر جا مهنت (اڳواڻ) هئا. چاچري ۾ ظاهر ٿيل سامي رامگر تمام وڏو پهتل ٻاوو هو)

”پنهنجن جي ياد“
دوها

وانڪو پنچ ونائيڪا ست پيلاد سڄاڻ
آڏو گهر اوڏائيو وسودا ڏات وڪاڻ

(پنجن پٽيلن ۾ پڇيو ويندڙ وانڪو پهلاج جو سپوٽ پٽ هو. جنهن جا ڏاٽ اڄ به گڻ ڳائي ٿو)

ٽيڪم ڪنيو ٿالمو ڪتري گورڌن خاص
ٻڻ ٻاوو پونم پري وڏ ڪاروڙي واس

(ٽيڪم، ڪنهيو، ٿولمو ۽ گورڌن داس ڪتري ۽ ٻاوو پونم پري اهي سڀئي وڏا ماڻهون هئا ۽ ڪاروڙي ۾ رهندا هئا)

سيوا پلپڻ سادگي امرڪوٽ نج اوڪ
هوتو پڳت هنگلاج رو سو درجي سنتوڪ

(شيوا سخاوت ۽ سادگي امرڪوٽ وارن جي صحيح سڃاڻپ رهي آهي، سنتوش درزي به هنگلاج جو ڀڳت ۽ سادگيءَ وارو شخص هو)

مالهي ٺاوو موڙجي ڪرو ميرپورخاص
پٽان ستن جڻ پارمل ڪل پرهياڙ پرڪاس

(موڙجي مالهي تمام بهترين ماڻهو هو. ميرپورخاص ۾ رهندو هو. جنهن جي پٽ پارمل اعليٰ تعليم پرائي پڙهيارن جو نالو روشن ڪيو)

جس جوگا جاڻي جڪي ڪبڪاڻي نر ڪيم
دل سڌ پيرو ڏيوڙو پرهاران ۾ پريم

(جنهن جي سٺن ڪمن جي سڌ هوندي، ان جي ڳالا ڪير ڪندو دل جو صاف ماڻهون پيرو ڏيووڙو پرهياڙن (مالهين جي شاخ) ۾ انتهائي محبتي ماڻهو هو)

هر چند تو همروٽ ۾ اول علاجو ايڪ

مدد ڪرڻ هر منڪ ري نام ڪمايو نيڪ

(ڀاڪٽر هرچند راءِ سوٿهڙ امرڪوٽ جو واحد ڀاڪٽر هو جيڪو علاج جو ماهر هوندو هو. هر ماڻهوءَ جي انسانيت جي ناتي مدد ڪندو هو. پراپڪاري تي هن پنهنجو نالو روشن ڪيو)

ڪاروڙي واسي ڪرو سو چترو سوٿار
اپٽيات مالهي اکو چوکو منڪا چار

(ڪاروڙي جو چترو سوٿهڙو سچو پچو ماڻهو هوءِ اکو مالهي پنهنجائپ ڏيندڙ هو.)

ڀل ويرومل ڀاٽيو حد تاراچند هاٿ
نائي هندو نيڪ هو ڏر امراڻي ڀات

(ويرومل ڀاٽيو بہ ڀلو ماڻهو هو. پر تاراچند جي ڳالهہ ئي پنهنجي هئي. ٻئي هندو نائي ڀاٽ جا نيڪ دل انسان هئا)

ڪڪڙ امرڪوٽ رو سانپرت ٺيڪم ساهه
گٽان پاڻ جس لي گيو ونس ميصري واهه

”ڀاٽ جا مشهور چارڻ“

دوها

مارو ٽٽو ڀوان مهي اڻ ري بيٽا آٽ
وان ۾ ڏيٿو پاٽوي ٿيان چارڻان ٿاٽ

(مارو جا اٺ پٽ ٿيا جن ۾ ڏيٿو گاديدار بڻيو ۽ چارڻن جا ٺٽ ٿي ويا)

ڏيٿي هندو ڏيڪرو نڊر جنف جڻ نام
پايو ڪروڙ پساو ۾ گڻ ڪاروڙي گام

(جنف نالي چارڻ ڏيٿي جو بهادر پٽ هو. جنهن سوڍي جي وڏي مدد ڪئي ۽ ان جي عيوض ۾ سوڍي جسهڙ ڪان جاگير ڪروڙ پساو ۾ ورتي جاگير سان گڏ ڪاروڙي جو ڳوٺ بہ حاصل ڪيو)

جڻ گهر ريلڻ جلميو ڏر ريلڻ جس ڀاٽ
اڻ ري سپوت اوپنو ڪينهر دت ورد ڪاٽ

(جنهن گهر ۾ ريلڻ جنم ورتو ان گهر ۾ وري ڪينئري نالي سپوت پيدا ٿيو)

ڀوگل جڻ ري ست پيو ڀولو ڏايو ڀال
هوئو درشن هنگلاج رو ايهگ ونس اجال

(جنهن جو پٽ ڀوگل نالي الله لوڪ درويش پيدا ٿيو. هن ڀوري ڀڳت ڪي هنگلاج ماتا درشن ڏنو ڀوگل جي ڀڳتي جي ڪري ئي ڏيٿا ونس اجاگر ٿيو.)

تنوج دوئي ڀوگل تڻان مالو ني مهڏير
ماهٺ ڏارو مال ري ست جلميا سڏير

(ڀوگل جا ٻہ پٽ مالو ۽ مهڏير ٿيا. مالي جا ماهٺ ۽ ڏارو ٻہ سپوٽ پٽ ٿيا)

ماهٽ وڏ ڀاڳي مدي جڻ گهر ڀاڀڻ جاڻ
وردائي ڏيول وڏو پورب وچن پرماڻ

(ماهٽ وڏو ڀاڳونڊ هو جنهن جي گهر ڀاڀڻ جنم ورتو جيڪو مهاشڪتي ڏيول کي ڪنوار جي روپ ۾ ونئي آيو. پورب جنم جي وچن سان مهاشڪتيءَ سان وريو)

ڏارو ري ويڪو ڏجر اپجس ڏارو انگ
سراپيو ڏيول سگت سوڍي دوڍي سنگ

(ڏارو جو ويڪو ٿيو. جيڪو ڪپوٽ هو جنهن کي شڪتي ڏيول سوڍي ڏوڏي سميت سراپ (بد دعا) ڏني)

ڀاڀڻ ڏيٿو ڀاپ تيون ڏيول مان دنياڻ
ديد، ڪينڊ مهيپا ڏيپي ست تينون سياڻ

(ڀاڀڻ ڏيٿو جن جو والد ۽ ڏيول ماتا شڪتي ماءُ هئي. اهي ديد، ڪينڊ ۽ مهيپا ٿيئي سپوٽ پٽ چمڪي رهيا آهن)

ياڻو ڪل ۾ هري ڀڳت ڏيٿو متوراداس
راگهو راسو" جڻ رچيو اڄ چهون ڪونٽ اجاس"

(ياڻ خاندان ۾ ڀڳوان جو ڀڳت متورا داس ڏيٿو پيدا ٿيو. جنهن "راگهو راسو" ڪتاب لکيو جنهن جي ساراهہ چوڏس چمڪي رهي آهي)

پوگل ست مهڏير پل ونس تٽڪا وڏ ڀاڳ
ڏيٿو سوجو ڪوي ڏيپي انجس مود اٿاگ

(پوگل جو پٽ مهدير پلي جائو جنهن جو ونس ڀاڳونڊ ٿيو جنهن ۾ سوجي ڏيٿي جهڙو مها ڪوي شاعر پيدا ٿيو جنهن جي بي حد ساراهہ ٿئي پيئي)

ڇند جهولٽا ري ڇٽا اوپي گهٽا امنگ
همير ڏيتي را حرف سودان کيات سچنگ

(جنهن جهولٽا ڇند (ڇندن جي هڪ نمونو) تخليق ڪيا ان همير ڏيتي جا اکر سوڍن جي سپوتائي کي ساراهي رهيا آهن)

ويدو ڏيتو ويدگان هوئو ڍاٽ ۾ هيڪ
ويداڻي جڻ سون وسي نام امر پڙ نيڪ

(ويدو ڏيتو ڍاٽ ۾ هڪڙوئي هو جنهن جي نالي پويان ويداڻي وسن ٿا.)

مدد خان لي ملقيو ويدو قابل ويک
رائيپال لايو درس لاڪاڻي جس ليک

(مدد خان پناڻ ويدي چارڻ کي قابل وٺي ويو هو جتان رائپال لاڪاڻي واپس وٺي آيو)

تاجي لاڪيٽو تري ڏيتي کيتي ڏيڌ
موج بروڻ چتوڙ مجهه ڪٽي هوڏ نهين ڪيڌ

(کيتي ڏيتي خيرات ۾ گهوڙو تازي ڏنو هو چتوڙ ۾ اهڙي سخاوت جي ڪنهن به هوڏ نه ڪئي)

ڏيتو گيتان ۾ ڏيپي نيتو وڏ هٿ نام
ڍاٽي اس ريجهان ڏروي وڏ ڏاتا وريام

(وڏي دل جو مالڪ سخي ڏاتار نيتو ڏيتو گيتن ۾ چمڪي رهيو آهي، ڍاٽ جي ڌرتيءَ جو هي وڏو ڏاتار ماڻهو هو)

ڌرا سٽيجي ڍاٽ ۾ جاچگ مک گهڻ جاڻ
ڏيتي واگهي را ڏيا وڏنگ تٽان واڪاڻ

(ڍاٽ جي ڌرتيءَ جي واگهي ڏيتي جي ڏنل گهوڙن جا واکاڻ هندين ماڱين هلن ٿا. سخي ڏاتار واگهي ڏيتي کي هر منگتو تمام گهڻو سڃاڻي ٿو)

جل ري جگهه جان رو ڪانهٽي رک خيال
چرو ڪرايو چارٽان گهرت پکال ۾ گهال

(ڳوٺ ڪانهيٽي جي چارڻ ڄاڄين کي گيهہ سان هٿ ڌوئاريا هئا. ويجهي ڳوٺ مان پاٽي جي پکال ٿوري دير سان پهتي، تنهن ڪري ڄاڄين پاٽي جي شڪايت ڪئي، تڏهن هڪ چارڻ پنهنجي گهران نج ڳائي گيهہ جي پکال پري ڄاڄين جا هٿ ڌوئاريا ان تي هر ماڻهو حيران ٿيو هو.)

پاتو راگان پارکو رٹچي روست راڻ
هوئو لکاٽي ڪانهٽي چتر ڪنٺ پهچاڻ

(چارڻ راڳ جا پارکو هوندا آهن ڳوٺ ڪانهيٽي جو راڻجي ولد رٹچوجي چارڻ راڳ جو وڏو ماهر هو. هو ڳلي مان سجاٽي وڻندو هو تہ گيت ڳائيندڙ وڏوا آهي يا سهاڳڻ. پرٽيل آهي يا ڪنواري رٹچو لکجي جو پوٽو هو)

وڏو گهراڻون ٻارٽان اوپيو ڍاٽ انوپ
ڪاڻ گٽان ري ڪاهيٽي راڻ ستن ڪوي روپ

(چارٽن جو هڪ وڏو خاندان ڍاٽ جي ڌرتيءَ تي انمول رتن ٿي چمڪيو آهي، ڳوٺ ڪانهيٽي ۾ گٽن جي کاڻ هئي، راڻجي جو پٽ وڏو شاعر ٿي گذريو هو)

چارنور رو چانٹو دت وت ۾ سکڏان
گهوڙ ڪل ڪيرت گهٽي مونگارٹ گهڻ مان

(سکڏان چارڻ ڳوٺ چارنور جي روشني هو. گهوڙ نک سان تعلق رکندڙ سکڏان گهر آيل مهمان جي وڏي مرجات رکندو هو. جيءُ جيءُ ڪري منوهار ڪندو هو.)

ست سپوت سکڏان رو ڏيسي پرتاپ ڏان
وينجهار سر ديپل وسي گڍوي ڪل گٽوان

(سکڏان جو پٽ پرتاب ڏان تمام گهڻو سپوٺ ٿيو جنهن گڍوي (چارڻ) ڪل کي گٽن سان مالا مال ڪيو)

ڍاٽي ڪوي جيساڻ ڏر پات گهوڙ پرڀيس
مان ڪيو مهماڻ رو هري رو ڏيان هميس

(جيسلمير جي ڌرتيءَ تي هڪڙو ڍاٽي ڪوي پاتو گهوڙ مشهور شاعر هو. وڏو مهمان نواز ۽ ايشور جو ڀڳت هو)

پريمي ري ويري پٽان سوجو گهوڙ سجاڻ
ڏيپيا ڀڳت ڀهون ڏيڪرا اوگت ڏن ايهناڻ

(ڳوٺ ”پريمي ري ويري“ جو سوجو گهوڙ سپوٽ چارڻ هو جنهن جا ٻئي پٽ ايشور جا ڀڳت ٿي چمڪيا)

ڀلو هوئو ماڌو ڀڳت ڀلي ڏيانگر ڀرات
جلميا چارڻ جات ۾ گٽو ڍاٽ سوغات

(ماڌو ڀڳت تمام ڀلو انسان هو. ان جو ڀاءُ ڏيانگر بہ ايشور پراٽي هو. چارڻ ذات ۾ پيدا ٿيندڙ اهي ٻئي ڀائر ڍاٽ لئہ سوکڙي هئا)

پيما ويري واس ڀل ڪومڏان ڪوي خاص
رچ دي ”رنگ ترنگٽي“ پنگل ڪيو پرڪاس

(ڳوٺ پيما ويريءَ جو مشهور چارڻ ڪوي ڪومڏان هو. جنهن ”رنگ ترنگٽي“ نالي ڪتاب لکيو. ان تخليق پنگل ادب کي چمڪائي ڇڏيو)

